بسم الله الرحمن الرحيم

بَلَغَ العُلیٰ بِکَمَالِہٖ

کَشَفَ الدُّجیٰ بِجَمالِہٖ

حَسُنَتْ جَمِیعُ خِصَالِہٖ

صَلُّوْاعَلَیْہِ وَاٰلِہٖ

تذڪرهٔ مرتضائيه

حاتمِ دوران، غوثِ زمان، محبوبِ عوام و خواص، قبلہ عالم
حضرت پير سيد غلام مرتضيٰ شاه جيلاني

حسبُ الارشاد

مرشدي قبلہ حضرت الحاج سيد عبدالفتاح شاه جيلاني
(المعروف سائين محمد موريل شاھ جيلاني دامت برڪاتهم العاليہ)
دربارِ عاليہ جيلانيہ غوثيہ گمبٽ شريف

كتاب جو نالو: تذڪره مرتضائيه

تاليف: محمد علي سهتو

معاون و مددگار: پروفيسر محراب علي لاڪو

نظر ثاني: سيد زين العابدين شاھ راشدي، فقير رجب الدين سومرو، مولوي غلام اڪبر اڄڻ، مولوي شمس الدين خواجه، الحاج محمد ملوڪ چانڊيو، حافظ دين محمد پٽو.

ڪمپوزنگ: محمد علي سهتو.

ڇاپو: پهريون...سن 2013ع

تعداد: هڪ هزار

هديو:

ملڻ جو هنڌ: قبله الحاج پير سيد عبدالفتاح شاه عرف محمد موريل شاھ جيلاني دامت برڪاتهم العاليه درباِر عاليه غوثيه جيلانيه گمبٽ شريف (تعلقه گمبٽ، ضلع خيرپور ميرس، سنڌ)

فون نمبر: 03003152775 03003188417

ڇپائيندڙ: بزمِ غلامانِ مرتضائيه درگاھ غوثيه جيلانيه گمبٽ شريف. ضلع خيرپور ميرس. سنڌ.

فهرست

1. حمدِ باري تعاليٰ ....
2. نعتِ مصطفيٰ ﷺ ....
3. منقبت غوث الاعظم، محبوبِ سبحاني ....
4. منقبت شانِ مرشد ڪريم حضرت پير سيد غلام مرتضيٰ شاه جيلاني ....
5. منقبت حضرت پير سيد غلام مرتضيٰ شاه جيلاني ....
6. مدح حضرت پير سيد غلام مرتضيٰ شاه جيلاني ....
7. ملهه مهانگو ان جو "سيد زين العابدين شاهه راشدي" ....
8. دم دستگير"پير سيد محمد موريل شاهه جيلاني" ....
9. اظهارِ راءِ "حافظ دين محمد پٽو" ....
10. اظهارِ تشڪر "محمد علي سهتو" ....
11. غوث الاعظم، محبوبِ سبحاني، حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني ....
12. حضرت پير سيد غلام مرتضيٰ شاهه جن جو خانداني پس منظر ....
13. اعليٰ ڪرامت ....
14. شاديون خانہ آباديون ....
15. درگاهه عاليہ گمبٽ شريف ....
16. حضرت پيرسيد عبدالرزاق شاهه جيلاني جن جي روحانيت ....
17. زباني نقل ....
18. درگاهه شريف ۽ مسجد شريف جي تعمير متعلق روح افروز روايت ....
19. حضرت پير سيد ابراهيم شاهه جيلاني ....
20. حضرت پير سيد ابراهيم شاهه جن جي اولاد ....
21. حضرت پير سيدشمس الدين شاهه جن جي اولاد ....
22. حضرت پير سيدخميس علي شاهه جي اولاد ....
23. شجرومبارڪ ....
24. الحاج پيرسيد غلام مرتضيٰ شاهه جيلاني جي اولاد ....
25. الحاج پير سيد محمد شاهه جي اولاد ....
26. الحاج پير سيد محمد موريل شاهه جيلاني جي اولاد ....
27. تعارفي ڪلمات، سيرتِ مرتضٰئيہ ....
28. مشتے از خروارے۔۔ حضرت پير سيد غلام مرتضيٰ شاهه جيلاني جن جي حياتِ مبارڪ جون ڪجهه روح افروز ڪرامات ....

29. جڏهن بندو الله جي نور ۾ فنا ٿي ويندو آ ....
30. اسان جي مريدن جي نشاني گهڻي صلوٰت شريف پڙهڻ آهي ....
31. ٽيپهري نماز دير سان پڙهڻ جو سبب ....
32. سائين ڪريمن جو مسجد ۾ ويهڻ ۽ صلوٰت پڙهائڻ ۽ دعا گهرڻ ....
33. جِنُ ته وجي لڪو آ ڪوهه ڪاف جبل جي پٽر هيٺان ....
34. ٻڏندڙ ٻيڙيءَ کي تارڻ ....
35. سئو اُٺَ مان ڏٻري اُٺَ جي پارٽَ هجيوَ ....
36. دُعا سان شادي ٿيڻ ....
37. تون مريدياڻي اسان جي آهين ....
38. قصيده غوثيه جي اجازت ....
39. مفتي محمد رحيم سڪندريءَ کي تعويذ لکڻ جي اجازت ڏيڻ ....
40. ڪم ڪجي ته صحيح طريقي سان، نه ته نه ڪجي ....
41. ديوان کي درود پاڪ پڙهائڻ ....
42. مريد جو پري کان سڏڻ ۽ سائين ڪريمن جو گمبٽ ۾ ٻڌڻ ....
43. پُٽ جي بشارت ڏيڻ ....
44. جي اوهين چئو ته ٻيڙيءَ کي لوڏو ڏيون ....
45. خواب ۾ حج ڪرائڻ ....
46. خدمت گار مائيءَ جو هٿ وني محبوب ڪريمن ﷺجي هٿ ۾ ڏيڻ ....
47. جنهن به شخص اچ اسان جي پويان جمعي نماز پڙهي آ، ان جي جنت جا ضامن اسان آهيون ....
48. اجان ويهه، ڪجهه ڏس ....
49. گيهه به ڪٽي آيو آهين ته چور به ورتيون آيو آهين ....
50. سائين غلام مرتضيٰ شاهه جيلاني وقت جا غوث آهن ....
51. سائين ڪريمن جو فرمان، ڪيرُ بابا؟ ....
52. اسان محبت واري هر مريد سان گڏ آهيون ....
53. فرض نماز جي دعا کان پوءِ ڪلندا چو آهيو؟ ....
54. گامڻ جو درگاهه جي ڪاٺين لاءِ وڃڻ ....
55. مسجدِ نبوي ۾ امامت ڪرڻ ....
56. سائين ڪريمن جي آمد تي موسم جو خوشگوار ٿي وڃڻ ....
57. سعودي عرب ۾ جيل ۾ قاتل مريد جي داد رسي ....
58. ملتان ۾ مريد جي گهر جو پهرو ڏيڻ ....
59. ننڊ عبادت جن جي ....

60. ولايت جي هن بحر جو ڪو اندازو لڳائجي ....
61. فقير، غار واري خواب جو ته احوال ڏيو ....
62. ماستر جو نگاهه متي ڪرڻ سان بيهوش ٿي وڃڻ ....
63. سائين ڪريمن جو درياهه ڏانهن خط ....
64. درياهه ڏانهن پاڻي روڪڻ جو خط ....
65. حضرت سخي صالح شاهه جن جو سائين ڪريمن ڪي هنج تي ڪڻڻ ۽ بشارت ڏيڻ ....
66. ڄايل ڌيءَ ڪي پٽ بڻائڻ ....
67. خبردار، متان ڪٽ ڪي هيٺ اڇلايو اٿوَ ....
68. قبي جي چوٽيءَ تان هيٺ ڪرڻ ۽ بچي وڃڻ ....
69. مائيءَ سان وعدو ۽ پاڻيءَ مان ڪڍڻ ....
70. قصيده غوثيہ جي اجازت ....
71. زورن ڏيڻ واري سان مهرباني ....
72. هي ته اهو ئي ٽانگي وارو آهي! ....
73. گڏهه مارڻ جي سزا اڳ ۾ ئي ٻڌائي ڇڏڻ ....
74. گمشده سوني ڪوڪي جو ڪُڪڙ جي گُجيءَ مان ملڻ ....
75. سائين ڪريمن جي صورت جو تصور پچائيندڙ ديوان ....
76. دلمراد فقير لوڙهائيءَ ڪي روحاني تصرف سان گهرائڻ ....
77. ڪنهن جي ڪريل شئي ڪڻجي يا نه؟ ....
78. مريد ڪان فقير جا هٿ چُمرائڻ ....
79. اڃان به يقين نه ٿو اچئي ڇا؟ ....
80. مريد جي دل مان گُمان ڪڍڻ ....
81. ٻڍل شاهه، تنهنجو ڪيسو هن همراهه نه ڪتريو آهي ....
82. مسئلو بيان ڪرڻ ڪان اڳ ۾ ئي ان جو حل ٻڌائڻ ....
83. عطا محمد پڪ ڪري آيو آهين يا نه؟ ....
84. هي به سندس ذات جي تعظيم آهي ....
85. تنهنجي پٽ کي لڳل گوليءَ جو نشان به نه هوندو ....
86. پٽ جو عطا ٿيڻ ....
87. پاڻيءَ جي سئو گهڙن سان فالج واري ڪي شفا ....
88. وڏيري جي هار، مريد جي سرسي ....
89. ريل گاڏي جيستائين توهان ڪي نه ڪڻندي، تيستائين ڪيڏانهن نه ويندي ....
90. غلام مرتضيٰ شاهه جيئرو آهي ته وڃي ننڊ ڪريو ....
91. ڏاچيءَ جو چوري ٿيڻ ۽ پنجوڙي ٿوڙائي موٽڻ ....

92. سخت بخار جو پنجن منٽن ۾ ڇڏي وڃڻ ....
93. نامرد کي مردانگي طاقت جو عطا ٿيڻ ....
94. مريدياڻيءَ جي خوني پٽ جي سزا معاف ڪرائڻ ....
95. محمد ايوب کهڙا تون پاڪستان جوصدر ٿيندين؟ ....
96. غريب مريد کي وڏيرو بنائڻ ....
97. وڃ ماستر! تون ڏوڪريءَ جو چيئرمين آهين ....
98. مادرزاد خُسري کي ڏاڙهي ملڻ ....
99. سڪل عضون جو سائو ٿيڻ ....
100.جيئن ملان چوي ٿو ائين ئي ڪريو ....
101.غلام مرتضيٰ کي آزمائڻو اٿئي ته ائين ڪري ڏس ....
102.فقير!تنهنجا مائٽ تو سان نهڻ لاءِ تيار آهن ....
103.ڪدڙي گاڏي تيستائين نه ويندي جيستائين تو کي نه ڪٽندي ....
104.سُهري کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ سان زال جو ملڻ ....
105.خارش واري جو ڇيٽي سان علاج ....
106.زال کي مارينديں ته جهنم جو ٻارڻ ٿيندين ....
107.آپريشن سياڻي ٿي ويندي ....
108.خون جي ڪيس مان پهرين حاضريءَ تي آزاد ....
109.مولوي نالي منڍي کي دعا ڪرڻ ....
110.ڪنگهه واري مريض کي مکڻ کارائڻ ....
111.مدي جي بخار واري جو گاسليٽ سان علاج ....
112.ٽي بيءَ جو مريض، ٻڪن جي پيئڻ سان چاڪ ....
113.اُٺي چئه يا علي ....
114.تون وڃ تو کي ڪجهه نه ٿيندو. ....
115.هاٿي جيئري لک لهي ته مئي ٻه لکَ ....
116.مريدياڻيءَ کي خواب ذريعي شفا ملڻ ....
117.جڏڙي مريد کي شادي ڪرائڻ ....
118.مريد کي آٿت ڏيڻ ته آفيسر ڪجهه نه ڪندو ....
119.اڪيون سائين ڪريمن جي عشق ۾ ڳاڙهيون هونديون آهن ....
120.بغير ٽڪيٽ جي سفر ڪرائڻ ....
121.استاد مولابخش جي پاءُ جو اغوا ٿيڻ ....
122.استاد مولا بخش جو پنهنجي سِرِ اغوا ٿيڻ ....
123.ڍنڍ ۾ واڳونءَ کان بچائڻ ....

124.استاد مريد حسين ميراڻيءَ کي ڌاڙيلن کان آزاد ڪرائڻ ....
125.مرشد کي سڏ ڪرڻ ۾ ريل جو اسٽيشن ڏانهن واپس اچڻ ....
126.ماستر، تو کي پئسن جي ضرورت هئي، هي پئسا کڻ ....
127.چورن سان ٻه ساٽي ته ياڳين سان ٻه ....
128.مريد کي خواب ۾ پاڻ سان گڏ ماني کارائڻ ....
129.مواليءَ کي نشي لاءِ پئسا ڏيڻ ....
130.مواليءَ کي پنج روپيا ڏيڻ تي مولويءَ جو اعتراض ....
131.مگٺهار کي گهور عطا ڪرڻ ....
132.مريد جي قاتل مينهن کي گپ مان ٻاهر ڪڍڻ ....
133.اُنن جو چورائجڻ ۾ لَڪُڻ جو زمين تي هٽڻ ....
134.هي پير غلام مرتضيٰ شاهه جو مريد آ، هيٺ لاهيوس ....
135.الله جا ٻانها جتي قدم رکندا آهن اها زمين آباد ٿي ويندي آهي ....
136.سائينءَجن جي مريد کي ٻئي بزرگ جو سجاڻڻ ....
137.سائين ڪريمن جو ٻئي بزرگ جي مريد کي سڃاڻڻ ....
138.پنهنجي مريد کي ٻئي بزرگ جو مريد ٿيڻ کان بچائڻ ....
139.باران نماز پڙهائڻ ۾ برسات جو وسڻ ....
140.قاسيءَ جي سزا مان معافي ....
141.رب سائين تو کي هن جو ڪتيو ڪارائيندو ....
142.روحاني سزا مليل شخص کي معافي وٺي ڏيڻ ....
143.پشتو ٻوليءَ ۾ سائين ڪريمن جي دعا ۾ چنگهه نيڪ ڪرڻ ....
144.ٿي ٻيءَ جي بيماريءَ مان دعا سان شفا ملڻ ....
145.سائين ڪريمن جو چور کي مور ٻٽائڻ ....
146.ڪوڙهه جي بيمار جو شفاياب ٿيڻ ....
147.پٽ جي شادي لاءِ ماءُ کان دعا گهرائڻ ....
148.دعا سان ٿي پٽ ڄڻڻ ....
149.جڏهن ماني ڏهين روپئي وڪامندي تڏهن ٻه تون بک نه مرندين ....
150.مريد کي ڏهه هزار ڏئي ڇڏڻ ....
151.درگاهه تي دال جو پاتوڙو پيجڻ ....
152.اجايل جج کي پاڻي پيارڻ جو حڪم ....
153.ڪلهوڙو فقير پيرن جي دال نه ڪائيندو ....
154.لک روپيا ۾ موٽر ڪار ٺُڪرائي ڇڏڻ ....
155.جهڙو الله مڪي ۾ آهي تهڙو گمبٽ ۾ ....

156.درگاهہ ۾ صوفي راڳ جي محفل ....
157. هڪ شخص جي حروفِ مقطعات پڙهڻ دوران سائين ڪريمن جي ڪيفيت ....
158.شعر پڙهڻ سان سواليءَ جو مطلب پورو ٿيڻ ....
159.جيڪي ڪپڙا موڪليا اٿوَ سي ئي مليا آهن ....
160.پنهنجي دربار تي پهچڻ جو حڪم ....
161.ٿي ڏينهن لاڙڪاڻي ۾ ترسڻ ....
162.ڪڏ جي مٿان گاڏيءَ جو اڏامڻ ....
163.پرائي ڍور ۾ ڪو رسو نہ وجهندوآ ....
164. سائين رڪيل شاهہ جو چوڻ تہ اسان دستگير جي در جا پَٽَ فقير آهيون ....
165.مسافريءَ تي نہ نڪرڻ جو سبب ....
166.اڄ رات پاڻ چوريءَ تي هلنداسين ....
167.پٽائي صاحب سان روحاني ڪچهري ....
168.بزرگن جي سائين ڪريمن وٽ حاضري ....
169.مست فقير جو درگاهہ تي اچڻ ....
170.ذوالفقار علي ڀٽُو جي درگاهہ شريف تي حاضري ....
171.سائين ڪريمن جو ڀٽي صاحب کي درگاهہ شريف تي مٿوڍڪرائڻ ....
172. مولوي جو ڏاڙهي مبارڪ تي اعتراض پر پوءِ پيرن تي هٿ رکي معافي وٺڻ ....
173.ماڻهوءَ جي پيٽ مان جيئري پلي جو نڪرڻ ....
174.ڇوڪريءَ طرفان شاديءَ کان انڪار تي سزا ....
175.بلا نہ کاڌس ڇا؟ ....
176.مرشد سان ڪوڙ ڳالهائڻ جي سزا ....
177.سائين ڪريمن جي مهربانيءَ سان باهہ جو رخ مٽڻ ....
178.سائين ڪريمن جي مهربانيءَ سان پوليس کي ڪجهہ نہ مليو ....
179.وڏيرا، اڄ پٽڪو نہ ٻڌو اٿئي؟ ....
180.تون ڳوٺ وڃ، تنهنجي شادي ٿي ويندي ....
181.پريان فقير وينو آهي، ان کي ڏيو تہ پَڪُڙَ ٿاهي ....
182. مريد جو گهر کان نڪرڻ ۽ سائين ڪريمن جو ان جي پسند جو ننگر تيار ڪرائڻ ....
183.فقير، هي پئسا اسان کي واپس نہ ڪجو ....
184. فقير مير محمد لوڙهائي جن کي حضور پاڪ ﷺ جي مجلس ۾ موڪلڻ ....
185.اوهان کي روزانو پنج روپيا وهاڻي هيٺان ملندا رهندا ....
186.اسان جا محبوب ﷺ تہ مديني وارا آهن ....
187.اوهان کي هاڻي ڏيءَ ڄمندي، بي فڪر رهو ....

188.اوهان تي ڏينهن ڪبڙ پيئو ....
189.جڏهن درگاهه تي پهچون ته اسان کان ڪڙپ ٻيا لهرائن ....
190.گم ٿيل مينهن جو سائين ڪريمن جي دعا سان جهنگ مان ملڻ ....
191.اوهان پهرين ڪلاس ۾ پاس ٿيندئو ....
192.شاهه محمد توکي ريل ڪٿي ڪٽي وئي؟ ....
193.وجو باباءِ ننگر لاءِ ڏاڙهون وٺي اچو ....
194.جلندر جي بيماريءَ واري کي خواب جي ذريعي شفا عطا ڪرڻ ....
195.اٺون ڏينهن اٿس، مرشد جي ڳولها ۾ آهي ....
196.اکين کان نابين شخص کي اک جي ڪير وجهڻ سان نور عطا ٿيڻ ....
197.هي دستگير جو در آ، هتي سڀ ڪوئي ايندو ....
198.توهان کان ڪوبه ڪرايو نه گهرندو ....
199. قريشي خليفي جو هٿ سائين محمد شاهه بغدادي جن جي هٿ ۾ ڏيڻ ....
200.سائين ڪريمن جي دعا سان پٽ جي اولاد جو عطا ٿيڻ ....
201.مئٽرڪ جي پيپر ۾ غير حاضر شاگرد کي پاس ڪرائڻ ....

حمدِ باري تعاليٰ

ابتدا قرآن ڪئي جنهن جي ثنا ساراهہ سان،
حمد جي صورت ۾ ان تي چا لکي مان چا لکان!

سڀ کان اول سڀ کان آخر، ظاهر و باطن بہ هو،
هن ڪي سمجهڻ حقہٗ جي لاءِ قاصر آهيان،

جو بہ دنيا ۾ وڏو آ، آ انهيءَ کان رب وڏو،
تا بڌون الله اڪبر، ڳالهہ پڌري آ اتان.

ڪبريا جي قدرتن جو رنگ آ هر روز نئون
مون پڙهيو قرآن ۾ آ، ڪل يوم هو عيان،

هن وڇايو آهي ڌرتيءَ کي اسان لاءِ فرش طور،
هن بنا توڙيءَ ٿنڀي جي ڇت بڻايو آسمان.

آ سڄي مخلوق جو خالق ۽ مالڪ بادشاهہ
ڪو ذرو ناهي ڳجهو ڪنهن جاءِ تي الله کان.

پنهنجي مرضيءَ سان ٿو جنهن کي بادشاهي ڏئي ڪسي،
ڪير آ جو دم هڻي هن سان مخلوقات مان.

زندگي ۽ موت جا هو خود ڪري ٿو فيصلا،
هن جي هٿ ۾ آهي هر شيءِ، ان کان وڏ ٻيو چا چوان.

ست سمنڊ جي مَسُ ڪجن ۽ وڻ ٿين سارا قلم،
پوءِ بہ سمجهو گهٽ ۾ گهٽ آهن خدا جي مدح کان،

لفظ ڪي اعليٰ هجن جن سان ڪجي رب جي ثنا
ڳُلُ بخاري آهي ناقص لفظ آڻيندو ڪٿان؟

نعتِ مصطفيٰ ﷺ

شان تنهنجو ڇا لکان مان شان وارا مصطفيٰ
ڪھڙي طاقت آ قلم ڪي منهنجا پيارا مصطفيٰ.

وڻ جدا ٿي پاڙ ڪان پيا اَمُر تنهنجي سان اچن،
چنڊ ڪي چيري وڌن تنهنجا اشارا مصطفيٰ

پھڻ پي توتي پڙهن پيا لا الٰہ الا الله
ڳوهہ ڳالھايو تہ بر حق آن پيارا مصطفيٰ.

سج وارو تاب توتي ڪو نہ پي قادر سَتو،
چو تہ چانويرا ڪندا ها، ڪڪر ڪارا مصطفيٰ.

هي سڄو سنسار سائين تنهنجي خاطر آ ٿيو،
جِنَ، حورون، مَلڪَ، پريون صدقي سارا مصطفيٰ.

عزمي چئي هو هر نبيءَ ڪي ڪو نہ ڪوهڪ معجزو،
تون سراپا معجزو آن، اي سونهارا مصطفيٰ

مدح

شانِ حضرت غوث الاعظم، محبوبِ سبحاني پيرانِ پير دستگير، شيخ عبدالقادر جيلاني

دامـــــن جـــــنهن جـــــي مـــــون آ جهَلـــــي،
جيلانـــــي ڪنـــــدو ســـــڀ جـــــي پَلـــــي،
حســـــن، حســـــين جوپيـــــارو آ،
پـــــاڪ نبـــــي ﷺ جـــــو دلارو آ،
پنجـــــتن ســـــوا ٻـــــي نـــــاهي ڳلـــــي.

ٻـــــيڙيءَ جـــــو جـــــنهن ٻيـــــڙو تـــــاريو،
پنهنجـــــي نظـــــر ســـــان ڪنـــــاري پڄـــــايو،
يٽڪـــــين ڇـــــو ٿـــــو، آءُ هلـــــي.

دَرَ تـــــي جهُڪـــــي جيڪـــــو نيـــــت ســـــان،
کُلـــــف کُلـــــن تَـــــنهن جـــــي قســـــمت جـــــا،
دَرَ تـــــي اچ، وينـــــدئي يـــــاڳ کُلـــــي.

صـــــالح يـــــائي اهـــــا پـــــڪ آهـــــي،
پـــــوري ٿينـــــدي جيڪـــــا ســـــڪ آهـــــي،
دامـــــن ڏينـــــدو دســـــتگير دِلـــــي

حضرت پير سيد محمد صالح شاهہ جيلاني

منقبت شانِ مرشد ڪريم

واهر ڪر تون سائين قرب ڪر تون سائين،
پرين پهچ پيارا غلام مرتضيٰ سائين گمبٽ وارا.

ڪئي اتم نه نيڪي عمر وئي اجائي،
ڪرائج پار پل صراط، تي پارت اهائي.
مرڻ ويل ڪلمو پڙهائج پيارا.

غمن جي بحر ۾ غرق تي وياسين،
هلائي سي حيلا سائين ٿڪاسين،
نظر ڪين آيا تو ريءَ ٻيا ڪنارا.

تو در جوآيو ويندو ڪين خالي،
اصل ڪان مان آهيان سائين تو در سوالي،
ٻئي در نه وڃبو پرين پاڪ پيارا.

محمد بخش سومرو، ڳوٺ ٽريچا، لڳ ڳيريلو

منقبت حضرت پير سيد غلام مرتضيٰ شاه جيلاني

منهنجو پير ڪامل مرشد منو آ،
غلام مرتضيٰ سائين خدا جنهن ڏنو آ.

حقيقت طريقت سيڪاري اسان کي،
سچي راهه رستو ڏيکاري اسان کي،
جدا ناهي جانبُ، سدائين ڳنو آ.

شريعت جو پابند پرين پاڻ آهي،
خدا در وينو آهي سِرڙو جهڪائي،
متس نور نبوي سدائين اُتو آ.

ڏسي جيءُ جانب جو دلڙي نري تي،
اهڙي سڄڻ کان تون پل نہ پري ٿي،
انهيءَ کان نہ پڇبو سِر جو سَتو آ.

يارهينءَ رات مومن ملهائي تہ ڏس تون،
دستگير سان دل لڳائي تہ ڏس تون،
جيڪو نہ مڃي تنهن کان رب پي رُنو آ.

جيلاني مدرسو جو آباد آهي،
غلام مرتضيٰ سائينءَتي اعتقاد آهي،
مُلڪن سين ۾ چند جان چٽو آ.

عباسي اسان جو ٿيو بخت باري،
اڳڻ آيو مُرشد لڳي وئي بهاري،
پنجل جاڻ پڪ ئي منڪر مُنو آ

(پنجل عباسي).

مدح

حضرت سخي پير سيد غلام مرتضيٰ شاهه جيلاني

تـــــون ئـــــي اجهـــــو منهنجـــــو آهـــــين،
تـــــون ئـــــي ڏجهـــــو منهنجـــــو آهـــــين،
تـــــو بـــــن نـــــه هڪـــــڙو پـــــل سَـــــري،
سڻ مرشدي يا مرتضيٰ، يا مرتضيٰ سڻ هيءَ صدا.

آهـــــي ســـــڏ ۾ مـــــونکي ســـــڏ مليـــــو،
آهـــــي راهـــــه جـــــو رهبـــــر مليـــــو،
پـــــوءِ ڪيـــــئن ٿيـــــان تـــــو کـــــان پَـــــري.
سڻ مرشدي يا مرتضيٰ، يا مرتضيٰ سڻ هيءَ صدا.

آهـــــي پـــــڪ اهاڪنـــــدين مهـــــر تـــــون،
ڏينـــــدين ســـــڏ ۾ مـــــونکي ســـــڏ تـــــون،
هـــــي جـــــان چـــــو ڳڻتـــــين ڳـــــري.
سڻ مرشدي يا مرتضيٰ، يا مرتضيٰ سڻ هيءَ صدا.

جيڪـــــي گهـــــران تـــــو کـــــان گهـــــران،
تـــــو کـــــي ڇـــــڏي ٻيـــــو ڪيـــــئن وڃـــــان،
ٻـــــي هنـــــڌ نٿـــــي هـــــيءَ دل ٺَـــــري،
سڻ مرشدي يا مرتضيٰ، يا مرتضيٰ سڻ هيءَ صدا.

ان لائـــــق يـــــي آهيـــــان ڪٿـــــي،
تنهنجـــــو نـــــانءُ آڻيـــــان وات تـــــي،
هـــــي حجـــــت ڪمينـــــو ٿـــــو ڪَـــــري.
سڻ مرشدي يا مرتضيٰ، يا مرتضيٰ سڻ هيءَ صدا.

هــــن حــــال تــــي تــــون پيــــالُ ڪــــر،
پنهنجــــي ڪُتــــي جــــو خيــــالُ ڪــــر،
جــــو دم جيئــــي تنهنجــــي ڪــــري.

هــــي عــــرض منهنجــــو قبــــول پــــوي،
واســــطي خــــدا ۽ رســــول جــــي.
سڻ مرشدي يا مرتضيٰ، يا مرتضيٰ سڻ هيءَ صدا.
سڻ مرشدي يا مرتضيٰ، يا مرتضيٰ سڻ هيءَ صدا.

محمد علي سهتو

دعائيه ڪلمات
دم دستگير

حضور پيرانِ پير دستگير محبوب سبحاني غوثِ صمداني نورِ يزداني، سيدنا غوث الاعظم الشيخ سيد عبدالقادر جيلاني الحسني والحسيني رضي الله تعاليٰ عنه جن جي ذاتِ پاڪ سان نسبت جي اهميت کي واضح ڪندي ڪنهن عارف ڪامل جو چوڻ آهي ته:

سگ درگاه میراں شو،چوں خواہی قرب ربانی،
کہ بر شیراں شرف دارد، سگ درگاہ جیلانی۔

يعني، اي طالب جيڪڏهن تون خدا تعاليٰ جي ويجهڙائي گهرين ٿو ته پوءِ اچ، اچي دلبرَ دستگير جي دامن وٺ ۽ پنهنجي خوديءَ کي فنا ڪري بادشاهه پير دستگير جي درگاهه جو ڪتو ٿي پئه ۽ مڙئي شڪ گمان دفع ڪري سندن عشق ۾ فنا ٿي وينو دم دستگير جو ورد پچاءِ ۽ پڪ ڄاڻ ته

اللہ اللہ کیے جانے سے اللہ نہ ملے،
اللہ والے ہیں جو اللہ سے ملا دیتے ھیں۔

خير انديش: پير سيد محمد موريل شاهه جيلاني عفي عنه،
درگاهه جيلانيه گمبٽ شريف

مُلهُہ مهانگوان جو

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمده، ونصلي ونسلم عليٰ رسوله الڪريم وعليٰ آله واصحٰبه وسلم

ڪـــر طريقـــت تڪيـــو، شـــريعت سُـــجاڻ،
هنئـون حقيقـت هيـر تـون، مـاڳ معرفـت مـاڻ،
هـوءِ ثـابوتي سـاڻ، تـہ پسـڻ ڪـان پـالهو رهـين.

اولياءالله جو وجود مبارڪ الله تعاليٰ جي عظيم نعمتن مان آهي، اهي پاڪ جسم مسلمانن مٿان رب پاڪ جا وڏا احسان آهن. انهن جي مُهابي ربّ پاڪ جون رحمتون وسي رهيون آهن. انهن جي ڪري مينهن وسن، فصل ٿين، باغ پچن، وليون سايون رهن، واهہ وهن، گهر آباد، ڪچهريون سلامت ۽ زندگيءَ جون رونقون بحال آهن. انهن جون خانقاهون رحمتِ الٰهي جا دروازا، جنت جا باغ ۽ روحاني شفا خانا آهن. (شانِ ولايت صـ 5)

انهن کي اهو مرتبو ڪيئن مليو؟ بزرگن الله سبحانہ تعاليٰ ۽ سندس محبوب پاڪ ﷺ جن کي راتيون جاڳي ريجهائيو، انهن جي تات طلب ۾ سڄ اپاريو، انهن جي فڪر ۾ پاڻ وساريو، جڏهن پاڻ وسارڻ جي ڪوشش ۾ ڪامياب ٿيا تہ انهن کي عرفان و معرفت جي درياهہ مان هيرا لعل موتي هٿ ايندا آهن، يعني ولايت جي مرتبي کي پهچندا آهن.

سـي پوجـا را پُـرِ ٿيـا سـمنڊ سـيويو جـن،
آنـــدائون عميـــق مـــان، جـــوتي جـــواهرن،
لـــڌائون لطيـــف چئـــي، لالـــون مـــان لهـــر،
ڪـــانهي قيمـــت تـــن، ملهـــہ مهـــانگو ان جـــو.

الله وارن جو خانقاهون، رشد و هدايت، تبليغ و اشاعت ۽ خدمت خلق جا هر دور ۾ وڏا مرڪز رهياآهن. خانقاهہ هڪ اهڙو وسيع ۽جامع اڪر آهي، جنهن جي ادائگيءَ سان اهي تمام ڪم اچي وڃن ٿا، جيڪي خانقاهہ هيٺ هلي رهيا آهن. خانقاهہ ۾ رڳو في سبيل الله تعويذ ناهن ملندا، بلڪہ مدرسو، مسجد، ننگر خانو، تسبيح خانو، ديني روحاني تربيت گاهہ ۽ غريب مسڪينن جو اجهو بہ اهي.

ويتي جنين وٽ، ڏُڪندو ڏُور ٿئي،
تَنَ تنهين سينِ ڪَٽِ، اوڏا اَڏي پڪڙا.

پاڻ ڪريمﷺ جن فرمايو آهي:الله تعاليٰ تنهنجي وسيلي سان اگر هڪ شخص کي بہ هدايت فرمائي تہ تنهنجي لاءِ تمام زمين جي سلطنت ملڻ کان بهتر آهي. (جامع صغير، شانِ ولايت صــ 48) هن حديثِ پاڪ جي روشني ۾ خانقاهہ جو جائزو وٺو تہ الله وارن جون خانقاهون ڪيڏا نہ وڏا فلاحي مرڪزآهن جتان روزانو سوين ڏکايل، مونجهاريل، ملول ۽ سوين بدعتي هدايت وارا، فيض وارا فائدي وارا ٿيندا آهن.

پيرِطريقت، رهبرِشريعت حضرت پير سيد غلام مرتضيٰ شاهہ جيلاني انهن الله وان مان هڪ آهن جن خلقِ خدمت لاءِ وڏا ڪشالا ڪييا، تڏي تي ويهي غريبن جا ڏکڙا ٻڌندي ڪيترائي سج اپاري ڇڏيا. سڄي رات مالڪ جي عبادت ۽ سڄو ڏينهن وري ڏوتين جا ڏک سک سلڻ ۾ گذاري ڇڏيا. الله وارن جي خدمت رياڪاري کان پاڪ هوندي آهي، ڇو تہ هو پاڻ بہ دنيا ۽ دنيا وارن کان ڪنڌائتا ويهندا آهن تہ جيئن رياڪاريءَ جو شبهو بہ نہ رهي. هنن جو هر عمل هر نيڪي، هدايت، وعظ. نصيحت، عبادت هجي، توڙي

خدمت خلق سڀ الله سبحانہ تعاليٰ ۽ سندس محبوب پاڪ، صاحبِ لولاڪ، مالڪِ ڪونين، واليءِ عرب وعجم ﷺ جن جي رضا ۽ خوشنودي خاطر هوندي آهي.

ساري سبحان جاڳي جن ياد ڪيو،
ان جي عبداللطيف چئي مٿيءَ لٿو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، آڳہ اچيو ان جي.

جناب حضرت الحاج پيرسيد محمد موريل شاهہ جيلاني صاحب جن هن ڪتاب کي پنهنجي نگرانيءَ ۾ تيار ڪرايو آهي، فقير ڏانهن ڪتاب جو مسودو نظرثانيءَ لاءِ موڪلي ڏنائون، جيڪي ڪجهہ جلدي جلدي ڪچو پڪو لکي سگهيس سو حاضر آهي. ربِ ڪريم اسان جو خطائون معاف فرمائي ۽ قربِ خاص نصيب فرمائي. آمين.

جناب محمد علي سهتي صاحب سٺي ڪوشش ورتي آهي. رب ڪريم سندس ڪوششون ساڀ وجهي. درگاهہ جي فقيرن، عقيدتمندن لاءِ هيءَ هڪ سوکڙي آهي، پڙهي هنيانءَ سان هنڍائڻ گهرجي.

خيرانديش

فقيرسيد محمد زين العابدين شاهہ راشدي

آستانہ عاليہ قادريہ راشديہ
شادمان ٽائون، ملير ڪراچي،
فون 03332008445

اِظهارِ راءِ

الله تبارڪ و تعاليٰ پنهنجي پاڪ ۽ لاريب ڪتاب قرآن مجيد ۾ اولياءڪرام جو تذڪرو بيان فرمائي جڳڪ پنهنجي ٻانهنَ ڪي خود اها واٽ ڏيکاري ڇڏي آهي تہ جيڪڏهن منهنجو ڪو بہ ٻانهومنهنجن دوستن جو تذڪرو ڪندو تہ آنءُ ان ڪي بيشمار رحمتن ۽ برڪتن سان نوازيندس. سنڌ ڌرتيءَ جي عظيم صوفي بزرگ ۽ شاعرن جي سرتاج لاکيٽي لطيف جي بہ اِها ٻولي آهي تہ

بيت

يا رهجي پرينَ وٽ يا ڪجي پرينَ جي پچار
ان ٻِنهي ڳالهين کان ڌار، ڪل قادر نہ ڪري ڪنهن ڪي.

دورِ حاضر ۾ پرين جي پچار ڪرڻ لاءِ ڪتاب بہ هڪ انتهائي مفيد ۽ موثر ذريعو آهي، انهيءَ ڪري اسان جي مرشد ڪريم سهڻي سائين الحاج سيد عبدالفتاح شاهہ جيلاني، المعروف سائين محمد موريل شاهہ بادشاهہ دامت برڪاتهم العاليہ جن هن ڪتاب کي منظر عام تي آڻڻ لاءِ حڪم فرمايو آهي.

يقيني طور بادشاهہ پيردستگير جي خاندان سان محبت ۽ عقيدت رکڻ وارن سيني مسلمانن ۽ بالخصوص درگاهہ گمبٽ شريف سان وابستہ جملہ جماعت لاءِ هي ڪتاب هڪ انمول تحفو آهي. هن ڪتاب کي ادب ۽ اخلاص سان پڙهڻ وارو شخص ائين محسوس ڪندو تہ هو ڄڻ سخي سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جن جي مجلس ۾ موجود آهي.

صوفياءِ ڪرام جي نظريي مطابق ڪتاب ذريعي فيضياب ٿيڻ وارن جي لاءِ بہ سندن باطني صحبت جي بشارت موجود آهي. بس رڳو ادب ۽ اخلاص شرط آهي.

آخر ۾ هن ڪتاب کان مستفيد ٿيڻ واري هر هڪ شخص تي اخلاقي طور فرض آهي تہ هو دل جي حضور سان دعا گهرندو رهي تہ الله پاڪَ جيڪي اسان کي سائين ڪريمن جي نشاني نصيب ڪئي آهي خدا تعاليٰ ان هستيءَ (يعني مرشد پاڪ سائين محمد موريل شاهہ بادشاهہ) کي صحت ۽ عافيت سان تا دير سلامت رکي. کين ۽ سندن اولادِ پاڪ جي فيض کي شال ڏينهن قيامت تائين جاري و ساري رکي. آمين. ثم آمين.

محتاجِ دعا

عاجز حافظ دين محمد پتو

خطيب جامع مسجد البلال ٽائون شپ لاهور

اظهارِ تشڪر

الله تبارڪ وتعالٰي جا اڻ ڳڻيا ڪرم ۽ لک لک شڪرانا جو مون گنهگار، بي وس، بي سگهہ ۽ نياز مند کي مرشدي قبلا سائين محمد موريل شاهہ بادشاهہ دامت برڪاتهم جن هي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ حڪم فرمايو تہ محبوب الفقراءِ عارفِ ڪامل غوثِ زمان الحاج سخي سيد غلام مرتضٰي شاه جيلاني الحسني والحسيني جن جي حياتِ مبارڪ ۽ خاص طور تي سندن ڪرامات تي مشتمل ڪتاب مرتب ڪريان.

مون کي اهو اندازو بہ نہ هيو تہ سائين بادشاهہ جي ڪرامتن متعلق اسان کي ايترو سارو مواد ملندو، ننڍي هوندي کان ئي بابا سائين ۽ سائين ڪريمن جي ٻين مريدن کان ڪجهہ ڪرامات ٻڌندا پئي آياسين پر هاڻي تہ جڻ ڪو زمين ۾ لڪيل خزانو نڪري پيو آهي جيڪو کُٽي تہ ڪو نہ پيو پر وڌندو پيو وڃي. ڪتاب جي شروعات جيڪڏهن اجان پنج ڏهہ سال پهريان ٿئي ها تہ شايد اسان کي اجان وڌيڪ مواد ملي سگهي ها ۽ سائين ڪريمن جي مبارڪ زندگيءَ جا ڪوڙ سارا لکل ورق سامهون اچن سگهن ها، ڇوتہ گهڻا سارا اهي مريد ۽ عقيدتمند جن سائين ڪريمن سان ڪجهہ عرصو گڏ گذاريو، اُهي گذريل ڪافي سالن دوران هن فاني جهان کي ڇڏي چڪا آهن ۽ ٻيو تہ اجان ڪوڙ سارن مريدن ۽ عقيدتمندن تائين اسان پهچي بہ نہ سگهيا آهيون جن متعلق اسان کي اهو ٻڌايو ويو تہ اهي مريد ۽ عقيدتمند ڪجهہ عرصو سائين ڪريمن سان گڏ رهيا آهن يا انهن سائين ڪريمن جي ڪا ئي ڪرامت ٻڌي يا ڏٺي آهي ۽ نہ ئي وري انهن مريدن کي اها ڄاڻ آهي تہ ڪو سائين

ڪريمن جي حوالي سان ڪوئي ڪتاب بہ مرتب ٿي رهيو آهي. هي ڪتاب محض هڪ ابتدائي ڪوشش آهي. ڏاڍيءَ در دعا آهي تہ شال اسان کي اها توفيق بخشي تہ اڳتي هلي هن ڪتاب کي اجان وڌيڪ بهتر بڻائي مرشدن ڪريمن جي حياتِ مبارڪ جو مفصل احوال سندن مريدن ۽ معتقدن تائين پهچائي سگهون. دستگير پيرانِ پير حضرت شيخ عبدلقادر جيلاني جي اولادِ پاڪ مان گمبٽ شريف واري گاديءَ جي حوالي کان هي پهريون ڪتاب آهي جنهن ۾ ڪنهن حد تائين درگاهه جي قيام ۽ ان جي تاريخ جو مختصر ۽ محبوب الفقراءِ عارفِ ڪامل غوثِ زمان الحاج سخي سيد غلام مرتضٰي شاه جيلاني الحسني والحسيني جن جي حياتِ مبارڪ ۽ خاص طور تي سندن ڪرامات جو مختصر احوال ڏنو ويو آهي. سنڌ جي تاريخ جي تمام گهڻ ڪتابن ۾ گمبٽ جي جيلاني ساداتن جو تذڪرو ملي ٿو، ان جو هڪ سبب خود گمبٽ جي جيلاني خاندان جي رياڪاري ۽ خود نمائي کان پري رهڻ واري سوچ پڻ آهي. ان جو هڪ ننڍڙو مثال مان اوهان کي ڏيندو هلان تہ جنهن وقت قبلا سائين مرشد سيد محمد موريل شاهه دامت برڪاتهم جن سائين ڪريمن جي حياتي ۽ ڪرامات متعلق ڪتاب مرتب ڪرڻ جو حڪم فرمايو تہ مون قبلا سائين جن کي هٿ ادب جا ٻڌي عرض ڪيو تہ قبلاسائين منهنجي دلي خواهش آهي تہ هن ڪتاب ۾ ڪجهہ ذڪر اوهان جي مبارڪ حياتي جو بہ ڪيو وڃي تہ پاڻ سختيءَ سان منع ڪرڻ فرمايائون.

ڪتاب ۾ آندل گهڻي قدر روايتون ۽ نقل سائين بادشاهه جي مريدن ۽ عقيدتمندن وٽان گڏ ڪيل آهن، جنهن ۾ ان مريد يا

عقيدتمند جو نالو ۽ سندس ايڊريس پڻ ڏني وئي آهي تہ جيئن ان روايت جي مستند هجڻ ۾ ڪوئي شڪ يا ابهام باقي نہ رهي، پر پوءِ بہ جيڪڏهن اسان ڪان شعوري يا لاشعوري ڪائي سَهوَ پئجي وئي آهي تہ پڙهندڙن کي گذارش آهي تہ ان سلسلي ۾ مطلع ڪري اسان جي رهنمائي ڪن. اوهان سڀني کي هي گذارش بہ ڪجي ٿي تہ اگر اوهان وٽ ڪائي ڪرامت ڪوئي نقل سائين بادشاهہ جي مبارڪ حياتيءَ جي حوالي ڪان ٻڌل يا ڏٺل آهي تہ اها پنهنجي نالي سان درگاهہ شريف گمبٽ يا مون ڏانهن ڏياري موڪليو يا محض فون تي ميسج ڪريو باقي تفصيل اسان اوهان ڪان پڇي وٺنداسين تہ جيئن انهن ڪرامات کي ڪتاب جي ٻئي ڇاپي ۾ شامل ڪري سگهجي، اسان جي اها بہ ڪوشش آهي تہ هن ڪتاب کي اردو ٻوليءَ ۾ بہ ترجمو ڪري ڇپرائجي تہ جيئن پوري پاڪستان جا ماڻهو هن فيض جي بحرِ عميق مان ڪي موتي ۽ جواهر ماڻي مستفيد ٿي سگهن.

هن ڪتاب کي مرتب ڪرڻ ۾مرشد قبلا سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جن جي پوٽي قبلہ سائين حفيظ الله شاهہ جيلاني دامت برڪاتهم ۽ سندس خدمتگار نادر علي سهتي جو خاص ڪردار رهيو آهي، ڇو تہ سائين حفيظ الله شاهہ بادشاهہ سيلاني مزاج هجڻ ڪري اڪثر سفر ۾ رهندا آهن مختلف مريدن وٽان جيڪي ڪين ملندو رهيو، اهو مون تائين پهچائڻ جي مهرباني ڪندا رهيا، ان ڪان علاوه مرحوم خان محمد جوکيو، صدرجي پٽيون واري جي اولاد وٽان سائين ڪريمن جا پنهنجا لکيل خط مبارڪ جيڪي ملي سگهيا آهن، انهن مان ڪجهہ جيئن جو تيئن ڪتاب ۾ ڏنا ويا آهن. سائين

قبلا مرشد الحاج سيد محمد موريل شاهه بادشاهه دامت برڪاتهم العاليه جن جي بارگاهه ۾ هر وقت مصروف خدمت رهندڙ خاص خدمتگار فقير احمد ٻرڙو جو به مشڪور ۽ ممنون آهيان جنهن ڪتاب جي تاليف ۽ ترويج ۾ ڀرپور ساٿ ڏنو آهي. ان ڪا ن علاوه درگاهه شريف جي خدمت گارن فقير رياض احمد ميمڻ، عابد حسين عباسي ۽ مختيار احمد عباسيءَ به هن ڪارِ خير ۾ پنهنجي دل جي حضور سان حصو ورتوآهي. آخر ۾ آءٌ سائين پرفيسر محراب علي لاڪي صاحب جن جو خاص شڪريو ادا ڪرڻ چاهيندم جن هن ڪتاب ڪي تحرير ڪرڻ ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪيو، هن ڪتاب ۾ جن جن به دامِ درمِ سخنِ حصو ورتو آهي، الله تعالٰي انهن سڀني ڪي ان جو اجرِ عظيم عطا فرمائيندو ۽ مرشد ڪريم به ڪين پنهنجي خصوصي نظر عنايت سان نوازيندا. آمين ثُمّ آمين.

طالبِ دعا:
ائڊووڪيٽ محمد علي سهتو
پير جو ڳوٺ ضلع خيرپور، سنڌ
03003152775

شهبازِلامڪاني، مخدع مڪاني، غوث الاعظم، دستگير، محبوبِ سبحاني حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني

اسلام جي تاريخ جي معروف ترين روحاني اڳواڻ عظيم تر صوفي بزرگ، قطب رباني، غوث الاعظم دستگير حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني جن جي ولادت باسعادت پهرين رمضان المبارڪ 470 هجري ۾ ايران جي مشهور ڳوٺ گيلان ۾ ٿي. اڪثر تذڪره نگار هن ڳالهہ تي متفق آهن تہ حضور غوث الاعظم جن جي ولادت با سعادت گيلان يعني عربي زبان ۾ (جيلان) ۾ ٿي (دائره المعروف).

حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني جن جا تمام گهڻا لقب مشهور آهن، انهن مان محبوب سبحاني، هيڪل صمداني، صاحب الفيض الرباني، پير پيران، مير ميران، محي الدين، شيخ الاسلام ۽ تاج العارفين تمام گهڻو مشهور ٿيا آهن.

سندن ڪنيت ابو محمد هئي اڪثر تذڪره نگارن جو متفق عليہ فيصلو آهي تہ سندن سلسلہ نسب والد ماجد جي طرفان حضرت سيدنا امام حسن سان ملي ٿو ۽ والده ماجده جي طرفان حضرت سيدنا امام حسين سان ملي ٿو. ان ڪان سواءِ تاريخ جي متاخرينِ علماءِ ڪرام مان تقريبا ستر مصنفين ۽ محققين ڪين حسني الاصل سادات ۾ شمار فرمايو آهي. حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني جن جي والده ماجده جو اسم گرامي ام الخيرامتہ الجبار فاطمہ هو ۽ حضرت ابو عبدالله صومعي جي صاحبزادي هئي. حضرت ابو عبدالله صومعي پنهنجي وقت جا معروف ترين صوفي بزرگ هئا ۽ متعدد مشائخ جي محبتن مان فيض ياب بہ هيا ۽ هڪ مستجاب الدعوات وليءَ طور شمار ٿيندا هئا.

درس تدريس، فتاويٰ، خانقاهي تربيت ۽ تصنيف وتاليف سان گڏ و گڏ عام ماڻهن جي اصلاح جي لاءِ حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني جن تبليغ ۽ وعظ جي ڪم جي طرف بہ توجهہ فرمايو. سندن خطبات مان چڱيءَ طرح اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ پاڻ نهايت بلند مرتبي وارا خطيب هئا. پاڻ عام وعظ جي شروعات 561 هہ ۾ ڪيائون. سندن وعظ جي مجلس قاضي ابو سعيد مبارڪ المخزوميءَ جي درسگاهہ ۾ منعقد ٿيندي هئي ۽ شائقين جي ميڙ جو هي عالم هو جو مدرسي ۾ ڪيترائي ڀيرا توسيع ڪرڻي پئي.

حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني جن بيعت ۽ خانقاهي تربيت ۾ اهل ارشاد جي طريقي کي وسعت ۽ تازگي بخشي. سندن زندگي ۾ سندن جاري ڪيل طريقي (عاليہ قادريہ) لکين ماڻهن کي فيضياب ڪري ڇڏيو آهي. سندن وصال شريف کان پوءِ سندن خليفن ۽ قادريہ خانقاهن جو سلسلو نہ فقط عالم اسلام ۾ اصلاح ۽ ارشاد جي هڪ وسيع تحريڪ جي صورت اختيار ڪري ويو. بلڪ غير مسلمن ۾ بہ اسلام جي اشاعت جو هڪ موثر ذريعو ثابت ٿيو ۽ ان جي ذريعي لکين يهودي ۽ مجوسي اسلام ۾ داخل ٿيا.

هڪ ڀيري پاڻ محلہ حلبہ ۾ پنهنجي مهمان خاني ۾ وعظ فرمائي رهيا هئا تہ مٿن حالت ڪشفي طاري ٿي ۽ پاڻ فرمايائو:

(منهنجو هي قدم هر وليءَ جي ڪنڌ تي آهي)

ان مجلس ۾ عراق جا سڀ اڪابرين موجود هئا، سيني اهو ارشاد گرامي ٻڌي ڪري پنهنجا ڪنڌ جهڪايا ۽ پوري زمين تي جتي جتي ڪوئي قطب، ابدال يا ڪو ٻيو ولي الله هو، هر هڪ سيدنا غوث الاعظم جا اهي الفاظ مبارڪ ٻڌندي ئي پنهنجا ڪنڌ جهڪائي ڇڏيا ۽ سندن مجلس ۾ موجود مشائخ مان هڪ شيخ

عارف باالله حضرت علي بن ابو نصرالهيتمي اتي ڪري سندن قدم مبارڪ پنهنجي ڪنڌ تي رکي ڇڏيو.

حضرت خواجہ معين الدين چشتي اجميري انهن ڏينهن ۾ خراسان جي پهاڙن ۾ مجاهدات ۽ رياضات ۾ مشغول هئا، روحاني طور تي حضور غوث الاعظم جومتيون فرمان ٻڌي ڪري پنهنجو ڪنڌ ايتري قدر جهڪايائون جو سندن پيشاني زمين کي ڇهڻ لڳي ۽ عرض ڪيائون(توهان جا ٻئي قدم شريف منهنجي مٿي ۽ اکين تي) حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني خواجہ غريب نواز اجميري جي ان اظهار نياز کان متاثر ٿي ڪري مجلس ۾ فرمايائون تہ سيدنا غياث الدين جي صاحبزادي ڪنڌ جهڪائڻ ۾ سبقت ڪئي آهي جنهن جي سبب عنقريب ان کي ولايت هند سان سرفراز ڪيو ويندو.

حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني 11 ربيع الثاني 841 هجري سومر جي رات عشاء جي نماز کان پوءِ وصال فرمايو ۽ بغداد شريف جي باب الازج ۾ مدفون ڪياويا.

حضرت شاهہ ولي الله محدث دهلوي فرمائي ٿو. امت جي اوليا عظام مان راهہِ جذب جي تڪميل کان پوءِ جنهن شخص ڪامل ۽ مڪمل طور تي ان نسبت اويسيہ جي اصل جي طرف رجوع ڪري اتي ڪامل استقامت سان قدم رکيو آهي، اهي حضرت شيخ محي الدين عبدالقادر جيلاني آهن ۽ انهيءَ سبب جي ڪري چوندا آهن تہ حضور غوث الاعظم پنهنجي مزار شريف ۾ زنده ماڻهن وانگر تصرف فرمائن ٿا

مولوي غلام سرور کهڙائي

حضرت پيرسيد غلام مرتضيٰ شاهہ جن جو خانداني پس منظر

حضرت پيرسيداحمد شاهہ جيلاني ۽ سيد محمد شاهہ جيلاني جو سنڌ ۾ اچڻ

حضور پيرانِ پير، دستگير، سيدنا، غوث الاعظم، جيلاني جن جي اولاد مان حضرت پير سيد محمد شاهہ بغدادي دينِ اسلام جي تبليغ ڪرڻ لاءِ 1189 هجري ۾ سنڌ جي شهر کهڙا ۾ اچي حضرت مخدوم احمدي(وفات 1203 هہ) وٽ رهڻ لڳا. هڪ سال گذرڻ کان پوءِ سندس ڀيو ياءُ حضرت پير سيد احمد شاهہ جيلاني بغدادي بہ کهڙن ۾ اچي ساڻن ملاقاتي ٿيا ۽ واپس بغداد شريف هلڻ لاءِ کين گهڻو ئي زور ڀريائون مگر حضرت سائين پير محمد شاهہ جيلاني کين فرمايو تہ مون کي هينئرَقطب الاقطاب سيدنا غوث اعظم جن سنڌ ۾ئي رهڻ جو حڪم فرمايو آهي. ان ڪري آنءُ بغداد شريف واپس ڪونہ هلندس. بهتر ائين آهي تہ اوهين بہ مون سان سنڌ ۾ گڏجي رهو. ان ڪان پوءِ پير سيداحمد شاهہ جيلاني جن وڏي ڀاءُ جو چوڻ قبول ڪري سنڌ ۾ ئي رهڻ اختيار ڪيو. ٻارنهن مهينا ڪن ٻئي ڀائر، حضرت مخدوم احمدي وٽ رهيا. ان وقت سنڌ تي ڪلهوڙن جي حڪومت هئي. مخدوم صاحب پاڻ بہ روحانيت جو صاحب هيو تنهن سيدن جا روحاني ڪمال ڏسي کين هتي مستقل رهائڻ جون ڪوششون ڪيون. حضرت پير سيداحمد شاهہ کي راڻيپور شهر ۾ ۽ حضرت پير سيدمحمد شاهہ جن کي گمبٽ شهر ۾ديني مدرسا کولي ڏنائون. ٻنهي بزرگن جي تبليغ جو علائقي جي ماڻهن تي ايترو تہ اثر ٿيو جو روزانو سون جي تعداد ۾ سندن مريد ٿيڻ لڳا. (بحوالہ:تاريخ، تذڪره بزرگانِ سنڌ)

اعليٰ ڪرامت:

سنڌ ۾ جيلاني سيد سڳورن جي وڏنڊڙ اثر کي ڏسي اُچ شريف (ملتان) جي پيرن ان وقت جي حاڪم ڪلهوڙن کي چيو تہ پير سيد محمد شاهہ ۽ پير سيداحمد شاهہ جن سيد ناهن ۽ اگر آهن تہ پنهنجي ڪرامت ڏيکارين. اها ڳالهہ ٻڌي ٻنهي بزرگن ڪلهوڙن جي موڪليل ايلچيءَ کي ساڻ وٺي سنڌو درياهہ تي پهتا تہ مبارڪ نالي پنهنجي هڪ خليفي کي مصلو ڏئي فرمايائون تہ وڃي وچ درياهہ ۾ پاڻيءَ تي وڇائي اچ. خليفو حڪم ٻڌي مصلو کڻي وڃي پاڻيءَ تي وڇائي موٽي آيو. اهو ڏسي ڪلهوڙي حاڪمن جي نمائندي حيران ٿي چيو تہ جن جي خليفي ۾ ايڏي روحاني طاقت آهي تہ مرشدن جي روحانيت ڪيتري هوندي؟ تنهن کان پوءِ حضرت پير سيد احمد شاهہ جن درياءَ طرف ويا ۽ مصلي تي نماز پڙهي موٽي آيا تہ ڪلهوڙا حڪومت جي نمائندي ڪين جهڪي سلام ڪيو ۽ سندن معتقد ٿيو ۽ سمورو احوال ڪلهوڙن حاڪمن کي ڏنائين.

شاديون خانہ آباديون:

سيد شهزادن جون اعليٰ ڪرامات ۽ سندن وڏنڊڙ اثرورسوخ ۽ ماڻهن ۾وڏنڊڙ عقيدت ڏسي گمبٽ ۽ راڻيپور جي وندبير(سهتا) ذات جي وڏيرن جيلاني ساداتن جي هنن ٻنهي شهزادن کي پنهنجيون نياڻيون پرڻائي ڏنيون ۽ نذرانہ طور ڪين جهجهي زرعي زمين بہ ڏني.

درگاهه گمبٽ شريف:

درگاهه جيلانيه گمبٽ جي باني حضرت پير سيدمحمد شاهه بغداديءَ جي هڪڙو فرزند نالي حضرت پير سيدعبدالرزاق شاهه پيدا ٿيو جيڪي ننڍي پڻ ۾ ئي فوت ٿي ويو.

حضرت پير سيدعبدالرزاق شاهه جيلاني جن جي ڪرامت

حضرت پيرسيد محمد شاهه جيلاني بغدادي جو فرزند حضرت پير سيدعبدالرزاق شاهه ننڍپڻ ۾ گمبٽ جي هڪ واڻيي(هندو) کان هفتي جي اوڏر تي ڪُهَرَ وٺندو هيو. پاڻ ان کان روزانو ڪُهر وٺندا هئا ۽ هفتي پڄاڻي ڪيس ڪل رقم ڏيندا هئا. هفتي جي پهرئين ڏينهن تي سائين عبدالرزاق شاهه فوت ٿي ويا ۽ هفتي جي آخري ڏينهن تي واڻئي اچي حضرت پير سيدمحمد شاهه جي در جو ڪڙو ڪڙڪايو سائينجن ٻاهر اچي واڻئي کان در ڪڙڪائڻ جو سبب پڇيو. واڻئي ڪين عرض ڪيو ته قبلاسائين! اوهان جو نينگر مونکان روزانو اوڌر تي ڪُهَرَ وٺندو آهي. اڄ ڪيس پيسا ڏيڻا هئا پر ڪيس در اڳيان بيٺل نه ڏسي در ڪڙڪايم. سائين محمد شاهه بغدادي جن ڳالهه کي پروڙي ته ويا پر يقين ڪرڻ لاءِ واڻئي کان پڇيائون ته ڇا عبدالرزاق شاهه اوهان کان هي سڄو هفتو ڪُهر ورتا هئا؟ واڻئي عرض ڪيو ته قبلا سائين! ڪالهه به ورتا هيائين! سائينجن اندر ويا ۽ پيسا ڪڍي اچي واڻئي کي ڏئي سڌا حضرت پير سيدعبدالرزاق شاهه جي مزار مبارڪ تي ويا ۽ ڪين هدايت ڪيائون ته پُٽَ، توهان هي جهان ڇڏي چڪا آهيو هينئر اهڙيون ڪرامتون نه ڏيکاريو.

زباني نقل
پيرسيد مصري شاهہ جيلانيءَ پيرسيد خميس علي شاهہ المعروف سيد جمن شاهہ جيلاني جن جا پڌايل

حضرت پير سيدابراهيم شاهہ جيلانيؒ

حضرت پير سيد محمد شاهہ بغدادي جي فرزند حضرت پير سيدعبدالرزاق شاهہ جن جي وفات ڪان پوءِ حضرت پير سيد محمد شاهہ بغدادي جن بہ عمر جي آخري حد تي پهچي چڪا هئا تہ پاڻ پنهنجي ياءُ حضرت پير سيداحمد شاهہ جيلاني ڪي درخواست ڪئي تہ گمبٽ جي درگاهہ ڪي بچائڻ لاءِ ڪيس پنهجو فرزند عطا ڪن. حضرت پير سيداحمد شاهہ جيلاني جن ڪين پنهنجو ٻيو نمبر فرزند حضرت پير سيدابراهيم شاهہ بخشيش ڪيو. حضرت پير سيدمحمد شاهہ بغدادي جن جي وفات ڪان پوءِ حضرت پير سيد ابراهيم شاهہ گمبٽ جي گاديءَ جو تاج پاتو. حضرت پير سيد ابراهيم شاهہ سني سيرت، صورت ۽ وڏي روحانيت جا مالڪ هئا. سندن ڇهري مبارڪ ۾ غوث الاعظم ميران محي الدين عبدالقادرجيلاني بغدادي جو شعاع نظر ايندوهو. پاڻ وڏا عابد ۽ زاهد هئا. جنهن طرف بہ ويندا هئا تہ سَون جي تعداد ۾ ماڻهو سندن مريد ٿي فيض حاصل ڪندا هئا. سندس مريدن جو سلسلو اوڀر ۾ جيسلمير (هندوستان) ۽ اولهہ ۾ بلوچستان تائين پهچي ويو ۽ گمبٽ جي گادي ملڪان ملڪ مشهور ٿي وئي.

(موجوده درگاهہ شريف ۽ مسجد شريف جي تعمير متعلق بہ ڪا مستند معلومات نہ ملي سگهي تہ ان جي تعمير ڪڏهن ۽ ڪنهن ڪرائي، بقول سيد خميس علي شاهہ عرف سيد جمن شاهہ جيلاني گمبٿ واري جي زباني روايت مطابق تہ حضرت پيرسيد ابراهيم شاهہ جي صاحبزادي حضرت پير سيد قطب الدين شاهہ موجوده درگاهہ ۽ مسجد شريف جي تعمير ڪرائي)

درگاهہ شريف ۽ مسجد شريف جي تعمير متعلق روح افروز روايت

استاذ العلماءُحضرت مولانا مفتي محمد رحيم سڪندري صاحب موجوده خطيب جامعہ سڪندريہ درگاهہ عاليہ راشديہ پيرڳوٺ واري هڪ دفعو جامعہ راشديہ پير ڳوٺ ۾ جمعي نماز جي خطبي دوران ٻڌايو تہ جڏهن گمبٽ درگاهہ شريف ۽ مسجد شريف جي تعمير مڪمل ٿي چڪي تہ گمبٽ درگاهہ جي ان وقت جي گادي نشين حضور پاڪ ﷺ جن جي خدمتِ اقدس ۾ هي عرض رکيو تہ مسجد شريف ۾ پهرين نماز حضور پاڪ ﷺ جن پاڻ پڙهائي مسجد شريف جو افتتاح ڪرڻ فرمائن. سندن اهو عرض حضور پاڪ ﷺ جي بارگاهہِ اقدس ۾ قبول پيو ۽ ارشاد ٿيو تہ ايندڙ جمعي جي فرض نماز جي امامت اسان (حضور پاڪ ﷺ) پاڻ ڪنداسين. گمبٽ شريف جي درگاهہ تي موجود ۽ مسجد ۾ نماز پڙهڻ ايندڙ سڀني معتقدين کي تاڪيد ڪيو ويو تہ اهي ايندڙ جمعي جي نماز تي جڏهن اچن تہ نوان يا ڌوتل ۽ سنا ڪپڙا پهري، ڏندڻ ۽ خوشبو پڻ لڳائي اچن. پر حضور پاڪ ﷺ جن جي آمد مبارڪ کي راز ۾ ئي رکيوويو. مسجد شريف کي گلاب جي پاڻيءَ سان ڌوتو ويو، وقت مقرره تي حضور پاڪ ﷺ جن گهوڙي مبارڪ تي تشريف فرما ٿيا، ليڪن سندن چهرو مبارڪ ڍڪيل هيو، حضور پاڪ ﷺ جن نمازِ جمعہ جي امامت ڪرڻ فرمائي ۽ پوءِ روانا ٿي ويا. ان ڪان پوءِ ان وقت جي گادي نشين پنهنجي جماعت کي مبارڪ ڏني تہ اوهان خوش نصيب آهيو جو اڄ اوهان حضور پاڪ ﷺ جن جي پويان نماز پڙهي آهي.

حضرت پيرسيد ابراهيم شاهه جن جي اولاد

حضرت پير سيد ابراهيم شاهه کي پيرسيد شمس الدين شاهه، پيرسيد غوث محمد شاهه، پيرسيد عبدالرزاق شاهه ثاني، پيرسيد حسام الدين شاهه، پيرسيد محمد شاهه ثاني ۽ پيرسيد قطب الدين شاهه نالي ڇهه فرزند پيدا ٿيا.

حضرت پيرسيد ابراهيم شاهه جي وفات کان پوءِ سندن وڏو فرزند حضرت پيرسيد شمس الدين شاهه گاديءَ تي ويٺو.

حضرت پيرسيد شمس الدين شاهه جن جي اولاد

حضرت پيرسيد شمس الدين شاهه کي پير سيد خميس علي شاهه، پيرسيد محمود شاهه، پيرسيد سومر شاهه، پيرسيد جعفر شاهه نالي چار فرزند پيدا ٿيا.

حضرت پير سيدشمس الدين شاهه جي وفات بمطابق 1307هجري 1890ع کان پوءِ سندس ٻيو نمبر فرزندِ ارجمند حضرت پير سيد خميس علي شاهه بادشاهه جن گاديءَ تي ويٺا. پاڻ اعليٰ صورت ۽ سيرت جا بهترين مظهر هئا، سندن اٿڻي ويهڻي ۽ گفتگو جي طرز بي مثل هئي.

حضرت پيرسيد خميس علي شاهه جن جي اولاد

حضرت پيرسيد خميس علي شاهه کي پيرسيد غلام مصطفيٰ شاهه، الحاج پيرسيد غلام مرتضيٰ شاهه، پيرسيد شاهه مردان شاهه، پيرسيد غلام باقر شاهه، پيرسيد ناصر الدين شاهه عرف پير سيد پچيل شاهه، پيرسيد علي مردان شاهه ۽ پيرسيدعبدالرحيم شاهه نالي ست فرزند پيدا ٿيا.

(نسبي شجرومبارڪ)

حضرت پيرسيد غلام مرتضيٰ شاهه جن حَسَني سيد آهن سندن حضرت امام حَسّن عليه السلام جن سان نسبي سلسلو هن طرح ملي ٿو.

1. حضرت سيد غلام مرتضيٰ شاهه ولد
2. حضرت خميس علي شاهه ولد
3. حضرت پير سيدشمس الدين شاهه ولد
4. سيد حضرت پير سيدابراهيم شاهه ولد
5. سيد احمد شاهه ولد
6. حضرت پير سيد محمد صالح شاهه ولد
7. حضرت پير سيد عبدالرحيم شاهه ولد
8. حضرت پير سيدنورالدين شاهه ولد
9. حضرت پير سيدولي الدين شاهه ولد
10. حضرت پير سيدزين الدين شاهه ولد
11. حضرت پير سيدشرف الدين شاهه ولد

12. حضرت پير سيدشمس الدين شاھ ولد
13. حضرت پير سيدمحمد الهتاڪ شاھ ولد
14. حضرت پير سيدعبدالعزيز شاھ ولد
15. محبوبِ سبحاني حضرت پيران پير دستگير شيخ محي الدين سيد عبدالقادر جيلاني ولد
16. حضرت پير سيدابو صالح محمد موسيٰ جنگي دوست ولد
17. حضرت پير سيدعبدالله جيلي ولد
18. حضرت پير سيديحيٰ زاهد ولد
19. حضرت پير سيدمحمد رومي ولد
20. حضرت پير سيددائود الدهر ولد
21. حضرت پير سيدمحمد موسيٰ ثاني ولد
22. حضرت پير سيدعبدالله صالح ثاني ولد
23. حضرت موسيٰ الجون ولد
24. حضرت سيدعبدالله محسن (المحض) ولد
25. حضرت سيد امام حسن المثنٰي بن
26. حضرت امام حسن بن
27. حضرت سيدنا علي المرتضيٰ

اهڙي طرح حضرت پيرسيد غلام مرتضيٰ شاھ جيلاني جن جو سلسلو حضرت سيدنا علي المرتضيٰ جن سان ستاويهين پيڙهيءَ ۾ وڃي ملي ٿو.

الحاج پيرسيد غلام مرتضيٰ شاھ جيلاني جن جي اولاد

غوثِ زمان حضرت پيرسيد غلام مرتضيٰ شاھ جيلاني کي حضرت پيرسيد محمد شاھ ثاني ۽ حضرت پير سيدعبدالفتاح شاھ المعروف حضرت پيرسيد محمد موريل شاھ جيلاني نالي ٻہ فرزند پيدا ٿيا.

حضرت پير سيد محمد شاھ جيلاني(ثاني) جن جي اولاد

پير سيد محمد شاھ کي پيرسيد اسد الله شاھ،پيرسيد غلام مرتضيٰ شاھ ثاني، پيرسيد عطاءُالله شاھ، پيرسيد سيف الله شاھ، پيرسيد عبدالرحيم شاھ، پيرسيد هدايت الله شاھ، پيرسيد امان الله شاھ نالي ست فرزند پيدا ٿيا.

حضرت پير سيد محمد موريل شاھ جيلاني جن جي اولاد

الحاج حضرت پير سيد عبدالفتاح شاھ المعروف سيد محمد موريل شاھ کي سخي پير سيد محمد عبدالله شاھ جيلاني، پير سيد علي محمد شاھ جيلاني(وصال سن 2008ع) ۽ پيرسيد حفيظ الله شاھ جيلاني نالي ٽي فرزند پيدا ٿيا.

مختصر تعارف

حاتمِ دوران، غوثِ زمان، سيف اللسان، مستجاب الدعوات حضرت پير سخي سائين غلام مرتضي شاهہ جيلاني

حضرت پير سيد غلام مرتضيٰ شاهہ جيلاني جن جي پيدائش سن 1305 هجري ۾ ٿي، سائين ڪريمن عربي ۽ فارسي تعليم آخوند محمد ابراهيم ڪان درگاهہ شريف تي ئي حاصل ڪئي. (سائين سخي پير سيد محمد عبدالله شاهہ بادشاهہ جن جي زباني روايت مطابق تہ ڏاڏا سائين جن حضرت ميان غلام صديق شهدادڪوٽي جن جي مدرسي ۾حافظ امام بخش سومرو جن سان گڏ بہ پڙهيا آهن). سندن والد حضرت سائين پير سيد خميس علي شاهہ بادشاهہ جن جي وصال ڪان پوءِ 1930 ۾ درگاهہ جيلانيہ گمبٽ جي سجاده نشين جي حيثيت سندن دستار بندي ڪئي وئي. پاڻ پهريون حج 1964 ۾ ڪيائون، ان سان گڏ ڪربلا معلٰي، نجف اشرف، بغداد شريف بہ ويا، ان ڪان پوءِ 1967 ۾ ٻيهر حج ڪري آيا. ۽ 1968 ۾ ڪجهہ عرصو بيمار رهڻ ڪان پوءِ جڏهن حيدرآباد ڪان واپس پئي آيا تہ رستي ۾ سڪرنڊ وٽ پاڻ برقع متائي ويا. سندن وصال 26 ڊسمبر 1968 بمطابق 5 شوال 1388 هجري بروز خميس هڪ بجي منجهند جو ٿيو. سندن نمازِ جنازه مولوي عبدالعزيز، شيرِ پنجاب پڙهائي ۽ کين گمبٽ شريف ۾ درگاهہ عاليہ جيلانيہ ۾ رکيو ويو. شوال مهيني جي پنجين تاريخ تي سندن عرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي.

سندن سيرت مبارڪ لاءِ هن گنهگار وٽ لفظن جو ذخيرو ناهي جن سان سندن سيرت مبارڪ جو احاطو ڪري موزون لفظن جي جامي ۾ سمائي سگهان

سائين ڪريم جن انتهائي شفيق، خليق، اديب، خوش گفتار، باڪردار، بردبار، باشريعت، سخي ۽ سباجهي طبيعت جا مالڪ هئا. پاڻ درگاهہ تي ايندڙ مريدن کي چوندا هئا تہ ننگر ڪائي پوءِ گهر ويندا ڪريو. ڪيئي مريد مرشد جي حڪم کي اکين تي رکندا هئا تہ ڪي وري اهوچئي هليا ويندا هيا تہ ننگر لاءِ ترسنداسون تہ ريل گاڏي نڪري ويندي ۽ پوءِ وجي گمبٽ ريلوي اسٽيشن تي پهچندا هئا. خبر پوندي هئي تہ گاڏي بہ ڪلاڪ دير سان ايندي جيڪي مريد ننگر ڪائي پوءِ اسٽيشن تي ايندا هئا. سي بہ ساڳئي گاڏي ۾ چڙهي روانا ٿيندا هئا.

هر جمعي جي ڏينهن تي جمع نماز کان پوءِ درگاهہ جي سامهون نهيل ٿلهيَ تي سورت ڪهف جي تلاوت ڪرائيندا هئا، روزانو سومهاڻي جي نماز کان پوءِ سورت تبارڪ (سورت الملڪ) جي تلاوت ڪرائي پوءِ دعا گهرندا هئا. سائين ڪريم فجر جي نماز کانپوءِ جماعت کي ذڪر ڪرڻ لاءِ چوندا هئا ۽ ان کان پوءِ نماز اشراق پڙهڻ جو حڪم ڏيندا هئا ۽ ان کان پوءِ اجازت ڏيندا هئا. پاڻ اڪثر ڏينهن رات ذڪر ڪندا هئا. ماڻهن کان بہ ذڪر ڪرائيندا هئا ۽ صلوات پڙهائيندا هئا. سندن خدمت اقدس ۾ ذوالفقارعلي ڀٽو، صدر ايوب، محمد ايوب کهڙو، مخدوم طالب المولىٰ، سردار سلطان احمد چانديو، ڄام ڪانيو خان، ڄام صادق علي وغيره مطلب تہ هرطرح جا ماڻهو پير، فقير، وزير مشير، ڪامورا، جج، وڏيرا، سردار، هندو، اوڏ، جوڳي ۽ ٻيا دعا لاءِ ايندا هئا. سندس درٻار مان ڪو بہ سوالي خالي نہ ويو.مسجد ۾ هر وقت پٿرين جو ڍير لڳو پيو هوندو هيو جنهن تي سيني حاضرين کان صلوات شريف پڙهائيندا هئا. سائين ڪريم جن نماز تمام گهڻي خشوع ۽ خضوع سان پڙهندا هئا ٻيو ماڻهو پلي سڄي نماز پڙهي وڃي پر

سائين ڪريمن جو صرف هڪ نفل ايترو تائيم هلندو هو. پاڻ سڄي رات خدا جي عبادت ڪندا هئا. تهجد کان وٺي سندن ورد وظيفا صبح تائين هلندا هئا. ٽيپهري جي نماز دير سان پڙهندا هئا بلڪ ٽيپهري جي نماز سج لهڻ جي قريب پڙهائيندا هئا. جماعت سان نماز جا پابند هوندا هئا صبح جي نماز سج ابرڻ کان ٿورو اڳم پڙهائيندا هئا. قبلہ سائين جو اهو معمول هوندو هو تہ جيڪو بہ ماڻهو سندن خدمت اقدس ۾ ايندو هيو، پوءِ واقف يا غير واقف هجي ان کان پڇڻ فرمائيندا هئا ڪير، بابا؟

سائين ڪريمن جي دربار ۾ سڄو ڏينهن سائل ايندا رهندا هئا ڪو نياڻيءَ جي شاديءَ لاءِ تہ ڪي بيمار علاج جي لاءِ پئسا وٺڻ، پاڻ انهن جا سوال پورا ڪرڻ فرمائيندا هئا پر جي ڪو سوالي گهٽي گُهر ڪندو هو پوءِ ان ڪي ويهڻ لاءِ حڪم فرمائيندا هئا ۽ شام تائين جيڪي ڪين نذرانو ملندو هو، اهو ان ڪي ڏئي ڇڏيندا هئا. ۽ ڪڏهن ڪو جڳهہ نهرائڻ لاءِ عرض ڪندو هو تہ پوءِ ڪنهن سَرنديءَ واري کي حڪم ڪندا هئا تہ هن جي حاجت پوري ڪر. مطلب تہ انسان جي حاجت کي پنهنجي حاجت سمجهندا هئا. نذراني جا پئسا ڪڏهن بہ پنهنجي کيسي ۾ نہ وجهندا هيا، اهي سندن سامهون پيا هوندا هئا ۽ اتان ئي ورهائيندا هيا. پاڻ سخاوت جا اونها سمنڊ هئا سندن سخاوت پاڪستان بلڪ سعودي عرب اجان بہ سڄي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهور آهي.

سائين ڪريمن جي زبان مبارڪ سيفي هئي. سندن زبان مبارڪ مان نڪتل لفظ پورا ٿيندا هئا. سائين ڪريمن وٽان سوالي خالي نہ موٽندو هيو. چاهي اهو وزيراعظم جو سوالي هجي يا خون جي معافي لاءِ هر ڪو ئي من جي مراد وٺي پوءِ ئي موٽيو. سوالي اجان گهران نڪرڻ جو ارادو ڪندو هيو تہ پاڻ ان جي ڪم سان

لڳي ويندا هئا، هر بيمار کي شفا ملندي هئي، ڪوڙهہ ڪان وٺي اکين کان نابين شخص بہ سائين ڪريمن وٽان خالي نہ موٽيا. سائين ڪريم جن سخا جا بحر عميق هئا جتان هر هڪ کي دان ملندو هيو. سندن فيض اڄ بہ جاري و ساري آهي، ڪنهن مريد سائين ڪريمن کان پڇيو تہ قبلا، هينئر تہ اوهين حال حيات آهيو اسان پنهنجون مرادون اوهان جي در ڪٺي پيا اچون ۽ جهوليون ڀري پيا وڃون اوهان جڏهن برقعو متايو تہ پوءِ اسان تي مهرباني ڪيئن ٿيندي؟پاڻ فرمايائونس تہ فقير هاڻي جيئري لڪ تہ مُئي کان پوءِ بہ لڪ، اڙي! تون اسان کي سڏي تہ ڏسجانءِ. سبحان الله!. پاڻ هميشہ مريدن کي چوندا هيا تہ مريدئو! يقين رکو. سائين ڪريم جن انتهائي خوش طبع ۽ خوش مزاج بہ هيا. موقعي جي مناسبت سان ڪو نہ ڪو گفتو اهڙو ڪرڻ فرمائيندا هيا جو محفل باغ بهار ٿي ويندي هئي. سندن جي محفل ۾ وِيهندڙ ماڻهن جي دل ڪڏهن بہ اهو نہ چاهيندي هئي تہ ڪو سائين ڪريمن جي محفل مان اُٿجي.

سندن فيض مان فيضياب ٿي خلقِ خدا جي خدمت ڪندڙن مان حضرت سائين سيد محمد عاشق علي شاهہ جيلاني، حضرت سائين سيد محمد جيئل شاهہ جيلاني، حضرت مولانا محمد عرف نالي منو موري وارا، حضرت سائين فيض محمد فقير لوڙهي وارا حضرت سائين فقير محمد ابراهيم لوڙهي وارا مشهور آهن.

ڪامل مرشد صرف صادق مريد کي ئي نصيب ٿيندو آهي. الله تعاليٰ جي در دعا آهي تہ شل يقين ۽ صدق جي دولت سان اسان جي دلين کي منور ڪرڻ فرمائي. آمين.

طالبِ دعا:

محمد علي سهتو(ائڊوڪيٽ)

مشتے از خروار

غوثِ زمان، پير سيد سخي غلام مرتضيٰ شاهه جيلاني جن جون ڪجهه روح افروز ڪرامات

جڏهن بندو الله جي نور ۾ فنا ٿي ويندو آ

نقل: قبلا مرشد سائين حفيظ الله شاهه جيلاني دامت برڪاتهم العاليه جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته فقير غلام رسول جتوئي لاڙڪاڻي واري ڪين ٻڌايو ته مان سائين ڪريمن جي پويان نماز پئي پڙهي. سائين ڪريمن حسب عادت انتهائي ڊگهي تلاوت پئي ڪئي جو بيهي بيهي ٿڪجي پياسين. مون دل ۾ سوچيو ته اسان ته اجان ڪجهه جوان آهيون جو مڙوئي سَٽَ جهلي ٿا وڃون سائين ڪريمن جي عمر به ماشاءالله اسان کان الاهي گهڻي آهي پر سائين ڪريم ته ٿڪجن ئي نه ٿا. پوءِ دل ۾ سوچيم ته سائين ڪريم امير ماڻهو آهن. مريد به جام اٿن. ڪُشتا وغيره ڪائيندا هوندا، نماز کان پوءِ جڏهن ذڪر مان فارغ ٿيا ته مون کي پنهجي پرسان گهرائي پنهنجي هٿ ۾ منهنجو هٿ وٺي فرمايائون ته فقير! نه اسان ڪشتا ڪائيندا آهيون، نه اسان جا مريد حڪيم آهن، پر جڏهن بندو الله جي نور ۾ فنا ٿي ويندو آ ته نه ان کي بک لڳندي آ، نه اڃ لڳندي آ ۽ نه وري ان کي ٿڪُ ٿيندو آ.

اسان جي مريدن جي نشاني گهڻي صلوات شريف پڙهڻ آهي

نقل: حڪيم محمد مراد شيخ لاڙڪاڻي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هڪ دفعي جماعت جيلانيہ لاڙڪاڻي شاخ جي جنرل سيڪريٽري عبدالحڪيم سرهيہ جن سائين ڪريمن کي عرض ڪيو تہ هر درگاهہ جي مريدن جي سڃاڻپ لاءِ ڪا نشاني هوندي آهي. اوهان بہ پنهنجي مريدن کي ڪا نشاني عطا ڪريو پاڻ فرمايائون تہ اسان جي مريدن جي اها نشاني آهي تہ اُهي صلوات شريف گهڻي پڙهندا رهندا.

ٽيپهري نماز دير سان پڙهڻ جو سبب

نقل: حڪيم محمد مراد شيخ لاڙڪاڻي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ سائين اڪثر ڪري ٽيپهريءَ جي نماز دير سان پڙهائيندا هئا. هڪ ڏينهن پنجاب جو هڪ عالم سڳورو بہ وينو هو. ان سائين ڪريمن کي نماز جلد پڙهائڻ لاءِ عرض ڪيو تہ سائين ڪريمن ڪيس محراب ۾ وٺي وڃي فرمايو تہ سامهون ڏس. هن ڏٺو تہ ان وقت مسجد نبوي ۾ نماز جي اقامت ٿي رهي هئي.

سائين ڪريمن جو مسجد ۾ ويهڻ ۽ صلوات پڙهائڻ ۽ دعا گهرڻ

نقل: پروفيسر محراب علي لاڪي ڳوٺ وڏالاڪا واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ ڪيس عبدالرسول عرف شمن لاڪي ٻڌايو تہ سندس والد علي محمد لاڪو سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جيلاني جو مريد هيو سو اسان کي سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جي زيارت

لاءِ ونئي ويندو هو. اسان سائين ڪريمن ڪي مسجد ۾ وينل ڏسندا هئا سون. مسجد ۾ پٿريون رکيل هونديون هيون جيڪي ماڻهو ايندا هئا تن کي پٿرين تي صلوٰت پڙهڻ جو حڪم ڪندا هئا. حاجت مندن لاءِ دعا ايتري تہ ڏگهي گهرندا هئا جو ماڻهن جون ٻانهون ٿڪجي پونديون هيون ساڻن محبت ڪندڙ تہ آخر تائين دعا ۾ شامل رهندا هئا باقي ماڻهو ٿڪجي مسجد مان نڪري ويندا هئا.

جِنُّ تہ وڃي لڪو آ ڪوهہ ڪاف جبل جي پٽر هيٺان

نقل: قبلا مرشد سائين حفيظ الله شاهہ جيلاني دامت برکاتهم العاليہ جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هڪ دفعي هڪ مائي کي جنُ آيو پاڻ پنهنجي خليفي قريشيءَ کي فرمايائون تہ اوهان هن مائي جي وارن کان وٺو. خليفي مائيءَ جي وارن کان پڪڙيو پر جنُ سندس قبضي ۾ نہ آيو هن سائين ڪريمن کي عرض ڪيو تہ، سائين! جن ونجي ئي نہ ٿو. سائين ڪريمن مائي ڏانهن ڏسي فرمايو تہ جنُ قبضي ۾ ڪيئن ايندو. جن وڃي لڪو آهي ڪوهہ قاف جبل جي پٽر هيٺان. پوءِ پاڻ جڏهن نگاهہ ڪيائون تہ جنُ جهٽ ۾ حاضر ٿي ويو ۽ سائين ڪريمن جو مريد ٿيو ۽ وعدو ڪيائين تہ وري مائيءَ جي ويجهو نہ ويندس.

ٻڏندڙ ٻيڙيءَ ڪي تارڻ

نقل: سيد احمد شاهه بخاري پٽيون صدرجي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته هڪڙي مائي نالي پائتي سائين ڪريمن وٽ حويلي تي اچي رهندي هئي ۽ سائين ڪريمن جي خدمت ڪندي هئي ان ڪيس ٻڌايو ته هڪ ڏينهن سائين ڪريم جن کٽ تي آرامي هئا، ۽ مان سائين ڪريمن جي پيرن کي زور ڏئي رهي هيس ته سائين ڪريم جن اوچتو گم ٿي ويا. وري جهٽ ڪن ڪان پوءِ ڏٺم ته سائين ڪريم جن موجود آهن، مون سائين ڪريمن ڪان پڇيو ته قبلا، ڪيڏانهن ويا هيا ته سائين ڪريمن فرمايو فقيرياڻي، تنهنجي پٽ عبداالطيف جي ٻيڙي وچ درياهه ۾ ڦاسي پئي هئي اها ڪڍڻ ويا هياسين. صبح جو مائيءَ جو پٽ به درگاهه تي آيو ان ماءُ کي ٻڌايو ته رات واقعي هن جي ٻيڙي درياهه جي ڪُن ۾ ڦاٿي هئي ۽ مان اتي سائين غلام مرتضيٰ سهٽي کي سڏيو هيو ته منهجي ٻيڙي نڪري آئي هئي.

سئو اُٺَن مان ڏٻري اُٺَ جي پارتَ هجيوَ

نقل: حاجي قربان سهتي نارو شاهه واري سائين حفيظ الله شاهه جن کي ۽ سائين حفيظ الله شاهه جن وري محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته هو يعني حاجي قربان سهتو هڪ جمعي تي سائين دلمراد فقير لوڙهائي ڏانهن زيارت لاءِ ويو، نماز پڙهي دعا گهري جڏهن دلمراد فقير کان موڪلائڻ لڳو ته فقير صاحب جن فرمايس ته حاجي صاحب! سائين غلام مرتضيٰ سهٽي کي اسان جي طرفان عرض ڪجو ته اوهين جيڪا هڪ سئو اُٺن جي مَهار وٺي حضور پاڪ ﷺ جن جي دربار ۾ ويندا آهيو، ان ۾ جيڪو ڏٻرو اٺ آ، ان جي اوهان کي پارت هجي

دُعا سان شادي ٿيڻ

نقل: مولوي حافظ شمس الدين خواجه سڪندري ڪهڙن واري محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو ته شاگردي واري زماني ۾ جڏهن شهدادڪوٽ ۾ مدرسه فيضِ الٰهي ۾ حفظ ڪندو هيس ته ماستر فيض محمد ڪرل، جيڪو سائين ڪريمن جو مريد هيو ان ڪيس ٻڌايو ته منهنجي شادي ڪو نه ٿي رهي هئي، مجبور ٿي درگاهه شريف گمبٽ آيس، سائين ڪريمن کي سڄي حقيقت ٻڌايم، سائين ڪريمن قريشي خليفي کي فرمايو ته ماستر جي نڪاح جا پتاشا گهرايو ته ورهايون، جماعت ۾ پتاشا ورهايا ويا، پوءِ پاڻ فرمايا ئون ته ماستر توهان ڳوٺ وڃو اوهان جي شادي ٿي ويندي، ڳوٺ ۾ گهر نند پيو هيس ته خواب ۾ به ساڳي ڳالهه فرمايائون ته اها ڇوڪري اوهان جي مَڱ آهي اوهان کي ئي ملندي، مائٽ توکي ڳولهي سڱ ڏيندا ۽ پوءِ ٿيو به ائين ئي، مائٽن مونکي ڳولهي سڱ ڏنو.

تون مريدياڻي اسان جي آهين

نقل: حافظ رب ڏنو وينئل ڳوٺ صدرجي پٽيون واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته خليل احمد سومرووينئل ڳوٺ ڳڙهي خدا بخش سومرو، ويجهو احمد پور تعلقه ڪنگري واري ڪيس ٻڌايو ته هن جي والده غازي احمد شاهه بادشاهه راڻي پور وارن جي مريدياڻي ٿيڻ لاءِ بابا سان گڏجي وئي، رستي ۾ بابا ڪيس چيو ته گمبٽ شريف مان سائين غلام مرتضيٰ شاهه جي زيارت به ڪندا تاهلون، جڏهن سائين ڪريمن وٽ آيا ته سائين ڪريمن امڙ کي فرمايو ته تون مريدياڻي اسان جي آهين، باقي راڻي پور مان زيارت

پلي ڪري اچ پوءِ امڙ جڏهن راڻي پور درگاهہ تي پهتي تہ خبر پيس سائين غازي احمد شاهہ جن درگاهہ تي موجود ڪو نہ آهن، پوءِ امڙ واپس گمبٽ آئي ۽ سائين ڪريمن جي مريدياڻي ٿي.

قصيده غوثيہ جي اجازت

نقل: حڪيم محمد مراد شيخ لاڙڪاڻي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هن جڏهن سائين قبلہ مرشدي سخي غلام مرتضيٰ شاهہ جيلاني جن کان قصيده غوثيہ جي پڙهڻ جي اجازت گهري تہ پاڻ فرمايائون، چاليهہ ڏينهن يارنهن دفعا، وري چاليهہ ڏينهن ٽي دفعا روز پڙهو ۽ پوءِ روزانو هڪ دفعو پڙهندا ڪريو.

مفتي محمد رحيم سڪندريءَ کي تعويذ لکڻ جي اجازت ڏيڻ

نقل: استاذ العلماء مفتي محمد رحيم سڪندري صاحب ٻڌايو تہ اسان جامعہ راشديہ درگاهہ شريف پير ڳوٺ ۾ پڙهندا هئاسين. هڪ طالب جي گمبٽ شريف ۾ شادي هئي، اسين ڪجهہ شاگرد سندس شادي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ گمبٽ آياسين، واپسي ۾ جڏهن اسٽيشن تي پهتاسين تہ خبر پئي تہ ريل گهڻو ٽائيم ليٽ ايندي، مون پنهنجي رفيقن کي چيو تہ هلو تہ سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جيلاني جي زيارت ڪري اچون. سائين ڪريم جن اسان سيني سان ياڪر پائي مليا، ننگر ڪرايائون، سائين ڪريمن وٽ تعويذ وٺڻ وارن جي رش لڳي پئي هئي، مون کي بہ دل ۾ خيال آيو تہ جيڪر سائين ڪريمن کان تعويذ لکڻ جي اجازت وٺان. ائين ڪندي سائين

ڪريمن پاڻ مون ڏانهن منهن ڪري فرمايو تہ پين اٿئي تہ ڪڏهن مون عرض ڪيو هائو قبلا سائين پين آهي، پوءِ پنج تعويذ ساندهہ لکرايائون ۽ اجازت بہ ڏنائون. مفتي صاحب ٻڌايو تہ اڄ ڏينهن تائين اهي تعويذ لکندو آهيان ۽ الله جي فضل ڪرم سان ماڻهن جو ڪم ٿي ويندو آهي.

ڪم ڪجي تہ صحيح طريقي سان، نہ تہ نہ ڪجي

نقل: حڪيم صاحب خان جتوئيءَ محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هڪ ڀيري سائين ڪريمن جي ڪچهري ۾ ويٺاهياسين سائين ڪريمن فرمايو تہ اوهان ۾ ڪو مينهون ڏُهڻ وارو آهي؟ مون عرض ڪيو تہ قبلا سائين، مان ڏهائي ڪندو آهيان. فرمايائون تہ ٿي مينهون ڏهي وٺ. اهو چئي پاڻ حويلي طرف هليا ويا. مان اٿيس هڪ مينهن ڏڌم، ٻي ڏڌم تہ اڌ ڦر ڏائي ويو ۽ هڪ ٻي مينهن پوري ڦر ڏائي ويو. ڏيڍ مينهن جو کير ڪٽي مان رکي ڇڏيو. سائين ڪريم موٽي آيا ۽ اچڻ سان فرمايائون تہ صاحب خان، ڪنهن ٻئي جو ڪم ڪجي تہ صحيح طريقي سان پورو ڪجي نہ تہ ڪجي ئي نہ.

ديوان کي درود پاڪ پڙهائڻ

نقل: حڪيم محمد مراد شيخ لاڙڪاڻي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ سائين ڪريم جن درگاهہ جي مسجد جي در وٽ جماعت سان گڏ هٿ مٿي ڪٽي درود پاڪ پڙهي رهيا هئا تہ گهٽيءَ ۾ هڪ هندو بہ ٻُڪُ جهليو بيٺو هو. سائين ڪريمن ڪيس سڏ ڪري فرمايو تہ مسجد ۾ اندر اچي درود پاڪ پڙهہ، پوءِ اهو هندو مسجد ۾ اندر آيو ۽ جماعت سان گڏجي درود پاڪ پڙهيائين.

مريد جو پري ڪان سڏڻ ۽ سائين ڪريمن جو گمبٽ ۾ ٻڌڻ

نقل: مولوي حافظ غلام اڪبر اڄڻ سڪندري کھڙائي محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ ڳوٺ دوساٽي ميتلا لڳ پير عيسيٰ جو فقير. الھجڙيو ميتلو نشو ڪندو هو ۽ ان جي پورت ڪرڻ لاءِ سائين غلام مرتضيٰ شاھ ڪان روزانو پنج روپيا وٺندو هو. جڏهن زمين جي جي ڍل مقرر ٿي تہ هن وٽ ڪوٽوار آيو ۽ چيائينس تہ سياٽي زمين جي ڍل جيڪا توڏي هڪ سئوروپيا ٿئي ٿي ڏجان ۽ جيڪڏهن نہ ڏنئي تہ پوليس ڪان ٻڌرائيندو سانءِ. هن جي زمين غير آباد هئي پر پوليس جي ڊپ ڪان سڄي رات سائين ڪريمن کي سڏ ڪري چوندو رهيو تہ مرشد سائين ساٽي ٿجانءِ، صبح جو سوير اچي سائين ڪريمن وٽ پهتو سائين ڪريمن ڪيس ڏسي فر مايوتہ فقير! سڄي رات نہ پاڻ ننڊ ڪيئي نہ اسان کي سمهڻ ڏنئي، هاٽي هي سئو روپيا وٺ، پر تو ڏي سٺ روپيا ڍل رهيل آهي سا وڃي تپيدار کي ڏي باقي چاليھہ روپيا پنهنجي ڪتب آٽجانءِ. فقير عرض ڪيو سائين! ڪوٽوار تہ سئو روپيا ڍل چئي آهي. سائين ڪريمن فرمايس تہ تپيدار ڪان ڍل جو ڪتاب ڪولرائي ڏسجان، توڏانهن ڍل سٺ روپيا لکيل هوندي فقير خوش ٿي روانو ٿي ويو. فقير تپيدار کي چيو تہ مون ڏانهن سٺ روپيہ ڍل آهي تون چوين ٿوتہ هڪ سو روپيہ آهي، ڍل جو ڪتاب ڪول. تپيدار جڏهن ڍل جو ڪتاب ڪوليو تہ ان ۾ سٺ روپيہ لکيل هئا. تپيدار پاڻ حيران ٿي ويو. فقير سٺ روپيا ڍل ڏئي جان آجي ڪرائي.

پٽ جي بشارت ڏيڻ

نقل: استاد رستم علي مهر وينل ڳوٺ رستم علي مهر لڳ بوزدار وڏا تعلقہ نري مير واھہ واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ ڳوٺ پير عيسيٰ جو غلام محمد ميتلو زال وٺي سائين ڪريمن

وٽ آيو ۽ عرض ڪيائين تہ اولاد ڪونهي ٻئي زال مڙس عمر وجائي وينا آهيون. زمين جو هڪ ايڪڙ آهي سو اوهان کي نذراني ۾ ڏيون قبول پوي. سائين ڪريمن فرمايس تہ غلام محمد!چريو ٿيو آهين ڇا؟ توکي پٽ ڄمندو ۽ ان زمين جو مالڪ ٿيندو پوءِ ڪيسي مان ڪجهہ پيسا ڪڍي ڪيس ڏئي فرمايائون تہ، هي پيسا کڻ ۽ وڃي حج ڪري اچ. غلام محمد سائين ڪريمن کان پيسا وٺي حج ڪري آيو ۽ سال کان پوءِ ڪيس پٽ ڄائو.

جي اوهين چئو تہ ٻيڙيءَ کي لوڏو ڏيون

نقل: قبلا مرشد سائين حفيظ الله شاهہ جيلاني دامت برڪاتهم العاليہ جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ وڏيري غلام حيدر سهتي وينل ڳوٺ حاجي شفيع محمد سهتو لڳ نارو شاهہ واري کين ٻڌايو تہ هن جي ڳوٺ مان هڪ ڇوڪري ۽ ڇوڪرو شادي جي خيال سان نڪري ويا. هنن گهڻو ئي هٿ پير هنيا پر ڪٿي بہ ڏس پتو نہ پئي مليو، سو ڇوڪريءَ جو پيءُ محمد حسن تپيدار ۽ حاجي قربان سهتو گڏجي سائين ڪريمن وٽ حاضر ٿيا ۽ سڄو قصو ڪري ٻڌايائون. سائين ڪريمن فرمايو تہ بابا ڇوڪري ۽ ڇوڪرو ٻئي ڄڻا هينئر ميهڙ واري پاسي کان پورٽي وٽان ٻيڙيءَ ۾ چڙهيا وڃن پيا.جي اوهين چئو تہ ٻيڙيءَ کي لوڏو ڏيون. ان تي محمد حسن هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ قبلا سائين ٻيڙيءَ ۾ تہ ٻيا ماڻهو بہ هوندا انهن اسان جو ڪهڙو قصور ڪيو آ. اوهان مڙئي خير جي دعا گهرو تہ جيئن خير ٿي وڃي. پاڻ مرڪي ڏنائون ۽ پوءِ دعا گهريائون. الله جي مهربانيءَ سان ٻئي ڏينهن تي ٻئي ڄڻا پاڻ ئي موٽي آيا ۽ ڳوٺ ۾ هڪ وڏو جهيڙو ٽري ويو.

خواب ۾ حج ڪرائڻ

نقل: مولوي تاج محمد ڪبر خطيب نوراني مسجد گمبٽ شريف واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته هن جي مسجد جو هڪ خطيب ملڪاڻي شريف واري خليفي ڏانهن ايندو ويندو هيو، مولوي صاحب کي ان جي امڙ حج تي وڃڻ نه پئي ڏنو، مولوي صاحب خليفي صاحب کي حال عرض ڪيو ته خليفي صاحب چيس ته اوهان جو اهو ڪم سائين غلام مرتضيٰ شاهه گمبٽ واري وٽان ٿيندو. مولوي صاحب شام جو درگاهه شريف گمبٽ تي پهتو، سائين ڪريمن مولوي صاحب کي ننگر ڪرايو، سومهاڻي جي نماز کان پوءِ سائين ڪريمن مولوي صاحب کي فرمايو ته مولوي صاحب حال احوال صبح جو ڪبا. رات جو مولوي صاحب سمهي پيو، اک لڳڻ سان ئي ڇا ڏسي ته مولوي صاحب جي حج جو سفر شروع ٿي ويو آهي. ڪراچي کان جده، جدي کان مڪو پاڪ، مدينو شريف، صفا مروه، مطلب ته حج جا سڀ ارڪان، چاليهه نمازون مديني پاڪ ۾ ادا ڪرڻ سان گڏ سڀ زيارتون به ڪيائين، صبح جي نماز جي وقت مولوي صاحب کي جاڳ ٿي وئي. صبح جي نماز وقت جڏهن سائين ڪريم جن آيا ته مولوي صاحب کي ڏسي مرڪيا ۽ پڇيائونس ته مولوي صاحب ڪر خبر، مولوي صاحب هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته قبلا سائين رات حج ته اوهان ڪرائي ڇڏيو، پاڻ فرمايائون ته مولوي صاحب باقي ظاهري حج اوهان امڙ جي وفات کان پوءِ ڪجو، هن وقت اوهان جو حج امڙ جي خدمت ڪرڻ آهي.

خدمت گار مائيءَ جو هٿ وٺي محبوب ﷺ جي هٿ ۾ ڏيڻ

نقل: هڪ دفعي سائين مرشد سخي محمد عبدالله شاهہ جيلاني دامت برڪاتهم العاليہ جن جي محفل ۾ ويٺا هئاسين تہ سائين جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هڪ مائي نالي حرمت راهوجي اسان جي ڏاڏا سائين (سائين غلام مرتضيٰ شاهہ بادشاهہ) جن جي خدمت ۾ رهندي هئي، هن جي ساري عمر حويليءَ تي گذري وئي هئي هڪ ڏينهن سائين ڪريم جن حويليءَ ۾ ويٺا هئا، اها مائي حويليءَ جي پڌر ۾ رِلِي بہ ٺاهي رهي هئي تہ روئي بہ رهي هئي، سائين ڪريمن جي جڏهن نظر مائيءَ تي پئي تہ پاڻ پڇيائونس تہ مائي ڇو پئي روئين؟ مائيءَ روئندي وراڻيو تہ قبلا سائين عمر گذري وئي اوهان جي خدمت ڪندي ڪندي، پر مليو تہ ڪجهہ بہ ڪونهي، پاڻ فرمايائونس تہ مائي تون سچ ٿي چوين. پاڻ اٿيا تازو وضو ڪري بہ رڪعتون نمازپڙهي مصلي تي مائيءَ کي سڏڪيائون، مائي جڏهن سندن ويجهو اچي ويني تہ مائي جو هٿ وٺي پاڻ پنهجي سڄي ٻانهن مٿي ڪنيائون ۽ مائيءَ جو هٿ جڏهن پنهنجي ٻانهن ڪان اڳتي وڌايائون تہ مائيءَ جو هٿ اڳيان ڪنهن جهلي ورتو. پاڻ مائيءَ کي مخاطب ٿي فرمايائون تہ مائي اسان تنهنجو هٿ حضور پاڪ ﷺ جي هٿ ۾ ڏنو آهي، اجان تو کي ڪجهہ ٻيو بہ گهرجي؟ مائي سائين ڪريمن جي پيرن تي ڪري پئي ۽ بيهوش ٿي وئي.

جنهن بہ شخص اڄ اسان جي پويان جمعي نماز پڙهي آ، ان جي جنت جا ضامن اسان آهيون

نقل: منهجي اسڪول (محمد علي سهتي) جي آفيس ۾ سائين بادشاهہ جي تصوير لڳل آ، هڪ دفعي پير صاحب پاڳاري جون زمينون سنڀالڻ وارو فقيرولي محمد مون وٽ آيو، هن جي نظر جڏهن سائين ڪريمن جي تصوير تي پئي تہ مون کان پڇيائين تہ تون سائين ڪريمن جي تصوير ڇو هنئي آهي؟ مون ڪيس ٻڌايو تہ اسان سائين ڪريمن جا ابن ڏاڏن کان مريد آهيون. ان تي هن ٻڌايو تہ ادا، اسان تي بہ سائين جي مهرباني ٿيل آهي، پوءِ پاڻ ٻڌايائين تہ هو نئين ديري جي پاسي جتي سندس ڳوٺ بہ آهي، هڪ جمعي تي تيار ٿي جمعي نماز لاءِ جڏهن مسجد ۾ پهتو تہ مسجد ۾ ويهڻ جي جاءِ ڪونہ هئي پر مسجد جي پر واري رستن تي بہ ماڻهو بيٺل هئا، مون پڇيو تہ اڄ ايتري رش ڇو آهي، اتي ڪنهن ٻڌايو تہ اڄ گمبٽ شريف وارا سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جيلاني جن نماز پڙهائيندا ان ڪري ايتري رش آهي، گرمي بہ تمام گهڻي هئي، سائين ڪريمن نماز بہ ڪجهہ ڊگهي پڙهائي ۽ دعا بہ ايتري ڊگهي گهريائون جو هٿ ئي ٿڪجي پيا. گرمي ۾ اهڙي حالت ٿي جيڪا بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي، پگهرُ، پيرن کان هيٺ وهي هليو. دعا گهري جڏهن جماعت ڏانهن ڏٺائون ۽ جماعت جي حالت ڏسي پاڻ فرمايائون تہ جماعت سڀڳوري، اوهان کي تڪليف اچي وئي آ، اڄ اسان اوهان کي هڪ خوشخبري ٿا ٻڌايون تہ جنهن بہ شخص اڄ اسان جي پويان جمعي نماز پڙهي آ، ان جي جنت جا ضامن اسان آهيون.

اجان ويھہ ڪجھہ ڏس

نقل: فقير ميان محمد ابراهيم صاحب لوڙهي واري لڳ سڳيون تعلقہ سوڀوديرو جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ زوار محمد چٽل پٽو وينل ڳوٺ قاضي پٽا سائين ڪريمن جو خليفو هيو، ان جو هڪڙو دوست هيو استاد مولا بخش جيڪو انگريزي ماسٽر هيو، زوار محمد چٽل ان کي سائين ڪريمن جون ڳالهيون ٻڌائيندو رهندو هيو، استاد مولا بخش دل ۾ سوچيندو هيو تہ اهي پير رڳو ٻين جي پئسن تي ٿا پلجن، غريب مريدن کان پيسا وٺي پنهنجو ڪم ٿا هلائن. پير سڄو ڏينهن پئسن جي دڙن تي وينا آهن. هڪ ڏينهن استاد مولا بخش سائين ڪريمن ڏانهن زوار محمد چٽل سان گڏجي صبح جو آيو، سائين ڪريمن استاد مولا بخش کي پنهنجي پرسان ويهاريو، سائين ڪريمن جي آڏو نذرانو رکجڻ شروع ٿيو تہ سائلن بہ اچي دَرُ ورتو، سائين ڪريمن استاد کي فرمايايو تہ هنن پئسن مان اوهان سائلن کي ڏيندا وڃو. سائل ايندا ويا هي ڏيندو ويو، آخر نذرانو کٽي ويو، سائل ايندا رهيا، هن چوريءَ پنهنجي کيسي مان ڏھہ روپيا ڪڍي ٿورا ٿورا ڪري سائلن کي ڏنا، پر پوءِ بہ سائل ايندا رهيا تہ هن سائين ڪريمن کان اجازت گھري تہ قبلا سائين مون کي اجازت ڏيو، سائين ڪريمن فرمايس چو استاد؟ اجان تہ شروعات ٿي آ، اسان پير پئسن جي دڙن تي وينا هوندا آهيون، اجان ويھہ، ڪجھہ ڏس. استاد مولا بخش، سائين ڪريمن جي پيرن تي ڪري پيو ۽ معافي ورتائين ۽ مريد ٿيو.

گيهہ بہ ڪٽي آيو آهين تہ چور بہ ورتيون آيو آهين

نقل: فقير ميان محمد ابراهيم لوڙهي واري لڳ سڳيون تعلقہ سوڀوديرو جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ ڪيس محمد موسيٰ واڻٽيءَ جي والد مير محمد واڻٽيءَ ٻڌايو تہ هو پنهجي پٽ سان گڏجي سائين ڪريمن ڏانهن تيار ٿيو پٽ کي چيائين تہ پنج پاءُ گيهہ بہ کڻ تہ اهو بہ سائين بادشاهہ کي ننگر ۾ ڏيون، جڏهن سائين ڪريمن وٽ پهتا تہ سائين ڪريمن فرمايس تہ مير محمد گيهہ بہ ڪٽي آيو آهين تہ چور بہ پاڻ سان گڏ ورتيون آيو آهين، مير محمد هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ قبلا سائين ڪهڙي چور جي ڳالهہ پيا ڪريو، سائين ڪريمن فرمايس تہ تو وارو پٽ، ڳوٺ جي زمينن مان چوريءَ گاهہ ڪري اهو مينهن کي ٿو کارائي، وري اهو چوريءَ وارو گيهہ ڪٽي تون اسان ڏانهن آيو آهين. وج اهو گيهہ ڪٽي ننگر واري ديڳ ۾ وجهي اچ تہ چپ چيتيون ٿيئي.

سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جيلاني وقت جا غوث آهن

مدرسہ انوارِ مجتبيٰ خيرپور ميرس جي باني الحاج الله آندل شيخ محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ ڪيس سائين ڪريمن سان گڏ حج جي سعادت نصيب ٿي هڪ دفعي ڏنم تہ مديني پاڪ ۾ سائين ڪريم جن نماز پڙهندي اوچتو منهنجي اکين کان غائب ٿي ويا آءٌ پريشان ٿيس تہ هي چا ٿيو ڏهن منٽن کان پوءِ ڏنم تہ سائين ڪريم جن ساڳي جاءِ تي نماز پڙهن پيا، پرمان پڇڻ جي جرئت نہ ڪري سگهيس پوءِ اهو احوال حضرت قبلہ سائين منظور حسين مدني جي خدمت ۾ پيش ڪيو منظورصاحب جن فرمايو تہ توهان اها حديث پاڪ نہ پڙهي آهي تہ الصلواة معراج المومنين يعني نماز مومنن جو معراج آهي قبلہ سائين حاجي غلام مرتضيٰ شاهہ

جيلاني جيئن تہ وقت جا غوث آهن ۽ سائين قبلہ غلام مرتضيٰ شاهہ جيلاني جن نماز وقت پاڻ رب تعاليٰ جي حضور ۾ حاضر ٿيندا آهن يعني الله اڪبر چوڻ سان فنا في الله جي درجي تي پهچندا آهن اهو هميشہ سندن معمول آهي.

سائين ڪريمن جو فرمان، ڪيرُ بابا؟

نقل: مدرسہ انوارِ مجتبيٰ خيرپور ميرس جي باني الحاج الله آندل شيخ محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ هڪ دفعي لاڙڪاڻي جوهڪ مريد خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ سائين ڪريمن پڇيس ڪير بابا؟ تہ ان ماڻهو عرض ڪيو تہ قبلہ هتي ئي ٺٽا سجاڻو تہ آخرت ۾ ڪيئن سڃاڻيندئو؟ پاڻ جلال ۾ اچي فرمايائونس تہ تون فلاڻوآهين فلاڻي جوپٽ آهين تنهنجي ماءُ جو نالو هي آهي، ۽ تون هاڻي زال سان مانيءَ تي جهيڙو ڪري آيو آهين هينئر توکي بک لڳي آهي. پوءِ فقيرن کي فرمايائون تہ هن کي ماني کارايو.

اسان محبت واري هر مريد سان گڏ آهيون

نقل: مدرسہ انوار مجتبيٰ جي استاد محترم حافظ غلام مصطفيٰ سهتي حاجي الله آندل شيخ کي ۽ ان محمد علي سهتي جن ٻڌايو تہ هنن جو استاد سائين حافظ احمد بخش ڪُنبيءَ واري جو والد صاحب، ملان حبيب الله جيسر سائين ڪريمن جي زيارت لاءِ پنڌ گمبٽ شريف حاضر ٿيندو هو. ڳوٺ ۾ قرآن شريف پڙهائيندو هو هڪ دفعي سائين ڪريمن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ

سائين ڪريمن فرمايس تہ ڪير بابا؟ ان تي عرض ڪيائين تہ سائين منهنجا! مان تہ گهڻو اوهان وٽ حاضر ٿيندو آهيان تڏهن بہ نہ ٿا سڃاڻو؟ پاڻ جلال ۾ اچي فرمايائون تہ اي آخوند صاحب! جڏهن توهان درياهہ تي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيا تہ ٻيڙيءَ واري ملاح مڃي ماني دستگير بادشاهہ جي ختمي لاءِ توهان کي ڏني پوءِ جيڪو ڪجهہ ڪيس رستي ۾ پيش آيوهيو اهو سربستو ٻڌايائونس، پوءِ فرمايائونس تہ اي آخوند حبيب الله! اسان محبت واري هر مريد سان گڏ آهيون مگر هي اسان جي خيرعافيت جو طريقو آ. پوءِ فرمايائونس تہ، اي آخوند حبيب الله تنهنجي گهر واري گذاري وئي آهي هينئربي شادي ڪريو تہ ڪرايون. ان تي فقير عرض ڪيو تہ قبلہ آئون پيرسن ٿي ويو آهيان هينئر مون کي ڪيرسَنگ ڏيندو ۽ طاقت ۾ بہ ڪمزور آهيان پاڻ فرمايائونس تہ توکي سڀ ڪجهہ ڏيون ٿا طاقت بہ ايتري جوعقل ڪم نہ ڪندئي تون ڳوٺ وڃ تو ڏانهن ماڻهو پاڻ ايندو تو کي سڱ ڏيڻ، تون انڪار نہ ڪجان. ان مان توکي بہ پٽ ڄمندا جيڪي قرآن پاڪ جا حافظ ٿيندا. پاڻ جيئن فرمايائون ائين ئي ٿيو، هو جيئنئن ئي ڳوٺ پهتو تہ هن جي ڳوٺ جو هڪ ماڻهو آيو هن کي پاڻ اچي سڱ ڏنائين ۽ هن جي گونگي ڌيءَ جو سڱ هن ڪان ورتائين هو طاقت ۾ ڄڻ جوان ٿي ويو ۽ بہ پٽ بہ ٿيس جيڪي حافظ ٿيا ۽ وڏو پٽ حافظ فارغ التحصيل ٿيو ۽ اڃا تائين اهو فيض جاري آهي.

فرض نماز جي دعا ڪان پوءِ ڪلندا ڇو آهيو؟

نقل: وڏيرو ٻيڙو جوٽيجي وينل لڳ درازا شريف محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ مان ۽ ملان امام بخش جوٽيجو جمعي جي نمازسائين ڪريمن وٽ درگاهہ گمبٽ شريف واري مسجد ۾ پڙهڻ ويندا هئاسون هڪ ڏينهن ملان امام بخش فرض نماز ڪان پوءِ دعا پوري ٿيڻ شرط سائين ڪريمن ڪان پڇيو تہ اوهان فرض نماز جي دعا ڪان پوءِ ڪلندا ڇو آهيو؟ پاڻ فرمايائون تہ ملان، ڳالهہ اهڙي جاءِ تي پڇي اٿئي جتي ڪا ڳالهہ لڪائي نٿي سگهجي. فقير! جي اها ڳالهہ ٻاهر ڪنهن جاءِ تي پڇين ها تہ شايد لڪائي وجان ها. ! جڏهن مان نبي پاڪ ﷺ جي امت جي بخشش لاءِ رب سائين جي درٻار ۾ دعا گهرندو آهيان. تہ حضورپاڪ ﷺ جن دري پاڪ مان منهن مبارڪ ڪڍي مرڪي آمين چوندا آهن تہ مان خوشي مان ڪلندو آهيان.

گامڻ جو درگاهہ جي ڪانئين لاءِ وڃڻ

نقل: نواز علي ناريجي ٻڌايو تہ هڪ ڀيري سائين ڪريمن گامڻ جوٽيجي کي فرمايو تہ ننگر لاءِ ڪانيون ڪٽي اچ. هو حڪم ٻڌي پنهنجي ڳوٺ واري قبرستان جي پاسي ۾ بينل سڪل ٻير تي چڙهي ويو ۽ ڪانيون ڪٽڻ لڳو پرسان گمبي ۽هاشم جوٽيجي جو گهرهو انهن هن کي گهٽ وڌ ڳالهايو هن ڪاوڙ ۾ اچي ٻير تان لهي کين ڪهاڙيون هنيون هُنن جي مٿي مان رت وهي پيو. هي ڪانئين جي گاڏي پري درگاهہ تي پهتو تہ سامهون سائين ڪريمن کي ڏسي هن ڪان چرڪ نڪري ويو سائين ڪريمن جي قميص

مبارڪ جو اڳيون حصو رتو رت هيو. پرسان اچي عرض ڪيائين تہ مرشد سائين هي ڇا آهي؟ فرمايائون تہ گمبي ۾ هاشم واريون ڪهاڙيون تہ ياد اٿئي نہ؟ عرض ڪيائين تہ ڪاوڙ ۾ غلطي ٿي وئي آهي. فرمايائون تہ اهي ڪهاڙيون اسان کي ئي لڳيون آهن.

مسجدِ نبوي ۾ امامت ڪرڻ

نقل: الهوڏائي لاڪي ڳوٺ وڏا لاڪا لڳ گمبٽ واري پروفيسر محراب علي لاڪي کي ۽ ان محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ سائين ڪريم جن حج تي ويا، اتي مسجدِ نبوي جي پيش امام کي رات جو خواب ۾ حڪم ٿيو تہ سنڌ مان سيد غلام مرتضيٰ شاهہ جيلاني هتي آيا آهن ڪين مسجد نبويءَ ۾ نماز پڙهائڻ جي دعوت ڏيو. نماز جو وقت ٿيو تہ پيش امام مصلي تي بيهي سڏ ڪري چيو تہ سنڌ جو سيد غلام مرتضيٰ شاهہ جيلاني اڳتي اچي ۽ اچي نمازپڙهائي سائين ڪريم جن اڳتي آيا ۽ فرض نماز پڙهايائون.

سائين ڪريمن جي آمد تي موسم جو خوشگوار ٿي وڃڻ

نقل: وڏيري ناصر علي گهمري وينل ڳوٺ ڪيٽي مير محمد گهمرو تعلقہ ڪنگري واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ جڏهن سائين ڪريم جن حج کان پوءِ لاڙڪاڻي ۾ ريلوي اسٽيشن تي اچڻ وارا هئا تہ ان ڏينهن تمام سخت گرمي هئي ۽ لُڪَ پئي لڳي پر جڏهن سائين ڪريمن جي ريل اسٽيشن تي اچڻ واري ٿي تہ اهڙي تہ ٿڌي هوا هلڻ لڳي ۽ هلڪو هلڪو مينهن بہ وسڻ لڳو جو

محسوس ئي نہ پئي ٿيو تہ ڪا گرمي جي موسم آهي. اسٽيشن تي لهڻ ڪان پوءِ سائين ڪريمن جي رفيقن ٻڌايو تہ اهو مينهن ۽ هوا جو سلسلو هر ان اسٽيشن تي ٿيندو آيو آهي جتي بہ سائين ڪريم جن لٿا آهن.

سعودي عرب جي جيل ۾ قاتل مريد جي داد رسي

نقل: حاجي شفيع محمد چاچڙ وينل ڳوٺ شاهپور تعلقہ پنوعاقل واري محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ هن جو ڀاءُ حاجي عبالحميد حج جي لاءِ قافلي سان گڏ پنڌ روانو ٿيو.هن سان ٻيا بہ ڪوڙ سارا ماڻهو گڏ هئا.هي سادو سودو ماڻهو هئو. دنيا داري مان گهٽ پئي ڄاتائين. هي جڏهن حجازِمقدس جي شهررياض ۾ پهتا تہ عبد الحميد ڪي اتان جي پوليس ڪٽي جيل ۾ وڌو. هن جا ٻيا رفيق هن ڪي ڇڏي حج لاءِ روانا ٿي ويا. سعودي جي جيل ۾ هن ڪي ٻي تڪليف ڪونہ هئي اتان جا ڪاڏا پيتا سنا رهائش بهترين هئي. پر هيو تہ جيل، سو بہ پرديس ۾ وري اڪيلو بہ، سو همراهہ ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ روزا رکڻ شروع ڪري ڏنائين ۽ مديني جي سائينءَ ﷺ ڪي ٻاڏائڻ شروع ڪيائين. تان جو اڇي حج جو ٽائيم سولو ٿيو. حج جي ڪري آفيسن ڪي بہ موڪليون ٿيڻ لڳيون. هن روئڻ شروع ڪيو ۽ مرشدن ڪريمن ڪي سڏڻ لڳو. رات جوسائين ڪريم جن خواب ۾ زيارت ڪرايس ۽ دلداري ڏنائونس تہ فقير! تون ڪو غم نہ ڪر. اڇي پهتو آهين. انهيءَ صبح جو ڪو وڏو آفيسر جيل گهمڻ لاءِ آيو تہ هن ڪي روئندو ڏسي هن تي رحم اچي ويس.هن لاءِ آرڊر ڪيائين تہ هن ڪي هڪ دم آزاد ڪري گاڏيءَ ۾ مڪي پاڪ پهچايو. هن ڪي لڪت ۾ آرڊريا اجازت نامو بہ ڏنائين ۽

چيائيس تہ تون جيترو بہ وقت سعودي عرب ۾ رهين تو کي اجازت آ تو کي ڪو بہ نہ پڪڙيندو. ان کان پوءِ فقير نہ صرف هڪ ڀيرو حج ڪري پوءِ واپس ٿيو. اهو سعودي وارو آرڊر اڄ بہ هن جي پوٽين وٽ محفوظ آهي.

ملتان ۾ مريد جي گهر جو پهرو ڏيڻ

نقل: قبلا مرشدسائين حفيظ الله شاهه جيلاني دامت برڪاتهم العاليہ جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ حاجي نياز محمد پنجابي ملتان واري ڪين ٻڌايو تہ هن جي نئين شادي ٿي. ڪجهہ وقت کان پوءِ هن کي لاهور ڪنهن ڪم سانگي وڃڻ ٿيو. گهر اڪيلو هيو. زال چوڻ لڳي تہ مان اڪيلي گهر ۾ ڪيئن رهندس. مون کي ڊپ ٿو ٿئي.مون ڪيس چيو تہ تون در دريون بند ڪري سمهي رهجانءِ. اسان جومرشد ڪامل آ، اهو اسان جي حفاظت ڪندو. رات جو گهر واري جڏهن سمهي رهي تہ ڏٺائين هڪ بزرگ آ جيڪو گهر ۾ گهمي بہ پيو ۽ پڙهي ڪجهہ شُوڪاري بہ پيو. مان جڏهن ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ لاهور کان واپس آيس تہ منهنجي زال مون کي سڄو قصو ڪري ٻڌايو. منهنجو ڪجهہ وقت کان پوءِ گمبٽ شريف اچڻ ٿيو ان وقت سائين ڪريمن جو وصال ٿي چڪو هيو. مان سائين محمد شاهه بادشاهه جن سان مليس ۽ سائين جن کان سائين ڪريمن جي تصوير ورتم. واپس جڏهن گهر آيم تہ گهر واريءَ سائين ڪريمن جي تصوير ڏسي چيو تہ هي تہ اهو ئي بزرگ آهي جڏهن توهان لاهور ويا هئا تہ اهو اسان جي گهر تي پهرو ڏئي رهيو هيو.

ننڊ عبادت جن جي

نقل: قبلا مرشد سائين حفيظ الله شاھ جيلاني دامت برڪاتهم العاليہ جن محمد علي سهتي کي ٻڌايوتہ حافظ بشير احمد, پيش امام درگاھ جيئي شاھ بادشاھ سکرواري کين ٻڌايو تہ هو پاڻ جنهن بزرگ جو دستِ بيعت آ، اهو بزرگ آزاد ڪشمير جو آهي. جيڪو وري مريد هيو سائين غلام مرتضيٰ شاھ بادشاھ جن جو، ان ڪشميري بزرگ حافظ بشيرڪي ٻڌايو تہ هڪ دفعي هو سائين ڪريمن کي زور ڏئي رهيو هيو ۽ سائين ڪريم جن آرامي هئا، منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ الله جا وليءَ ننڊ تہ ڪونہ ڪندا آهن. سائين ڪريمن جون اکيون بند هيون ۽ پوءِ سائين ڪريم جن قرآن پاڪ جي اها آيت تلاوت ڪرڻ شروع ڪئي جنهن جو مفهوم اهو هيو تہ الله جا ٻانها رڪوع ۾ سجود ۾ ان کي ئي ياد ڪندا رهندا آهن۽ پوءِ پاڻ اکيون کولي ڀٽائي صاحب جو بيت پڙهيائون

تــــن تســـــبيح مــــن مٽيـــو دل دنبـــورو جــــن،
تنــدون جــي طلــب جــون وحــدت سـاڻ وڄــن،
وحـــدہٗ لا شــــريڪ لـــہٗ اهـــو راڳ رڳـــــن،
ســي سُــتا ئــي ســونهن، ننــڊ عبــادت جــن جــي.

ولايت جي هن بحر جو ڪو اندازو لڳائجي

نقل: قبلا مرشد سائين حفيظ الله شاهہ جيلاني دامت برڪاتهم العاليہ جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ سائين عاشق مولا بخاري ميرپور خاص وارا جيڪي پاڻ وقت جا قلندر هئا ٻڌائن ٿا تہ هڪ ڏينهن پاڻ دل ۾ خيال ڪيائون تہ ڏسون تہ سهي سنڌ ۾ هن وقت ولايت جي مسندن تي ڪير ڪٿي ۽ ڪهڙي مقام ۽ مرتبي تي وينو آهي. پاڻ فرمائن ٿا جڏهن گمبٽ ڏي نگاهہ ڪئي سين تہ چرڪ پرجي ويو ڇو تہ اسان کي غوث پاڪ جن پاڻ نظر آيا. اسان حيران ٿي وياسين تہ اهو ڪير بزرگ آهي جنهن سان ايتري مهرباني آهي ڇو تہ ڪير ڪهڙي بہ ولايت يا مرتبي تي ڇونہ هجي غوث پاڪ جو جامو وٺندو تہ ان بزرگ جي ولايت سَلب ٿي ويندي. پاڻ ٻيهر نگاهہ ڪيائون تہ بہ ساڳو ئي منظر ۽ ساڳي صورت نظر آين. پوءِ پاڻ پنهنجي جماعت کي ساڻ ڪٺي گمبٽ شريف ۾ سائين ڪريمن جي زيارت لاءِ آيا. جڏهن سائين ڪريمن تي نگاهہ پين تہ ساڳي صورت نظر آئي. سائين عاشق مولا جڏهن سائين ڪريمن جا هٿ وٺي چمڻ لڳا سوچيائون تہ ڪجهہ ولايت جي هن بحر جو ڪو اندازو لڳائجي تہ پاڻ کي نور جو هڪ اڻ ڪٿ سمنڊ نظر آين. پاڻ ان جو اندازو لهڻ لاءِ ان ۾ لٿا تہ ٻڏڻ لڳا، سائين ڪريمن هٿ وٺي جڏهن ٻاهر ڪڍين تہ سائين عاشق مولا جن جي ولايت سلب ٿي وئي. ان کان پوءِ سائين عاشق مولا جن ڪيترا ڏينهن گمبٽ ۾ ترسي پيا ۽ سائين محمد شاهہ بغداديءَ جن وٽ مزار مبارڪ تي وڃي رُنا ۽ انهن کي ايلاز ڪيائون ان کان پوءِ ڪين امانت واپس ملي.

فقيرن غار واري خواب جو تہ احوال ڏيو

نقل: قبلا مرشد سائين حفيظ الله شاهہ جيلاني دامت برڪاتهم العاليہ جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ غلام قادر بنگلزئي سائين حفيظ الله شاهہ جن کي ٻڌايو تہ ايوب جي مارشل لاءِ وارو دور هئو. بلوچستان جي وڏيرن جي گرفتاريءَ جو حڪم اچي ويو ان ۾ منهنجو نالو بہ هيو ان سان گڏ سائين ڪريمن جا ٻيا ڪجهہ مريد بہ هئا جن جا نالا گرفتاري لاءِ هئا. اسان ڊپ ۾ وڃي هڪ غار ۾ لڪا سين. انهن ۾ عبدالرحمان، سردار بهادر خان، سردار عطر خان، سردار محمد خان، نور محمد بنگلزئي ۽ مير احمد خان شامل هئا. رات جو مون خواب ڏٺو تہ اسين هڪ ڪورٽ ۾ويٺا آهيون. ڪجهہ دير ڪان پوءِ نيزا بردار گارڊن سان گڏ سائين ڪريم جن ڪورٽ ۾ داخل ٿياءِ جج واري سيٽ تي ويٺا ۽ ڪورٽ جي ڪاروائي شروع ٿي وئي. پاڻ بيلف کي فرمايائون تہ اڄ سڀ فائيل پري ڪيو صرف هي پنج ڪيس هلايو ۽ پوءِ هڪ هڪ فائيل ڪڍي پاڻ ان تي لڪندا ويا تہ هي بہ بَري، هي بہ بَري هي، بہ بَري. صبح جو هن خواب جو ذڪرسيني سان ڪيو. سڀ ڏاڍا خوش ٿيا. ان ئي ڏينهن هنن جي ڳوٺ جو هڪ شخص هنن سان اچي مليو ۽ هنن کي چيائين تہ اوهان پيش پئو تہ حڪومت اوهان سان نرمي ڪندي ٻي صورت ۾ حڪومت ڪجهہ بہ ڪري سگهي ٿي. سيني گڏجي صلاح ڪئي تہ پيش ٿجي، هي پيش پيا تہ هنن کي حڪومت مچ جيل اُماڻي ڇڏيو. جڏهن مچ جيل پهتا تہ عطر خان، غلام قادر کي چيو، تون تہ چيو پئي بس هاڻي جاڻ آزاد ٿياسين پر هي تہ مورڳو مچ جيل اچي پهتاسين. ان تي مون ڪيس چيو، سردار صاحب، اسان جو مرشد ڪامل آهي. ڳڻتي نہ ڪر مڙئي چڱائي ٿيندي. پنجن ڇهن ڏينهن ڪان پوءِ جيلر اسان وٽ آيو ۽ نالا ڪڍندو ويو فلاڻا فلاڻا آزاد آهيو.

جيل مان ٻاهر نڪري صلاح ڪئي سين تہ ڇا ڪجي. پهريان مرشد ڏانهن هلجي يا گهر هلجي. پوءِ سيني گڏجي فيصلو ڪيو تہ پهريان مرشد ڏي هلجي. جڏهن سائين ڪريمن وٽ پهتاسون ۽ هر ڪو واري واري سان ملندو پئي ويو. جڏهن مون قدم بوسي ڪئي تہ پاڻ فرمايائون فقير غار واري خواب جو تہ احوال ڏيو.

ماستر جو نگاهہ مٿي ڪرڻ سان بيهوش ٿي وڃڻ

نقل: پروفيسر محراب علي لاڪي ڳوٺ وڏا لاڪا لڳ گمبٽ واري محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ ڳوٺ ترائيءَ جي مائي حاجاڻي دستگير جي آل سان محبت ڪندڙ هئي پر سندس پٽ، استاد بہ هيو تہ حڪيم ۽ مسجد جو پيش امام بہ هو، سو سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جيلاني ڪي نہ مڃيندو هو. مائي حاجاڻيءَ سائين ڪريمن ڪي روئي دانهن ڏني. سائين ڪريمن ڪيس فرمايو تہ پٽ ڪي اسان وٽ گهراءِ ان ڪي مجلس ۾ گهرايو ويو. جڏهن سائين ڪريمن سان مليو تہ سائين ڪريمن ڪيس فرمايو تہ ماستر، پنهنجون اکيون مٿي ڪٽو، جڏهن ماستر سائين ڪريمن ڏانهن نهاريوءِ سائين ڪريمن جي اکين ۾ ڏٺو تہ هڪدم بيهوش ٿي ڪري پيو. جڏهن ڪيس هوش آيو تہ پاڻ بيان ڪيائين تہ مونکي سامهون گنبذِ خضريٰ نظر آيو جنهن مان نڪرندڙ روشنيءَ مونکي بيهوش ڪري ڇڏيو. تنهن کان پوءِ سائين ڪريمن جو مريد ٿيو.

سائين ڪريمن جو درياهہ ڏانهن خط

نقل: پروفيسر محراب علي لاکي ڳوٺ وڏا لاکا لڳ گمبٽ واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ درياءَ جي ڪچي مان ڪجهہ مريد سائين ڪريمن جي خدمت ۾ آيا ۽ عرض ڪيائون تہ درياهہ ۾ پاڻي آهي ئي ڪونہ مِڙئي تري ۾ پيو وهي جي ڪچو نہ ٻڏندو تہ اسان جا فصل بہ ڪونہ ٿيندا، ڪا مهرباني ڪريوتہ جيئن ڪچو ٻڏي. سائين ڪريمن فرمايو تہ ڪچو ٻڏندو پر هڪ شرط تي توهان مان ڪو هڪڙو چٺو وچ درياهہ ۾ ٽٻي هڻي اسان جو خط درياهہ کي پهچائي ايندو، سو وجي ۽ خط پهچائي اچي باقي الله ڀلائي ڪندو. خط وٺي همراهہ واپس موٽيا پر ڪنهن کي بہ درياهہ ۾ ٽپ ڏيڻ جي همت ڪانہ ٿي. هڪ همراه جو مرشد جي ڳالهہ ۾ پورو يقين هو تنهن چيو تہ اهو ڪم آءٌ ڪندس. ان سائين ڪريمن جو خط مبارڪ ڪڍي وچ درياهہ ۾ ٽپو ڏنو ۽ ٻين ماڻهن ڪپر تي ويهي انتظار ڪيو پر جڏهن گهڻي دير تائين بہ همراهہ واپس نہ آيو تہ هنن سمجهيو تہ ٻڏي مري ويو هوندو اهو سوچي واپس ڳوٺ هليا آيا. چئن پنجن ڪلاڪن کان پوءِ اهو همراهہ بہ اچي ڳوٺ پهتو تہ سيني احوال پڇيس! جواب ڏنائين تہ مان جيئن ئي درياهہ ۾ ٽپو ڏنو تہ اتي تہ جهان ئي ٻيو لڳو پيو هو. مان هڪڙي محل جي سامهون وڃي پهتس جتي مون کي اندر وٺي ويا اتي حضرت خواجہ خضر عليہ السلام سان ملاقات ٿي. مون سائين ڪريمن جو خط ان جي حوالي ڪيو ۽ پوءِ اتي بيٺل چوڪيدار مونکي واپس ڪپر تي ڇڏي واپس هليا ويا. سائين ڪريمن جي مهرباني سان ۽ الله جي ڪرم سان ان سال ڪچو مڪمل طور ٻڏو ۽ ماڻهن فصل پوکيا.

درياھ ڏانهن پاڻي روڪڻ جو خط

نقل: استاد رستم علي مهر محمد علي سهتي وينل لڳ وڏا بوزدارتعلقہ نري مير واھ محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ اسان جي ڳوٺ جي طرف درياءُ بند ڪي پائي رهيو هو ان جي خطري سبب اسان جي پاسي جا ماڻهو سائين ڪريمن وٽ ويا ۽ سائين ڪريمن ڪي عرض ڪيائون تہ قبلا سائين درياءُ بند ڪي پائي رهيو آ، ڪا مهرباني ڪريو جيئن درياھ واپس ٿئي سائين ڪريمن درياءَ ڏانهن خط لکيو ۽ ڳوٺ وارن ڪي فرمايو تہ هي خط درياھ ۾ وجهو، جڏهن خط درياءَ ۾ وڌو ويو تہ ماڻهن ڏٺو تہ پاڻي تيزي سان واپس موٽيو ۽ بند ڪان سڏ پنڌ تي وهڻ لڳو.

حضرت سخي صالح محمد شاھ جن جو سائين ڪريمن ڪي هنج تي ڪڻڻ ۽ بشارت ڏيڻ

نقل: استاد رستم علي مهر وينل لڳ وڏا بوزدارتعلقہ نري مير واھ، محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ هڪ ڏينهن سائين صالح محمد شاھ بادشاھ جيلاني راڻي پور وارا، سائين خميس علي شاھ بادشاھ جن وٽ گمبٽ درگاھ شريف تي آيا ۽ سائين غلام مرتضيٰ شاھ جن ڪي پنهنجي هنج ۾ کڻي فرمايائون تہ خميس علي شاھ اوهان جي اولاد مان اسان ڪي حضورڪريمﷺ جن جي پگهر مبارڪ جي خوشبو اچي رهي آهي.

ڇايل ڏيءَ ڪي پٽ ٻڌائڻ

نقل: وڏيري ناصرعلي گهمرو وينل ڳوٺ ڪيٽي مير محمد گهمرو تعلقہ ڪنگري واري، محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ، پريالوءِ شريف جوهڪ هندو هوند راڄ، سائين ڪريمن وٽ پنهنجي دوست سان گڏجي آيو ۽ عرض ڪيائين تہ مونکي پٽ جو اولاد ڪونهي گنج ڏيئر آهن، اوهان دعا گهرو تہ پٽ ڄمي. سائين ڪريمن فرمايس تہ هوند راڄ! توڪي پٽ ڄمندو. هو سائين ڪريمن وٽ جڏهن بہ حاضر ٿيندو هو تہ سائين ڪريم ڪيس فرمائيندا هئا تہ هوند راڄ تون گهٻراءِ نہ تو ڪي پٽ ڄمندو. خير سان جڏهن ڏينهن پڄاڻان هي دڪان تي وينو هيو تہ هن ڪي سندس نياڻيءَ ٻڌايو تہ بابا اسان ڪي ڀيڻ ڄائي آهي. هن ڪي ڏاڍو ڏک بہ ٿيو پر يقين بہ نہ پي آيس، هي اتان ئي گمبٽ شريف روانو ٿيو ۽ سائين ڪريمن وٽ حاضر ٿي عرض ڪيائين تہ قبلہ، مون اوهان ڏانهن ڪيترا پنڌ ڪيا اوهان هر دفعي مون ڪي چوندا رهيا تہ هوندل، تو ڪي پٽ ڄمندو، پر قبلہ، ڄائي تہ وري بہ ڏيءَ. پاڻ فرمايائونس تہ هوندل، تون پاڻ ڏٺو آهي تہ تو ڪي ڏيءَ ڄائي آهي؟ هٿ ٻڌي عرض ڪيائين تہ نہ قبلہ، مون پاڻ نہ ڏٺي آهي. پاڻ فرمايائونس تہ اڳ ۾ پاڻ ڏسي پڪ ڪري پوءِ اسان ڪي ميار ڏجانءِ. پاڻ نشاني بہ ٻڌايائونس تہ تنهنجي پٽ ڪي هي نشاني هوندي. هوندل راڄ، دل ۾ سوچيو تہ سائين مڙئي موٽائي ڇڏيو. هي مايوس ٿي گهر واپس آيو، گهرپهچي دائيءَ کان پڇيائين تہ ڇا ڄائو آهي؟ جنهن چيس تہ توڪي ڏيءَ ڄائي آهي. هوندراڄ چيس تہ دائي صاحبہ! مونکي سائين غلام مرتضيٰ شاھ جيلاني جي ڳالھ تي پورو پورو ويساھُ آهي تون اندر وڃي بار ڪي وري ڏيان سان ڏس پڪ سان پٽ هوندو”. دائي اندر وئي ۽ نومولود ڪي ڏسي حيران ٿي وئي ٻاهر

آئي ۽ چيائينس تہ هوند راڄ ! توکي مبارڪ هجي، هي تہ برابر پٽ آهي. هوند راڄ تصديق خاطر ڏنو تہ بيشڪ سندس پٽ ان نشانيءَ سان هيو، جيڪا سائين ڪريمن هن کي ٻڌائي هئي. اهو پٽ اڄ بہ زنده سلامت آهي قبلا مرشدي سائين محمد موريل شاهہ بادشاهہ جن جو دستِ بيعت مريد آهي ۽ هن وقت هندستان لڏي ويل آهي. سندس پوين بہ ان ڪرامت جي تصديق ڪئي.

خبردار، متان ڪٽ کي هيٺ اڇلايو اٿوَ

نقل: پروفيسر محراب علي لاکي ڳوٺ وڏا لاڪا لڳ گمبٽ واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ ڪيس استاد علي محمد ابڙو ڳوٺ ترائي واري جي پٽ حاجي غلام نبي ابڙي، حبيب الله ٻرڙي کي ٻڌايو تہ مان پاڻ سخت بيمار ٿي پيس ۽ موت جي بستري تي ستل هئس گهرياتين ۽ مٽ مائٽ روئي پٽي منهنجي حياتيءَ مان آسرو لاهي ويهي رهيا ۽ تڏو وڇايو ويو. مون ڏٺو پئي تہ سڀ مٽ مائٽ روئي رهيا آهن، منهنجي متان لٿو پيو هو، اتي مون ڏٺو تہ هڪڙا چار بدصورت شخص آيا جن منهنجي ڪٽ کي کنيو ۽ آسمان طرف هلندا رهيا رستي تي ٻن چيو تہ هاڻي هتان هيٺ اڇلايوس ۽ وري ٻن چيو تہ اڄان مٿي کڻي هلوس. اڄان ان بحث ۾ هئا تہ مون ڏٺو تہ سامهون هڪ انتهائي نوراني چهري وارو هڪ بزرگ آيو ۽ کين هڪل ڪري چيائين تہ خبردار متان ڪٽ کي هيٺ اڇلايو اَٿوَ. ان کي آرام سان هيٺ لاهيو. انهن ڪٽ کي هيٺ لاٿو ڪٽ زمين تي لٿي تہ هلڪو لوڏو آيو ۽ منهنجي اک کلي وئي تہ اٿي وينس ڪٽ جي چوطرف وينل ماڻهو حيران ٿي مون ڏانهن ڏسڻ لڳا، تہ مون کين ماني ڏيڻ لاءِ چيو. هنن چيو تہ تون تہ مُردو هئين!کيئن

جيئرو ٿي پئين؟ پوءِ مون کين سچي حقيقت ٻڌائي. تنهن کان پوءِ مان صحت مند ٿيس ۽ دل ۾ پهه ڪيو تہ ان سهڻي صورت کي ڳولهيان جنهن مونسان ايتري مهرباني ڪئي آهي. ان کي ڳولهڻ شروع ڪيم ۽ تر جا سڀ پير جاچي ڏٺم پر مونکي تسلي نہ ٿي گهمندو ڦرندو راڻيپور تائين آيس پر مقصد پورو نہ ٿيو. نااميد ٿي راڻيپور اسٽيشن تي ٽڪيٽ وٺي ريل گاڏيءَ جي انتظار ۾ ويٺو هوس تہ هڪ ننڍڙو نينگر جيڪو چولا وڪڻي رهيو هو، منهنجي پر ۾ اچي بيٺو ۽ چيائين تہ نا اميد نہ ٿي تون سڌو گمبٽ دستگير جي گاديءَ تي وڃ اتي تون من جي مراد ماڻيندين مان حيران ٿي ويس تہ هن ننڍڙي ڇوڪري کي ڪنهن ٻڌايو؟دل ۾ سوچيم تہ ان ۾ ڪو ضرور راز هوندو. سڌو گمبٽ درگاهہ شريف تي آيم، مسجد جي اندر پهتس تہ سامهون ساڳي صورت نظر آئي. مون اجان زبان مان هڪ لفظ بہ نہ ڪڍيو تہ سائين ڪريمن فرمايو غلام نبي! ڏي خبر مقصد پورو ٿيو يا نہ؟ ان کان پوءِ سائين ڪريمن جو مريد ٿيس. مان وڏو گنهگار هيس هر برائي مون ۾ موجود هئي. عرض ڪيم تہ دعا گهرو تہ منهنجون سڀ بريون عادتون دور ٿين. پاڻ مرڪي فرمايائون تہ دستگير جي مريد کي نہ نٽ نہ نوڙي. سندن فرمان ايترو تہ اثر ڪيو جو جڏهن بہ ڪنهن ڏوهہ جو ارادو ڪندو هوس تہ سائين ڪريمن جن جي صورت سامهون ايندي هئي. مون سڀ ڏوهہ ڇڏيا ۽ سائين ڪريمن جي خدمت ۾ پيش ٿيس تہ پاڻ فرمايائون تہ غلام نبي، هاڻي حج ڪري اچ. پوءِ مون لاڳيتا ٽي حج ڪيا.

قبي جي چوٽيءَ تان هيٺ ڪرڻ ۽ بچي وڃڻ

نقل: امان الله ناريجي ويٺل ڳوٺ عبدالله ناريجو نزد رپڙي تعلقہ گمبٽ واري محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ درگاهہ گمبٽ شريف ۾ روضي جي مرمت جو ڪم ٿي رهيو هو. مان قبي جي چوٽيءَ تي مستري سان سيمنٽ جي تغاري جهليو بيٺو هوس. اوچتو منهنجو پير ترڪي ويو ۽ هيٺ ڪرندو ويس مون ڏٺو تہ منهنجي هينان ڪرسي جهڙي ڪائي شئي اچي وئي ۽ مان آرام سان زمين تي اچي وينس ڏسندڙ سڀ حيران ٿي مون ڏانهن ڏسندا رهيا تہ مان مٿان ڪيئن ڪريس ۽ هيٺ ڪيئن آرام سان اچي وينس.

مائيءَ سان وعدو ۽ پاڻيءَ مان ڪيڻ

نقل: مولوي غلام اڪبر اڃڻ پنهنجي والد صاحب جي زباني محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو ۽ اهو ساڳو نقل گامڻ جوڻيجي بہ ٻڌايو تہ هڪ نوجوان عورت سائين ڪريمن جي حويلي ۾ ڪم ڪندي هئي هڪڙي ڏينهن چار پنج مرد سائين ڪريمن وٽ آيا ۽ چيائون تہ اسان بلوچستان ڪان آيا آهيون اسان جي عورت ڪي گهران نڪتي ٻارنهن ڏينهن ٿي ويا آهن خبر پئي آهي تہ اوهان جي حويلي ۾ رهي ٿي اها اسان ڪي واپس ڏيو. سائين ڪريمن ان مائيءَ ڪي گهرايو، مائيءَ جڏهن مائٽن ڪي ڏٺو تہ روئي پئي ۽ عرض ڪيو تہ سائين هنن مونکي ڪاريءَ جوداغ ڏنو آهي مان هنن سان هر گزنہ وينديَس هي مونکي ماري ڇڏيندا. سائين ڪريمن فرمايس تون هنن سان گڏ وڃ توکي نہ ماريندا جي ماريائون تہ اسان وينا آهيون اسان ڪي سڏ ڪجانءِ، مائي روئندي هنن سان وڃڻ لاءِ راضي ٿي. سائين ڪريمن هنن همراهن ڪي بہ فرمايو تہ مائيءَ ڪي

نہ مارجو. همراهن بہ وعدو ڪيو ۽ مائيءَ کي ساڻ وٺي ويا. اسان بہ سندن ڪچهري ۾ ويٺا هياسون. اڌڪلاڪ ڪن مس گذريو تہ سائين ڪريمن جي قميص مبارڪ جون ٻانهون آليون ٿي ويون اسان سبب پڇيو تہ پاڻ خاموش ويٺا رهيا گهڙي ڪن گذري تہ ساڳئي مائي، جنهن جا ڪپڙا آلا هئا، روئيندي اچي سائين ڪريمن جي اڳيان ويٺي ۽ سائين ڪريمن کي ٻڌايائين تہ سندس پيءُ هن کي روهڙي ڪينال ۾ ڌڪو ڏئي هليا ويا ۽ پوءِ مان اوهان کي سڏيو تہ ٻہ ٽي غوطا آيا ۽ ڪنهن مونکي ٻانهن کان وٺي ڪناري تي اچي ويهاريو ۽ اتان ڊوڙندي اچي توهان وٽ پهتي آهيان. سائين ڪريمن مرڪي فرمايس تہ ٻن ٽن غوطن جو خير آهي زندگي جو احساس تہ ٿيئي نہ؟ هاڻي تون حويلي ۾ وڃ. پوءِ خبر پئي تہ سائين جن جون ٻاهون آليون ڇو ٿي ويون ٻارنهن مهينا گذري ويا هڪ ڏينهن ساڳيا ماڻهو سائين ڪريمن وٽ آيا ۽ چيائيون تہ اسان جي ڇوڪري اوهان وٽ آهي سا موٽائي ڏيو. سائين ڪريمن فرماين تہ ان کي تہ توهان ٻارنهن مهينا اڳ هتان وٺي وڃي روهڙي ڪينال ۾ ٻوڙي ڇڏيو هو وري اها ڪٿان آئي؟ هنن عرض ڪيو تہ اسان جي ڳوٺ جون ڪجهہ مايون هتي آيون هيون اهي ڪيس اوهان جي حويلي ۾ ڏسي ويون آهن. سائين ڪريمن مائيءَ کي گهرايو جنهن سائين ڪريمن کي روئي عرض ڪيو تہ قبلا سائين، هنن مونکي روهڙي ڪينال ۾ ڌڪو ڏنو هو ۽ اوهان مونکي پاڻي مان ڪڍي ورتو هاڻي مونکي هنن سان نہ موڪليو هي وري مونکي ڪٿي نہ ڪٿي ماري ڇڏيندا. سائين ڪريمن فرمايس تہ تون وڃ خطرو محسوس ڪرين تہ سڏ ڪجانءِ هي توکي ڪابہ تڪليف نہ ڏئي سگهندا. مائيءَ جا پيءُ سائين ڪريمن جا اهي لفظ ٻڌي سائين ڪريمن جا مريد ٿيا ۽ وعدو ڪيائون تہ مائيءَ کي هٿ بہ نہ لاهينداسين ۽ پوءِ روانا ٿي ويا.

قصيده غوثيہ جي اجازت

نقل: حڪيم محمد مراد شيخ لاڙڪاڻي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ قصيده غوثيہ جي اجازت گهرڻ وقت سائين ڪريمن فرمايو، چاليهہ ڏينهن يارنهن دفعا، وري چاليهہ ڏينهن ٽي دفعا روز پڙهو ۽ پوءِ روزانو هڪ ڀيرو پڙهندا ڪريو.

زورن ڏيڻ واري سان مهرباني

نقل: فقير ميان محمد ابراهيم لوڙهي وارو لڳ سڳيون تعلقہ سوڀوديرو وارن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ الهڏنو ماڇي درگاهہ مشوري شريف جن جي پاڙي ۾ رهندو هيو، ان ٻڌايو تہ هو سڄي سڄي رات سائين ڪريمن کي زور ڏيندو هيو پر نہ هن کي ننڊ ايندي هئي نہ ئي ڪيس ٿڪُ ٿيندو هيو.

هي تہ اهو ئي ٽانگي وارو آهي!

نقل: فقيرميان محمد ابراهيم صاحب لوڙهي واري لڳ سڳيون تعلقہ سوڀوديرو وارن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ ڪين پنهل فقير چني ٻڌايو تہ خانواهڻ شهر جو ڪلهوڙو ذات جو همراهہ سائين ڪريمن جو مريد هيو، هُو ڪڏهن بہ پنهنجي ٻارن کي سائين ڪريمن جي درٻار ۾ نہ وٺي آيو هيو، هڪ ڏينهن هن پنهنجي ٻارن کي بہ تيار ڪرايو تہ توهان کي سائين ڪريمن ڏانهن ٿو وٺي هلان. ٻارن کي وٺي اسٽيشن تي آيو تہ گاڏي اچي وئي، هن جلدي جلدي

ٻارن ڪي ريل ۾ ويهاريو ۽ پاڻ ٽڪيٽ وٺڻ ويو تہ گاڏي نڪري ويس، گهڻو ئي رڙيون ڪيائين پر گاڏي نہ بيٺي، هن جي گهر واري ۽ سندس ننڍڙا ٻار بہ پهريون دفعو ريل ۾ چڙهيا هيا، همراهہ ڪي پريشانيءَ ۾ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا ڪري. نيٺ سوچيائين تہ ٻي ڪا واهہ ڪونهي وڃان ٿو مرشد ڪريم ڏانهن، اهو ئي ڪا مدد ڪندو، اتان سڌو روڊ رستي گمبٽ روانو ٿيو، واٽ تي طرحين طرحين جا خيال هن کي ايندا رهيا، پر دل ۾مرشدن ڪريمن کي ٻاڏائيندو رهيو، جڏهن گمبٽ درگاهہ شريف پهتو ۽ سائين ڪريمن جي قدم بوسي ڪيائين تہ سائين ڪريمن فرمايس، فقير تنهنجا ٻار ٻا سلامت آهن ۽ اندر حويلي تي آهن، تون وڃ پهريان پنهنجي ٻارن سان ملي اچ. هو توڪان وڏيڪ پريشان آهن. هن کي يقين ئي نہ پئي آيو، سائين ڪريمن هن سان پنهنجو خليفو ساڻ ڏنو جنهن هن کي ٻارن سان ملرايو، هن کي سندس ٻارن احوال ڏنو تہ جڏهن تون گاڏيءَ ۾ نہ چڙهين تہ اسين روئڻ لڳاسين، گاڏيءَ ۾ وينل ماڻهن اسان کان پڇيو تہ اوهان ڇو ٿا روئو؟ تہ هنن کي ٻڌايو سين تہ هيئن اسان جوهمراهہ اسٽيشن تي رهجي ويو آهي ريل ۾ وينل ماڻهن پڇيو تہ اوهين ڪٿي ويندا، اسان هنن کي گمبٽ لاءِ ٻڌايو، هنن اسان کي آٿت ڏئي چيو تہ گهبرايو نہ اسان توهان کي گمبٽ اسٽيشن تي لاهي ڇڏينداسين، جڏهن گمبٽ اسٽيشن تي لٿاسين تہ اُتي هڪ عمر رسيدهہ ٽانگي واري شخص اسان کان پڇيو تہ ڪاڏي ويندئو؟ اسان کيس ٻڌايو تہ اسان گمبٽ درگاهہ شريف تي وينداسين، هن اسان کي پنهنجي ٽانگي ۾ ويهاريو ۽ ٻي ڪا بہ سواري نہ کنيائين ۽ پوءِ سائين ڪريمن جي حويلي تي لاهي گم ٿي ويو. همراهہ ڏاڍو خوش ٿيو پوءِ زال کي چيائين هل تہ توکي سائين ڪريمن جي زيارت ڪرايانءِ. جڏهن سندس زال جي نظر سائين ڪريمن تي پئي تہ مڙس کان پڇيائين هي ڪير آهي؟ سندس مڙس وراڻيو هي سائين

غلام مرتضيٰ جن آهن، ان تي سندس زال چيس هي تہ اهو ئي ٽانگي وارو آهي جيڪو اسان کي اسٽيشن تان ڪٽي آيو هيوءِ اسان کي حويلي تي ڇڏي پاڻ گم ٿي ويو هيو.

گڏهہ مارڻ جي سزا اڳ ۾ ئي ٻڌائي ڇڏڻ

نقل: فقيرميان محمد ابراهيم صاحب لوڙهي وارو لڳ سڳيون تعلقہ سوڀوديرو محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ محمد موسيٰ واٽڻي سائين ڪريمن جومريد هيو، هڪ ڏينهن سائين ڪريم جن فرمايس تہ فقير شادي ڪندين؟ محمد موسيٰ وراڻيو تہ قبلا سائين هائو چونہ ڪبي، سائين ڪريمن فرمايس پر هڪڙي ڳالهہ آهي جڏهن ڀڄاڙي ٿيندئي تہ تون اسان کي پٽيندين، تو کي سيني منجهہ سور پوندو، ۽ پوءِ تو کان ٻارٻچا سڀ ڪجهہ وسري ويندا، ۽ تون چوندين تہ هي مون سان سائين ڪريمن کهڙو آزار ڪيو. محمد موسيٰ وراڻيو تہ قبلا سائين پوءِ بہ شادي ڪندس، پر قبلا سائين مون سان ائين ڇو ٿيندو؟ پاڻ فرمايائونس تہ تو واري زمين جنهن ۾ ڪٽڪ پوڪيل هيئي ان ۾ هڪڙو گڏهہ پيو هيو جنهن کي تون ماري ماري ساٽو ڪري ڇڏيو هيو ۽ پوءِ گڏهہ جي مالڪ جي ڊپ کان تون گڏهہ کي جيئرو پوري ڇڏيو هيو. اها سزا تو کي عمر جي آخري حصي ۾ ملندي. ان کان پوءِ فرمايائونس تہ تو واري ڳوٺ ۾ فلاڻي مائي ۽ ان جي مڙس کي سڃاڻين؟ محمد موسيٰ وراڻيو هائو قبلا سائين، پاڻ فرمايائونس تہ ان مائيءَ کي سندس مڙس ٽن سالن کان پوءِ طلاق ڏيندو پوءِ ان مائيءَ سان تنهنجي شادي ٿيندي. محمد موسيٰ وراڻيو تہ قبلا سائين ان مڙس ۽ مائي جي تہ پاڻ ۾ گهڻي محبت آهي ۽ اها ڳالهہ سڄي ڳوٺ ۾ مشهور آهي. پاڻ

فرمايائونس ٽن سالن ڪان پوءِ انهن جو ڪنهن معمولي ڳالهہ تي جهيڙو ٿيندو ۽ پوءِ سندس مڙس ڪيس طلاق ڏيندو. پر تيستائين اسان توکي ائين ڪري ٿا چڏيون جوانهن ٽن سالن لاءِ توکي الياڻ ڏئي ٿا چڏيون تہ تون ڪنهن عورت جي لائق نہ رهندين. محمد موسيٰ ٻڌايو تہ واقعي مان وڏا وس ڪيا پر ان معاملي ۾ مان بلڪل ختم هيس. ٽن سالن ڪان پوءِ انهن زال ۽ مڙس جي وچ ۾ جهيڙو ٿيو ۽ طلاق بہ ٿي وئي، مائي جو پيءُ هن ڏانهن آيو تہ تون اسان ڪان سڳ وٺ، پوءِ هن جي شادي بہ ٿي، فقير ميان محمد ابراهيم صاحب جن ٻڌايو تہ عمر جي آخري حصي ۾ محمد موسيٰ وٽس ايندو هيو ڪيس سيني ۾ سخت سور هوندو هيو. ايتري تائين جو چوندو هيو تہ دعا ڪريو تہ موت اچي.

گمشده سوني ڪوڪي جو ڪُڪڙَ جي گُجيءَ مان ملڻ

نقل: نور محمد سهتي وينل ڳوٺ ديهات لڳ خانواهڻ واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هو هڪ دفعي سائين ڪريمن وٽ وينو هيو تہ هڪ عمر رسيده عورت سائين ڪريمن وٽ آئي ۽سائين ڪريمن کي عرض ڪيائين تہ قبلا سائين هي منهنجو پٽ آهي ۽ هيءَ منهنجي نُنهن آهي، هنن جي شادي کي مهينو کن ٿيو آهي، منهنجيءَ ننهن جو گهر ۾ نَڪَ وارو سونو ڪوڪو گم ٿي ويو آهي، جنهن ڏينهن کان ڪوڪو گم ٿيو آهي، مون واري ننهن روئڻ بند نہ ڪيو آ، سندس مڙس ان ڪان سنا پنج ٻيا ڪوڪا نهرائي ڏنا اٿس پر مائي چوي ٿي مون کي کپي تہ سهاڳ وارو ڪوڪو، ٻيو مان ڪو نہ پائيندس. سائين ڪريمن ان مائي صاحبہ کي مخاطب ٿي فرمايو تہ جڏهن تو کي ٻيا ڪوڪا مڙس نهرائي ٿو

ڏئي تہ پوءِ تون چو نہ ٿي پائين؟ ان مائيءَ سائين ڪريمن کي هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ سائين! مان ٻيو ڪوڪونہ پائيندس اوهان وٽ ان لاءِ تہ حاضر ٿيا آهيون، اوهان ڪا مهرباني ڪريو. سائين ڪريم جن چپ ٿي ويا. ڪجهہ دير ڪان پوءِ ڪنهن خليفي کي سڏيائون ۽ ان کي پئسا ڏئي فرمايائون تہ شهر مان ڪڪڙ وٺي اچو، جڏهن خليفو ڪڪڙ وٺي آيو تہ پاڻ خليفي کي فرمايائون تہ ڪڪڙ کي ڪُهي ان جون ٻوٽيون ڪري اچو پر ڪڪڙ جي گُجيءَ کي ڪجهہ نہ ڪجو ۽ باسلامت ڪٽي اچجو، خليفي ائين ئي ڪيو، ڪڪڙ جو گوشت ۽ گُجي سائين ڪريمن جي آڏو اچي رکيائين، سائين ڪريمن گوشت ننگر ۾ چاڙهڻ لاءِ حويلي تي اماڻي ڇڏيو باقي گُجيءَ لاءِ خليفي کي فرمايائون تہ هن کي ڏوئي اچ ۽ هن مان جيڪي ڪجهہ ملئي اهو ڪٽي اچ. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ خليفو هٿ جي تريءَ تي ڪا شئي ڪنيون آيو، سائين ڪريمن کي عرض ڪيائين تہ قبلا سائين گُجيءَ مان ٻيو ڪجهہ نہ باقي هي سون جو ڪوڪو مليو آهي، پاڻ اهو ڪوڪو ان مائيءَ کي ڏيکاري فرمايائونس تہ مائي هيءُ ڏس؟ مائيءَ ڪوڪو ڏسي عرض ڪيو تہ قبلا سائين اِهو ئي منهنجو ڪوڪو آهي جيڪو گم ٿي ويو هيو.

سائين ڪريمن جي صورت جو تصور پچائيندڙ ديوان

نقل: سائين قبلا مرشد محمد موريل شاهہ بادشاهہ دامت برڪاتهم العاليہ جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هوند راڄ پريالويءَ سائين ڪريمن کي عرض ڪيو تہ قبلا سائين اوهان پنهنجي صورت مبارڪ جو تصور پچائڻ جي اجازت ڏيو ۽ مهرباني بہ ڪريو تہ مان اوهان کي هر وقت پنهنجي اڳيان پسندو رهان. سائين ڪريمن ڪيس اجازت

ڏني، ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ هوند راڄ درگاهہ تي آيو ۽ سائين ڪريمن ڪي عرض ڪيائين تہ قبلا سائين اوهان جي مهرباني سان مان اوهان جي صورت مبارڪ هر وقت پنهنجي سامهون ٿو ڏسان، دڪان هجي، گهر هجي، دڳ هجي پر قبلا سائين اوهان تہ منهنجي ان وقت بہ سامهون بيٺا هوندا آهيو جڏهن مان جهنگ جي خيال سان وينو هوندو آهيان يا جڏهن مان زال سان پنهنجي منهن هوندو آهيان تہ بہ اوهان منهنجي سامهون بيٺا هوندا آهيو، قبلا سائين انهن ٽائيمن تي تہ اوهان ٿورڙو پاسو ڪندا ڪريو. پاڻ ڪلي ڏنائون ۽ هوند راڄ کي فرمايائون تہ هائو ديوان اسان هاڻي انهن ٽائيمن تي تو کي نظر نہ ايندا سين.

دلمراد فقير لوڙهائيءَ کي روحاني تصرف سان گهرائڻ

نقل: فقير امام بخش سمون وينل شهر خانواهڻ واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ سائين ميان دلمراد فقير لوڙهي وارن ڏانهن سائين ڪريمن نياپو ڪرايو تہ اسان سان ملي وڃو، سائين دلمراد فقير جن سائين ڪريمن ڏانهن چورائي موڪلايو تہ قبلا سائين اسين لوڙهي ۾ آهيون ۽ ان ڪري نڪرڻ کان قاصر آهيون. ڪجهہ عرصي کان پوءِ دلمراد فقير تي ٻيلي کاتي وارن گمبٽ جي ڪورٽ ۾ ڪيس ڪيو تہ فقير صاحب جن ٻيلي کاتي جي زمين تي قبضو ڪيو آهي، جڏهن ڪورٽ ۾ حاضريءَ جو نوٽيس فقير صاحب جن کي مليو تہ فقير صاحب جن نوٽيس کي ڏسي چيو تہ هي حڪومتي ڪورٽ جو نوٽيس ناهي پر سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جن جي ڪورٽ جو نوٽيس آهي، جنهن ڏينهن سندن حاضري هئي ان ڏينهن سڌا درگاهہ گمبٽ شريف تي سائين ڪريمن وٽ آيا.

پاڻ فريائونس فقير توهان هونءَ نہ آيا تہ اسان اوهان ڪي هيئن گهرائي ورتو. ان ڪان پوءِ سائين غلام مرتضيٰ شاھ بادشاھ جن پنهجا خليفا گمبٽ ڪورٽ ۾ موڪليا ۽ انهن ڪي فرمايائون تہ جنهن وقت ڪورٽ ۾ فقير صاحب جن ڪي سڏ ٿئي تہ ڊوڙي اچي ٻڌائجو پر سڀو ڏينهن فقير صاحب ڪي سڏ نہ ٿيو ۽ نہ ئي ان ڪان پوءِ وري ڪو ڪورٽ جو نوٽيس فقير دلمراد صاحب ڏانهن آيو.

ڪنهن جي ڪريل شئي کڻجي يا نہ؟

نقل: مولوي غلام اڪبر اڄڻ کهڙا شهر واري محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ ڪيس سندس والد صاحب ٻڌايو تہ ڳوٺ پير عيسيٰ جو حاجي عبدالغفور ميتلو سائين ڪريمن جي زيارت لاءِ گمبٽ درگاھ طرف اچي رهيو هو. رستي ۾ روپئي تي نظر پيس پر مرشد ڪامل جو مريد هو. ڪو بہ ڪم مرشد جي اجازت ڪانسواءِ نہ ڪندو هو. دل ۾ سوچيائين تہ روپيو کڻان يا نہ کڻان؟ پوءِ دل ۾ خيال ڪيائين تہ چڱو ڀلا مرشد ڪريمن ڪان پڇا ڪندس تہ ڪنهن جي ڪِريل شيءِ کڻجي يا نہ؟ سو چا ڪيائين جو روپئي جي مٿان ڇيڻو رکي سڌو سائين ڪريمن جي خدمت ۾ پيش ٿي ماجرا عرض ڪيائين. سائين ڪريمن مُرڪي فرمايس تہ ٻچا! اهو هر ڪنهن جي دل جو فيصلو آهي تہ ڪريل شيءِ کڻي يا نہ، پر جاڻي ٻُجهي ڇيڻي هينان بہ نہ لڪائجي.

مريد ڪان فقير جا هٿ چُمرائڻ

نقل: حڪيم محمد مراد شيخ لاڙڪاڻي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته هڪ ڏينهن سائين ڪريم جن درگاهه ۾ ٿلهيَ تي ويٺا هئا مون دل ۾ سوچيو ته اڄ مونکي مرشد ڪريم جن ڪو حڪم ڪن ته مان اهوپورو ڪريان. ايتري ۾ سائين ڪريمن مونکي هٿ جي اشاري سان پاڻ ڏانهن سڏيو، مان اڳيان حاضر ٿيس ته فرمايائون ٻاهر دَرَ تي فقير ويٺو آهي وڃو ۽ ان کي هڪ رپيو به ڏيو ۽ سندس هٿ به چمي اچو. مان در تي پهتس ڏٺم ته فقير مٿيءَ ۾ پيوت لڳو پيوهو ۽ ڦاٽل ميرا ڪپڙا پاتل هئس. دل ۾ چيم ته ان جا هٿ چمڻ وارو حڪم مان پنهنجو پاڻ تي صادر ڪرايو ۽ پوءِ فقير کي روپيو ڏئي سندس هٿن کي چمي ڏنم.

اجان به يقين نه تو اچئي ڇا؟

نقل: حڪيم محمد مراد شيخ لاڙڪاڻي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته جماعت جيلاني لاڙڪاڻه برانچ جو پهريون صدر حاجي الاهي بخش ڪيس ٻڌايو ته مان سائين ڪريمن وٽ زيارت لاءِ حاضر ٿيس رات جو عرض ڪيم ته صبح سوير شهرڪهڙا وڃڻو آهي سو سوير اٿي ويندس، ان لاءِ اجازت ڏيئي ڇڏيو. سائين ڪريمن فرمايو ته فجر جي نماز هتي پڙهي پوءِ وڃجان. پرمان سندن حڪم جي خلاف ورزي ڪري ننڊ مان اٿي هليو ويس گمبٽ شهر مان ٻاهر نڪتس ته پيٽ ۾ سخت سُور پئجي ويو ۽ سُور ويو وڌندو. دل ۾ سوچيم ته مرشد جي حڪم جي خلاف ڪم ڪيو اٿم جنهن ڪري تڪليف وڌي رهي آهي. اجان ان سوچ ۾ هئس ته سامهون هڪ گهوڙي سوار آيو ۽ گهوڙو بيهاري چيائين ته سامهون ڪاٺ جي

ٻُنڌي پئي آهي اها ڪٽي ڏي. مون ڪيس اها ڪٽي ڏني ۽ هو هليو ويو مان واپس موٽي درگاهه شريف تي آيس نماز سائين ڪريمن جي پويان پڙهيم ۽ دل ۾ سوچيم تہ ڪيئن خبر پوي تہ کهڙن واري رستي تان مرشد ڪريم موٽايوآهي ايتري ۾ پاڻ فرمايائون تہ حاجي الاهي بخش!رستي تان ٻُنڌي ڪٽي گهوڙي واري کي ڏنئي، اڃان بہ يقين نہ ٿو اچئي ڇا؟

مريد جي دل مان گُمان ڪڍڻ

نقل: جعفرآباد، بلوچستان جي محمد علي کوسي محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هڪ ڀيري سائين ڪريمن جي خدمت ۾ درگاهه شريف تي حاضر ٿيس، مسجد جي اڳيان پاڻيءَ جا مَٽَ رکيل هئا، مون ڏٺو تہ ڪوڙهہ جا مريض بہ انهن ساڳئي مَٽن مان پاڻي پي رهيا هئا، جيئن تہ مان يوناني حڪمت بہ ڄاڻندو هيس، دل ۾ سوچيم تہ ڪوڙهہ جي مريضن سان گڏ کائڻ پيئڻ نہ گهرجي ڇو تہ اهو مرض وچڙندڙ هوندو آهي ۽ ٻين کي بہ وچڙي سگهي ٿو. ان وقت مونکي بہ سخت اڃ لڳي سوچيم تہ ٻاهر وڃي ڪٿان پاڻي پي اچان. سائين ڪريمن مون ڏانهن نهاري پنهنجي خليفي کي حڪم فرمايو تہ اسان کي پاڻي پيار، پر سامهون وارن مٽن مان ڀري اچ. مان سمجهي ويس تہ اهو بہ منهنجي سوچ جوجواب آهي. پوءِ مون بہ اتان ئي مَٽن مان پاڻي پيتو.

ٻيدل شاهہ، تنهنجو ڪيسو هن همراهہ نہ ڪتريو آهي

نقل: سيد بدل شاهه ڳوٺ صدرجي پٽيون تعلقه ڪنگري واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته هڪ دفعو هو سائين ڪريمن جي زيارت لاءِ گمبٽ شريف ڏي روانو ٿيو جڏهن خيرپور اسٽيشن تان ٽڪيٽ وٺي ريل ۾ وينو ته هن جو ڪوئي شاهينگ ڪيسو ڪٽري ويو، هن جو شڪ پر ۾ وينل هڪ همراهه ۾ هيو پر هو ڪيس چئي نه سگهيو، بدل شاهه جڏهن گمبٽ اسٽيشن تي لٿو ته اهو همراهه به گمبٽ لٿو، بدل شاهه درگاهه شريف تي اچڻ لاءِ ٽانگي ۾ وينو ته اهو شخص به ٽانگي ۾ ساڳس گڏجي وينو، بدل شاهه به سائين غلام مرتضيٰ شاهه جن وٽ لٿو، ته هو به سائين ڪريمن جي محفل ۾ آيو. بدل شاهه ٻڌايو ته مان سائين ڪريمن جي سامهون ٿيڏيءَ اک سان هن همراهه کي پئي ڏٺو ته، منهنجو ڪيسو ڪٽري، وري اچي وينو به سائين ڪريمن وٽ مون سان گڏ آهي ته ايتري ۾ سائين ڪريمن مون کي سڏ ڪري فرمايو ته بدل شاهه! تنهنجو ڪيسو هن همراهه نه ڪٽريو آ، اهو ڪم ڪو ٻيو همراهه ڪري ويو اٿئي. هن همراهه کي چور نه وٺ.

مسئلو بيان ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي ان جو حل ٻڌائڻ

نقل: حافظ ولي محمد سومري ڳوٺ صدرجي پٽيون تعلقه ڪنگريءَ واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته هن جو استاد علم الاعداد جو ماهر هوندو هيو، پر جڏهن به ڪٿي ڪو مسئلو ٿيندو هيس يا مُنجهندو هيو ته سائين ڪريمن ڏانهن ويندو هيو، سائين ڪريمن وٽ اجان محفل ۾ ويهندو ئي مَس هيو ته سائين ڪريم هن وارو مسئلو بيان ڪرڻ شروع ڪندا هيا ۽ هن کي ڪا ڳالهه ڪري ٻڌائڻ جي ضرورت به محسوس نه ٿيندي هئي.

عطا محمد پڪ ڪري آيو آهين يا نہ ؟

نقل: منهنجو (محمد علي سهتي جو) والد مرحوم حڪيم حاجي عطا محمد سهتو پنهجي مريد ٿيڻ جو واقعو مون کي هن طرح ٻڌائيندا هئا تہ هڪ دفعي بابا سائين جن هڪ فلم ڏٺي جنهن ۾ هڪ ملڪ ٻئي ملڪ تي حملو ڪري ٿو ۽ ان ملڪ جو بادشاهہ جڏهن وڙهندي وڙهندي هڪڙي جبل تي چڙهي وڃي ٿو تہ هن کي دشمن ورائي وڃن ٿا پوءِ هي پنهجي مرشد کي سنڀالي ان جبل تان ٽپ ڏئي ٿو تہ سندس مرشد جبل جي هيٺان هن کي جهپي ٿو وٺي ۽ هن کي پنهنجو غاليچو ۽ تلوار ڏئي ٿو. اهو فلمي سين ڏسي بابا سائين جن دل ۾ پڪو پهہ ڪيو تہ مرشد وٺبو تہ اهڙو وٺبو. ان ڪان پوءِ بابا جن ٻڌائيندا هيا تہ بابا ڪيترا ئي شهر گهميو تہ ڪو اهڙو مرشد وٺجي پر جتي بہ ويو اتان اهو ئي چيو ويو تہ اوهان لاءِ گمبٽ ۾ سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جن جو وينا آهن. آخر گهمي ڦري جڏهن گمبٽ درگاهہ شريف تي سائين ڪريمن وٽ آيو، وضو ڪري سائين ڪريمن جي قدم بوسي ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو تہ سائين ڪريمن ڏسي فرمايس تہ عطا محمد پڪ ڪري آيو آهين نہ. پوءِ سائين ڪريمن جو دستِ بيعت مريد ٿيو.

هي بہ سندس ذات جي تعظيم آهي

نقل: محمد بچل پيرزادي ڳوٺ صدرجي پٺيون تعلقہ ڪنگري واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هن جي مامي (جيڪو منهنجو مامو بہ آهي) استاد روشن علي پيرزادي ڪيس ٻڌايو تہ استاد سڄڻ عباسي ۽ هو يعني استاد روشن پيرزادو سائين ڪريمن ڏانهن حاضري ڀرڻ ويندا هئا، ڪجهہ وقت ڪان پوءِ استاد سڄڻ عباسيءَ

جو اتڻ ويهڻ ڪجهه ديوبندي خيال جي عالمن سان ٿي ويو جتي هن ڪي اهو ٻڌايو ويو ته مرشد ڪريم يا ٻئي ڪنهن شخص ڪي پيرين پوڻ يا ان جو هٿ چمڻ بدعت آهي. ان ڪان پوءِ جڏهن هو سائين ڪريمن جي زيارت ڪرڻ لاءِ گمبٽ شريف وجي رهيا هئا ته استاد سچڻ کي بار بار اهو خيال دل ۾ اچي رهيو هو، پر ان ڳالهه جو اظهار هن استاد روشن پيرزادي سان نه ڪيو، جڏهن هي درگاهه شريف تي پهتا ۽ سائين ڪريمن جي قدم بوسي ڪرڻ لڳا ته سائين ڪريمن استاد سچڻ عباسي ڏانهن ڏسي فرمايو ته استاد هي به سندس ذات جي ئي تعظيم آهي، اوهان پريشان نه ٿيو، گمبٽ کا واپسيءَ تي جڏهن استاد روشن انهن لفظن جو سبب استاد سچڻ کان پڇيو ته پوءِ هن اها ڳالهه ڪري ٻڌائي ته هو چا پئي سوچيندو آيو، جنهن تي سائين ڪريمن اهي لفظ فرمايا.

تنهنجي پٽ کي لڳل گوليءَ جو نشان به نه هوندو

نقل: منير احمد ڪلهوڙي وينل ڳوٺ صدرجي پٽيون تعلقه ڪنگريءَ واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته ڳوٺ گلو سيال ۾ سائين ڪريمن جو هڪ مريد هيو ان جي پٽ امير بخش منگيءَ جو ڏاڙيلن سان مقابلو ٿي پيو هڪ ڏاڙيل ڪيس رائفل جو فائر ڪيو گولي سندس مُنهن ۾ لڳي ۽ ٻئي پاسي کان نڪري وئي همراهه بيهوش ٿي ڪري پيو ڳوٺ وارا ۽ مائٽ ڪيس اسپتال کڻي ويا پر، هيءُ پٽ سان اسپتال وڃڻ بجاءِ سڌو سائين ڪريمن وٽ آيو ۽ درگاهه شريف تي اچي سائين ڪريمن کي روئي عرض ڪيائين ته قبلا سائين، منهنجي پٽ کي گولي لڳي آهي ڪا مهرباني ڪريو. ان کي اسپتال کڻائي ويا آهن. جواب ۾ سائين ڪريمن فرمايس ته

الله سائين رحم ڪندو. فقير تون گهٻراءِ نہ. ٻيو دفعو بہ هن ساڳيو عرض ڪيو، سائين ڪريمن ٻيو دفعو بہ ساڳيو جواب ڏنس هن وري ٽيون ڀيرو بہ ساڳيو عرض ورجايو تہ سائين ڪريمن بہ ساڳيوئي جواب ڏنو. ان تي ان همراھ سائين ڪريمن کي عرض ڪيو تہ سائين جي اوهان جي پٽ کي گولي لڳي ها تہ پوءِ بہ اهو ئي جواب ڏيو ها، سائين ڪريمن مرڪي فرمايس تہ منگي فقير! تنهنجي پٽ کي گوليءَ جو نشان بہ نہ هوندو. سائين ڪريمن جي دعا سان سندس پٽ چڱو ڀلو ٿي گهر آيو، ۽ سندس ڇهري تي ڪو نشان بہ نہ آهي.

پٽ جو عطا ٿيڻ

نقل: حڪيم محمد مراد شيخ لاڙڪاڻي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ منهنجي گهر واري اميد سان هئي. سائين ڪريمن وٽ آيس ۽ کين عرض ڪيم قبلا سائين! دعا گهرو تہ پٽ ڄمي. پاڻ فرمايائون تنهجو نالو محمد مراد آهي ۽ تنهنجي پٽ جو نالو علي مراد ٿا رکون. گهر واريءَ کي چئہ دل تي هٿ رکي چوي تہ جيڪو پيٽ ۾ آهي تنهن جو نالو علي مراد آهي. پٽ ڄائو نالو علي مراد رکيو مانس ان کان پوءِ ست ٻيا پٽ بہ ڄاوا.

پاڻيءَ جي سئو گهڙن سان فالج واري کي شفا

نقل: امان الله ناريجي ويٺل ڳوٺ عبدالله نارو لڳ رپڙي تعلقہ گمبٽ واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ سندس ڀاءُ هدايت الله کي سخت بخار ٿي پيو ۽ بخار جي ڪري ڪيس فالج ٿي پيو. ڪافي دوائون ڪرايون سي پر ڪو فائدو نہ ٿيو. بابا چيو تہ سائين ڪريمن ڏي ڪٺي وڃيس مان ڀاءُ کي درگاهہ شريف تي ڪٺي آيس ۽ سائين ڪريمن کي عرض ڪيم تہ ڀاءُ بيمار آهي دوائن جو اثر ختم ٿي چڪو آهي باقي دعائن ۾ اميد آهي. اوهان رب جي درٻار ۾ دعا ڪريو تہ ڀاءُ صحت ياب ٿئي. سائين ڪريمن ادا کي ڏسي فرمايو تہ هن کي ڳوٺ ڪٺي وڃ ۽ ڳوٺ واري کوهہ تان هڪ سئو گهڙا پاڻي جا ڀري هن جي مٿان وجهو. مان ڀاءُ کي ڳوٺ ڪٺي آيس. بابا کي چيم تہ اسان ٻہ ڄڻا کوهہ مان هڪ سئو گهڙا ڀري نہ سگهندا سون، سو ڳوٺ وارن کي منٿ ڪيم تہ هن ڪم ۾ منهنجي مدد ڪريو پر ڳوٺ وارن حيران ٿي چيو تہ چريو تہ نہ ٿيو آهين! هڪ سخت بخار ٻيو اڌرنگو ان صورت ۾ مريض جي مٿان پاڻي وجهڻ، معنيٰ تہ ڪيس هٿ سان موت ڏيڻ آهي. پر مونکي مرشد ڪريم جي ڳالهہ ۾ پورو پورو يقين هو. سو انهن کي چيم تہ توهان مونسان وانگار وهو. ٻچيو تہ اسان جو، مئو تہ الله جو. پر مونکي پورو يقين آهي تہ مرشد ڪريم جي حڪم سان چڱو ڀلو ٿيندو. همراهن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ هن جي مٿان نوانوي گهڙا ڀري وجهون ٿا، هڪ گهڙو رهائي ٿا ڇڏيون پوءِ سائين ڪريم جي ڪرامت جي خبر پئجي ويندي سوهنن نوانوي گهڙا پاڻيءَ جا هدايت الله جي مٿان وڌا ۽ هڪڙو دلو رهائي ڇڏيائون ۽ مونکي هڪ سئو ٻڌايائون. پاڻي تہ همراهہ جي مٿان پيو پر فائدو ذرو بہ نہ ٿيو. مان ڀاءُ کي ڪٺي وري سائين ڪريمن جي خدمت ۾ حاضر ٿيس تہ سائين

ڪريمن ڪيس ڏسي فرمايو تہ امان الله، پاڻي جو هڪ گهڙو اجان رهيل آهي. هن ڪي ڪٽي وچ ۾ ساڳئي ڪوهہ مان هڪ گهڙو ڀري وجي وجهينس. مان ڀاءُ ڪي ساڳئي ڪوهہ تي ڪٽي ويس ڳوٺ وارن جو مونکي ڏنو سو اچي ڪوهہ تي گڏ ٿيا مان انهن تي ڪاوڙجي پيس پر اهي سڀ کلندا رهيا. مون ڪاوڙ مان پاڻ ڪوهہ مان گهڙو ڀري ڀاءُ جي مٿان وڌو ۽ گهر ڪٽي آيو مانس تہ ڳوٺ وارا بہ اچي منهنجي گهر پهتا ۽ ويهي رهيا. مان ڪين ڪاوڙ مان ڏسي رهيو هوس پر اهي سڀ مرڪي رهيا هئا. اٽڪل هڪ ڪلاڪ ڪان پوءِ اسان ڏٺو تہ هدايت الله ڪڻ تان اٿي هوريان هوريان هيٺ لهڻ لڳو مون ڊڪ ڀري وجي ڪيس سهاري ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پر چيائين تہ تون ڇڏ مان پاڻ هلان ٿو ۽ هوريان هوريان اچي ٻيءَ ڪٽ تي وينو ۽ بخار بہ ختم ٿي ويس تنهن ڪان پوءِ ڳوٺ وارن مون کي ٻڌايو تہ، امان الله! اسان تنهنجي مرشد جي ڪرامت ڏسڻ لاءِ ڄاڻي ٻجهي هدايت الله جي مٿان نوانوي گهڙا ڀري وڌا هئا پر هاڻي مڃون ٿا تہ بيشڪ تنهنجو مرشد ڪامل آهي ۽ پوءِ هڪ ٻن ڏينهن جي اندر هدايت الله بلڪل نيڪ ٿي ويو.

وڏيري جي هارِ مريد جي سرسي

نقل: مدرسہء انوارِ مجتبيٰ خيرپور ميرس جي باني الحاج الله آندل شيخ محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ هڪ دفعي محمد سليمان نالي هڪ شخص مرشد ڪريم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، مان بہ موجود هيس، هن عرض ڪيو تہ قبلہ منهجو چاچو مون ڪي سَڱ نہ ٿوڏئي، آءٌ غريب مسڪين آهيان ۽ هو وڏيرو آهي پاڻ فرمايائونس تہ صبح ۽ شام گهر وجي چويس تہ مون ڪي ڏيءَ جو سَڱ ڏي. هي ڳوٺ ويو ۽ روزانو وڏيري ڪي گهر ۾ تنگ ڪري ڇڏيائين هر هر

سَگَ پئي گهريائينس ۽ وڏيري بہ گهڻ وڏ بہ پي ڳالهايُس ۽ گاريون بہ پئي ڏنائينس پر هن مرشد ڪريم جو حڪم پوئتي نہ ڪيو ۽ وڏيري ڏانهن ويندو رهيو. وڏيري جي گهر واريءَ مڙس کي چيو تہ هروڀرو بدنامي ٿي ٿئي سگ تہ ڏيڻوئي آهي، تنهن ڪري ڏئي ڇڏيس. پوءِ وڏيري ان کي سگ ڏنو ۽ هن جي شادي ٿي وئي.

ريل گاڏي جيستائين توهان کي نہ ڪٽندي، ڪيڏانهن نہ ويندي

نقل: مدرسہ انوارِ مجتبيٰ خيرپور ميرس جي باني الحاج الله آندل شيخ محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ مان، منهنجي ڪٽنب جا ڪجهہ ماڻهو، رحمت الله شيخ ولد وڏيرو ارباب ۽ ٻيا سائين ڪريمن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا سون، دعا لاءِ عرض ڪيو سون پاڻ دعا گهريائون تہ اسان اجازت طلب ڪئي، پاڻ فرمايائون تہ آرام سان ننگر ڪري پوءِ وڃو، اسٽيشن تي ريل گاڏي هارن وڄائي رهي هئي، اسان عرض ڪيو قبلا سائين گاڏي نڪري ويندي، پاڻ فرمايائون تہ، ريل گاڏي جيستائين توهان کي نہ ڪٽندي ڪيڏانهن بہ نہ ويندي پوءِ ٿيو بہ ائين اسان ماني کائي آرام سان وياسين جڏهن ريل ۾ ويناسين تہ اتي اچي ٽي ٽيءَ ٽڪيٽون ڏنيون پوءِ ريل هلي ۽ اسان خيرپور پهتاسين.

غلام مرتضيٰ شاهہ جيئرو آهي تہ وڃي ننڊ ڪريو

نقل: عبدالغني جوڻيجو وينل ڳوٺ وريو واهڻ لڳ درازا واري محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ اسان جي ڳوٺ وارن جو جاگير واري زمين تي سرڪار سان ڦڏو هوندو هيو. هر ٻئي ٽئين ڏينهن پوليس سٺ ستر جڻا ٻڌي جيل ۾ وجهندي هئي اسان تنگ ٿي پياسون اسان حاجي غلام رسول مڪي کي چيو تہ تون سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جو پيارو آهين اسان سان گڏجي هل ۽ ائين ڪريمن کان دعا گهراءِ تہ هن مصيبت مان جان ڇُٽي. حاجي مڪي ۽ ملان امام بخش کي ساڻ وٺي درگاهہ گمبٽ شريف پهتا سين۽ سائين ڪريمن کي عرض ڪيوسين، سائين ڪريمن اسان کي اي ڪي بروهي وڪيل ڪرائي ڏنو. ان وقت اسان جو ڪير بہ ضامن ڪو نہ ٿي پيو سائين ڪريمن نچائي ڄامڙي کي ۽ هڪ لاکو جنهن جو نالو ياد ڪونهي ٻنهي کي گهرائي اسان جي ضمانت ڪرائي هڪ ڏينهن خبر پئي تہ نچايو ڄامڙو مري ويو اسان خوف وچان سائين ڪريمن وٽ پهتا سين ۽ ڪين احوال ٻڌايو سين پاڻ مرڪي فرمايائون تہ نچايو ڄامڙو مري ويو تہ ڇا ٿي پيو! غلام مرتضيٰ شاهہ تہ جيئرو آهي نہ! وڃي ننڊون ڪريو ڪجهہ بہ نہ ٿيندو. عرض ڪيو سون تہ ڊي سي جيل ۾ وجهندو. سائين ڪريمن فرمايو تہ ڊي سي ڪرسيءَ تي هوندو تہ اوهان کي جيل ۾ وجهندو نہ ! سبحان الله ! اسان جڏهن بہ حاضريءَ تي ويندا هئاسون خبر پوندي هئي تہ ڊي سي صاحب اوچتو بدلي ٿي ويو. الائي جي ڪيترا ڊي سي بدلي ٿي ويا. ساڳيو نقل وڏيري ٻِيڙي جوڻيجي بہ ٻڌايو.

ڏاچيءَ جو چوري ٿيڻ ۽ پنجوڙي ٿوڙائي موٽڻ

نقل: پروفيسر محراب علي لاکي ڳوٺ وڏا لاکا واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ کيس شمن علي لاکي ٻڌايو کي سندس والد صاحب ٻڌايو تہ هُو سائين ڪريمن جي ڪچهريءَ ۾ وينو هيو سائين ڪريمن فرمايو تہ اسان جي ڏاچي چوري ٿي وئي آهي ان بابت جنهن کي ڪاخبر هجي تہ ٻڌائي ڪچهري ۾ چور بہ وينو هو تنهن عرض ڪيو تہ سائين مونکي تنهنجي سِر جو قسم آهي مون کي اوهان جي ڏاچي جي ڪا بہ خبر ڪانهي. سائين ڪريمن مرڪي فرمايو تہ نيڪ آهي. ڏاچي چور جي گهر مان پنجوڙي ٿوڙائي رڙيون ڪندي اسان وٽ پهچي ويندي. پوءِ ماڻهن ڏٺو تہ سائين ڪريمن جي ڏاچي نئين ڳوٺ پناڻي مان رڙيون ڪندي گمبٽ درگاهہ شريف تي پهتي.

سخت بخار جو پنجن منٽن ۾ ڇڏي وڃڻ

نقل: پروفيسر محراب علي لاکي ڳوٺ وڏا لاکا واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ کيس ڳوٺ وڏا لاکا جي الهوڏايو عرف خير علي لاکي ٻڌايو تہ منهنجو ڏاڏو دلبر ۽ منهنجو پيءُ چنيسر سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جن جا مريد هئا. مان بہ سائين ڪريمن جي ڪچهري ۾ ويهندو هوس. هڪڙي ڏينهن مونکي سخت بخار اچي ويو ۽ مان ڪچهري ۾ ئي تڏي تي سمهي پيس جڏهن سائين ڪريمن مونکي ڏٺو تہ پاڻ اٿي اچي مونکي ٻنهي ڳلن تي چميون ڏئي فرمايائون گهبراءِ نہ بخار پنجن منٽن ۾ ختم ٿي ويندوءِ پوءِ پنجن منٽن ۾ مان بلڪل چاق ٿي ويس.

نامرد کي مردانگي طاقت جو عطا ٿيڻ

نقل: وڏيري ناصر علي گهمري، وينئل ڳوٺ ڪيٽي مير محمد گهمرو تعلقہ ڪنگري واري محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ بلوچستان جي هڪ مريدياڻي سائين ڪريمن جي خدمت ۾ حاضر ٿي، ان سان گڏ سندس ننهن ۽ پٽ بہ گڏ هئا، سائين ڪريمن کي عرض ڪيائين تہ سائين هي منهنجو پٽ آهي هن کي مڙداڻي طاقت ڪونهي، دعا يا علاج ڪيوس. سائين ڪريمن فرمايس تہ مائي تون گهٻراءِ نہ، سڀ ڪجهہ نيڪ ٿي ويندو. ڪجهہ دير کان پوءِ سائين ڪريمن جو خليفو آيو ۽ سائين ڪريمن کي عرض ڪيائين تہ سائين ڪنهن مريد کي موڪليو تہ مال لاءِ گاهہ لڻي اچي. سائين ڪريمن ان مريدياڻيءَ جي پٽ کي فرمايو تہ وڃو ۽ سامهون ٻنيءَ مان گاهہ ڪري اچو ۽ پاڻ سان گڏ زال کي بہ ورتيون وڃ. همراهہ اٿيو تہ سندس زال سان گڏ ماءُ بہ گاهہ ڪرڻ لاءِ گڏجي وئي. سائين ڪريمن جي ٻنيءَ ۾ جوئر جو فصل بہ بيٺو هيو. جهٽ ڪان پوءِ همراهہ جوئر جي فصل ۾ گهڙي ويو ۽ اتي زال کي بہ سڏ ڪيائين. سندس ماءُ ٻنيءَ ۾ ويٺي سندن انتظار پي ڪيو ۽ ٿورو ٿورو گاهہ بہ پئي ڪيائين. جڏهن زال مڙس گهٽي دير ڪئي تہ سندن ماءُ کين سڏڻ لڳي. جهٽ ڪن ڪان پوءِ ٻئي زال مڙس نڪتا تہ گاهہ تہ ڪجهہ ڪيو ئي ڪونہ هيائون، ان تي سندن ماءُ ڪائن پڇيو تہ ايا دير تہ گهٽي اندر هيا پر گاهہ جي تہ مُٺِ بہ ڪونہ ڪئي اٿوَ. ڪيو ڇا پيا ڪيو؟ان تي سندس نُنهن جو ڪنڌ شرم وچان جهڪي ويو ۽ ٻئي چپ رهيا. جڏهن ٻيهر سندن ماءُ پڇيو تہ سندس پٽ چيو تہ امان اسان کي ڪو ڪوهہ يا نلڪو ڏس تہ اسين وهنجي ونون. پوءِ ٿا سائين ڪريمن ڏي هلون. ڇو تہ اسين ٻئي ناپاڪ آهيون. ان کان پوءِ ٻنهي گڏجي گاهہ بہ لڻيو ۽ پرسان وهندڙ واهي ۾ وهنجي پوءِ

سائين ڪريمن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. خدا جي فضل سان ۽ سائين ڪريمن جي دعا سان سال ڪان پوءِ زال ۽ ماءُ سان گڏ آيو ته سندس هنج ۾ ننڍڙو پٽ به هيو.

خوني پٽ جي سزا معاف ڪرائڻ

نقل: فقير محمد رمضان چارڻ وينل نارو شاهه واري وڏيري ناصر علي گهمري ڪي ۽ ان محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو ته ڪندياري جي پاسي جي هڪ مريدياڻي هئي جنهن جو مڙس پڪو ديوبندي خيال جو هيو. هو مريدياڻيءَ ڪي سائين ڪريمن ڏانهن اچڻ ڪان جهليندو هيو. گهر ۾ يارنهين شريف رڌڻ جي ڪري ڪيس مار ڪٽ به ڪندو هيو. آخر ڪيس طلاق ڏئي ڇڏيائين. پر مريدياڻي پنهنجي عقيدي تي بيني رهي. ڪيس مڙس مان هڪ پٽ به ڄائوهيو. جيڪوخير سان وڏو ٿي جڏهن هاءِ اسڪول ۾ پهتو ته اتي سندس پٽ ڪجهه ڇوڪرن سان جهيڙو ڪري وڌو ۽ جهيڙي ۾ هڪ ڇوڪرو هن جي پٽ هٿان مري پيو. پوليس ڪيس گرفتار ڪري وئي. مائي جو هڪڙو ئي پٽ هو ۽ آخري سهارو هو. مائي صاحبه سائين ڪريمن ڏي به پنڌ ڪندي رهندي هئي. سال ٻن ڪان پوءِ ڪيس جي آخري فتويٰ جو ڏينهن به اچي پهتو. فتويٰ واري ڏينهن ڪان هڪ ٻه ڏينهن پهريان ئي مائي صاحبه به سائين ڪريمن جي خدمت ۾ حاضر ٿي ۽ سائين ڪريمن جي پيرن کي چنبڙي پئي روئي عرض ڪيائين ته سائين مونکي منهنجي پٽ جي حياتي وني ڏيو. سائين ڪريمن فرمايس ته مائي تنهنجي پٽ کي ڪجهه ڪونه ٿيندو تون بي فڪر ٿي. تنهنجو پٽ سڀاڻي آزاد ٿي ويندو. رات جو مائي صاحبه خواب ۾ ڏٺو پئي ته هڪ وڏو ميدان آهي. سائين

ڪريم جن ساڻس گڏ آهن.اُن ميدان ۾ هڪ عاليشان محل ٺهيل آهي. محل جي ٻاهران هزارين ماڻهو بيٺا آهن. جڏهن سائين ڪريمن سان گڏجي محل جي ويجهو ٿي ته اُتي هڪ بزرگ ٻاهر ٽيبل رکيو ويٺو هيو ۽ ماڻهو ان کي پنهنجون درخواستون ڏيندا پئي ويا. سائين ڪريمن به پنهجي درخواست ڪڍي ان بزرگ کي ڏني، ان وري هڪڙي ٻئي فقير کي سڏيو جنهن کي لانگوٽو ٻڌل هيو. ۽ سائين ڪريمن واري درخواست ان لانگوٽي ٻڌل فقير کي ڏئي فرمايو ته هي اندر ڪڻي وڃو. جهٽ ڪان پوءِ لانگوٽو ٻڌل فقير اندران نڪتو ۽ سائين ڪريمن کي پنهنجي درخواست ڏنائين. سائين ڪريمن درخواست کي ڏسي ۽ پوءِ مائي صاحبہ کي فرمايو ته مائي ! تو کي مبارڪ هجي تنهنجي پٽ واري جان بخشيءَ جي درخواست قبول پئجي وئي. ان خواب ڪان پوءِ مائي جي اک کلي وئي. صبح جو سائين ڪريمن کي خواب جو سڄو حال احوال ڏئي سوال ڪيائين ته سائين هي سڀ ڇا هيو ۽ اهي بزرگ ڪير هيو جيڪي ٽيبل تي ويٺل هيو يا جنهن کي لانگوٽو ٻڌل هيو ۽ محل ۾ اندر ڪير هيو؟ سائين ڪريمن فرمايس ته مائي! جيڪو بزرگ ٻاهر ٽيبل تي ويٺو هيو اهي غوث پاڪ هيا. جنهن کي لانگوٽو ٻڌل هيو اهو قلندر بادشاه هئو.۽ جيڪي اندر ويٺا هئا انهن ۾ حضور پاڪ ﷺ ۽ امام حسن ۽ امام حسين هئا. مائي صاحبہ سائين ڪريمن جي قدمن تي ڪري موڪلايو ته سائين ڪريمن فرمايس جڏهن تنهنجي پٽ جو اڄ ڪيس هلندو ته هڪ اهڙو ته زبردست آواز ٿيندو جو ڪورٽ ۾ ويٺل سڀ ماڻهو وٺي ٻاهر ڀڄندا. ۽ جج به ٻاهر ڀڄندو ۽ واپس اچي جڏهن ڪورٽ هلائيندو ته تنهنجي پٽ کي آزاد ڪري ڇڏيندو. جنهن وقت ڪورٽ جو ٽائيم ٿيو ۽ ڪيس هلڻ لڳا، مائي صاحبہ جي پٽ جو جنهن وقت ڪيس هلڻ اڃان شروع ئي مس ٿيو اهڙو ته زبردست آواز ٿيو جو سڀ

ماڻھووٽي ٻاھر پڳا ۽ جج ٻـ ٻاھر پڳو. اھو صدر ايوب جو دور هيو.خيرپور ضلعي اندر پھريون دفعو جيٽ جھاز انتھائي هيٺين پرواز ڪري اتان اُڏاڻا پئي ويا، جنھن جي آواز سيني کي ڏيڄاري ڇڏيو. جج جڏھن ٻيھر اچي ڪورٽ ۾ وينو تـ ڪجھہ دير چپ ٿي ويو. ۽ پوءِ فتويٰ ٻڌايائين تـ ڇوڪرو بي قصور آھي ۽ ڪيس آزاد ڪجي ٿو. مائي اتان جج سان پٽ کي ساڻ ڪري سائين ڪريمن جي خدمت ۾ حاضر ٿي.

محمد ايوب کھڙا، تون پاڪستان جوصدر ٿيندين؟

نقل: حضرت قبلا سائين پير سيد محمد موريل شاھہ جيلانيءَ محمد علي سھتي کي ٻڌايو تـ محمد ايوب کھڙو سڪندر مرزا جي دورِ حڪومت ۾ وزير هو، سائين ڪريمن جي زيارت لاءِ گمبٽ درگاھہ شريف تي آيو، درگاھہ واري مسجد ۾ سائين ڪريمن جي سامھون، وضو ويٺي ڪيائين. سائين ڪريمن فرمايس تـ محمد ايوب تون پاڪستان جو صدر ٿيندين؟ هن ڪلي عرض ڪيو تـ سائين مان پاڪستان جو صدر ڪيئن ٿي سگھندس؟ نصيب نـ پڙائُس. سائين ڪريمن وري فرمايس تـ "پوءِ نيڪ آھي، تون ايوب نہ، تـ ڪوبيو ايوب ٿي سھي. ٿن ڏينھن کان پوءِ ملڪ ۾ مارشل لاء لڳي ۽ فيلڊ مارشل ايوب خان ملڪ جو صدر ٿيو. کھڙو صاحب مرشد جي ڳالھہ تي يقين ڪري ھا تـ پڪ سان ملڪ جو صدر ٿئي ھا.

غريب مريد کي وڏيرو بنائڻ

نقل: پروفيسر محراب علي لاکي ڳوٺ وڏا لاڪا واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ ڳوٺ لعل بخش ٻرڙي جو محمد هاشم ٻرڙو سائين ڪريمن جومريد هو. هن وٽ 13 ايڪڙ زمين هئي. هڪ ڏينهن مرشد جي ڪچهري ۾ ويٺو هو. سائين ڪريمن مرڪي فرمايس تہ وڏيرا محمد هاشم! ڪهڙا حال اٿئي خوش آهين؟ا هي لفظ ٻڌي محمد هاشم لڄي ٿيڻ لڳو ۽ چيائين سائين مان تہ مسڪين ماڻهو آهيان. مرشد فرمايس تہ محمد هاشم! تون اڄ کان وٺي وڏيرو آهين. مرشد جي دعا قبول ٿي. اڄ وٽس سوين ايڪڙ زمين آهي ۽ شهر ۾بهترين بنگلو اٿس.

وڃ ماستر! تون ڏوڪريءَ جو چيئرمين آهين

نقل: ڏوڪريءَ جو فقير علي محمد پٽي پرائمري ماستري جي نوڪريءَ تان رٽائر ٿيو. هڪ ڏينهن گمبٽ درگاهہ تي آيو ۽ مرشد کي عرض ڪيائين تہ نوڪريءَ تان رٽائر ٿيو آهيان دل گهري ٿي تہ ڏوڪري جو چيئرمين ٿيان سائين ڪريمن مرڪي فرمايس تہ ماستر! توکي ووٽ ڪير ڏيندو؟ عرض ڪيائين تہ اوهان جو وينا آهيو؟ پاڻ فرمايائونس تہ وڃ ماستر، تون ڏوڪري جو چيئرمين آهين. ماستر علي محمد اليڪشن ۾ بيٺو ۽ ميمبر چونڊ جي ويو، چيئرمين جي سيٽ لاءِ فارم ڀريائين ۽ بنا مقابلي چيئرمين چونڊجي ويو. پنهنجي ايامڪاريءَ دوران ڏوڪري ۾ جيلاني مسجد، مدرسو ۽ علي پارڪ تعمير ڪرايائين.

مادرزاد خُسري ڪي ڏاڙهي ملڻ

نقل: ڳوٺ رستم علي مهر جي وينل محمد هاشم مهر محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ ڳوٺ حاجي خان راڄپر جي گل حسن راڄپر کي ڏاڙهي ڪونہ هئي مادر زاد خسرو هو. هڪ ڏينهن سائين غلام مرتضيٰ شاه بادشاه ڏانهن ڪائين جي گاڏي پري گمبٽ پهتو ڪانيون لاهي، سائين ڪريمن کي عرض ڪيائين تہ دعا گهرو مونکي ڏاڙهي ڄمي. سائين ڪريمن ٺهڪ ڏئي فرمايس توکي تہ ڏاڙهي آهي باقي دعا ڇا جي گهرون! گل حسن عرض ڪيو تہ ڏاڙهي ڪٿي آ؟ سائين ڪريمن فرمايس منهن تي هٿ تہ ڦيرائي ڏس! جڏهن هن منهن تي هٿ ڦيرايو تہ جيستائين هٿ ڦيرائيندو ويو فقير کي ڏاڙهي ڦٽندي وئي.

سڪل عضون جو سائو ٿيڻ

نقل: صدرجي پٺيون جي محمد ٻچل پيرزادي محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ سيد نالي حيدر شاه بيماريءَ سبب پنڌ ڪرڻ کان لاچار ٿي ويو هٿن ۽ گوڏن تي بانبڙا پائي هلندو هو. سائين غلام مرتضيٰ شاه جڏهن صدرجي پٺين ۾ دعوت تي آيا تہ هي سيد بادشاه بہ سائين ڪريمن جو ديدار ڪرڻ لاءِ ريڙهيون پائيندو اچي نڪتو، سائين ڪريمن ماڻهن کان پڇيو تہ اهو ڪير آهي؟ ماڻهن عرض ڪيو تہ سائين اهو سيد آهي بيماري سبب عضوا سڪي ويا اٿس. سائين ڪريم جن اهو ٻڌي جلال ۾ اچي ويا ۽ فرمايائون تہ آهي سيد ۽ هلي ٿو بانبڙين؟ ائين چئي سائين ڪريمن حڪم ڪيس تہ مٿي اُٿ، پاڻ ٽي دفعا فرمايائونس

ان سيد متي اتڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سندس عضون مان ائين نڪاءَ نڪرڻ لڳا جيئن ڪائيون پڃنديون آهن جڏهن ٿوروسڏو ٿيو تہ چيائين تہ مونکي لٺ ڏيو. هڪ همراهہ لٺ ڏنس تہ ان جي ٽيڪ تي اٿي بيٺو ۽ ٿورو پنڌ ڪيائين. سائين ڪريمن فرمايس تہ پلو هو تہ لٺ جوسهارو نہ وٺين ها، هاڻي سڄي حياتي لٺ تي هلندين.

جيئن ملان چوي ٿو ائين ئي ڪريو

نقل: استاد حبيب الله ڪورائي مورو شهر واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ آءٌ، استاد گل محمد رند جي مائٽياڻي ۽ هڪ ٻي عورت ڳڏجي درگاهہ شريف تي آياسين، استاد گل محمد رند سائين ڪريمن کي عرض ڪيو تہ هي منهنجي مائٽياڻي آهي، هن کي الائي ڇا ٿيو آهي، ڪنهن مهل وٺي ٿي منهن ڪري، ڳولهي وري وٺي گهر ٿا پهچايونس، اسين ٻروچ ماڻهو، پر وري سوچان ٿو ماڻهو مارڻ بہ وڏو ڏوهہ آهي، دعا ڪريوس تہ انهي مرض کان جان ڇٽي وڃيس، درگاهہ تي ملان عمر ميمڻ نالي هڪ پيرڳوٺ جو حڪيم بہ رهندو هئو، سائين ڪريمن ان کي سڏ ڪري فرمايو تہ ملان هن عورت کي ڇا ٿيو آهي؟ ملان ڏسي عرض ڪيو تہ سائين هن عورت کي پاڻيءَ ۾ لوڻ ملائي نڪ ۾ وجهبو تہ مائي چڱي ڀلي ٿي ويندي، مون کي ڪل بہ ڏاڍي پئي آئي پر وات تي هٿ رکي چپ رهيس. سائين ڪريمن حڪم ڪيو تہ جيئن ملان چوي ٿو ائين ئي ڪريو. پاڻيءَ ۾ لوڻ ملائي مائيءَ جي نڪ ۾ وڌو ويو تہ مائي يڪدم هيٺ ڪري پئي، پر پيرَ سائين ڪريمن ڏي نہ ڪيائين، ۽ ڪجهہ دير ڪان پوءِ وٺي ٻاهر ڀڳي، مائيءَ جي نڪ مان رَت ۽ پُونءِ وهڻ لڳو، ٻي مائي بہ هن جي پويان لڳي، ڪجهہ دير

ڪان پوءِ ٻئي عورتون واپس آيون تہ مائي بلڪل ٺيڪ هئي، ان ڪان پوءِ ان مائيءَ جي شادي ٿي ۽ استاد ٻڌايو تہ هن کي پٽ بہ ڄائو.

غلام مرتضيٰ ڪي آزمائڻو اٿئي تہ ائين ڪري ڏس

نقل: استاد حبيب الله ڪورائي مورو شهر واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هڪ دفعو مان ۽ استاد گل محمد رند ٻوهين جي ڳوٺ ۾ مهمان ٿي رهياسين اتي هڪ پوڙهي حاجي خان ٻوهيي مون کان پڇيو تہ تون ڪنهن جو مريد آهين؟ جڏهن مون ان کي ٻڌايو تہ سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جيلاني گمبٽ شريف واري جومريد آهيان، هن سائين ڪريمن جو نالوٻڌو تہ اکين مان ڳوڙها وهي پيس ۽ روئڻ لڳوءِ چيائين تہ مان بہ سائين ڪريمن جو مريد آهيان، پوءِ ان ٻڌايو تہ انگريزن جو دور هيو، مان چانورن جو ڪاروبار ڪندو هيس، پوليس سان ٺهندو ڪونہ هيس، پوليس منهنجي سخت خلاف هئي، هڪ دفعي چانورن جو سودو ڪري چانور ڪٽائي شام جو اچي اوطاق ۾ رکيام اسر مهل ڊي ايس پي، پوليس جا اٺالا وٺي اچي ڇاپو هنيو، چانور بہ کنيائين ۽ مون کي بہ گرفتار ڪيائين. انگريزن جو دور هيو، ضامن بہ ڏکيو پيو ٿئي، آخر مائٽن ڊکي ڊوڙي ضامن ڪٽايو، شنوايون ڪائيندو رهيس، آخر ۾ وڪيل مون کي ٻڌايو تہ اسان جو ڪيس ڪمزور آهي، تو کي سزا اچي ويندي، هاڻي جيڪي ڪجهہ ٻيو ڪرڻو اٿئي تہ ڪري وٺ. مونکي ٻي ڪا واهہ نظر نہ آئي، مرشد سائين غلام مرتضيٰ شاهہ وٽ آيس. سمورو احوال سربستو ڪري سائين ڪريمن کي ٻڌايم، سائين ڪريمن فرمايو تہ فقير جنهن مهل ڪورٽ ۾ وڃين تہ جج کي موڇڙو لاهي نڪاءُ ڪرائجان. هن هٿ ٻڌي عرض ڪيو

تہ سائين مون کان اهو ڪم ڪونہ ٿيندو، سائين ڪريمن فرمايس تہ اڙي، جي غلام مرتضيٰ کي آزمائڻو اٿئي تہ ائين ڪري ڏس، آزاد تہ هاڻي بہ ٿي ويندين. مان شنوائيءَ تي ويس تہ منهنجو ڪيس ڏسي جج پوليس کي چيو تہ هن کي توهان بي گناهہ ڦاسايو آهي، پوليس کي حڪم ڪيائين تہ هن جا چانور ٽرڪ ۾ وجهي هن جي ڳوٺ پهچائي اچو ۽ هن کي بہ ڳوٺ ڇڏي اچو. پوءِ پوليس وارا مون کي ڳوٺ پهچائي ويا. اهو ساڳيو نقل نور محمد سهتي ڳوٺ ديهات لڳ خانواهڻ واري بہ ٻڌايو.

فقير! تنهنجا مائٽ توسان نهڻ لاءِ تيار آهن

نقل: استاد حبيب الله ڪورائي مورو شهر واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو هن کي فيض محمد تنيو ٻڌايو تہ دادن ڪانڌڙو وڏو چور هوندو هيو، هن جي گهر واري هن لاءِ روز ٻنيءَ تي ماني ڪڻي ايندي هئي، هڪ ڏينهن نہ ڪڻي آئي، هن گهر وڃي زال کان پڇيو تہ تون ماني ڇو نہ ڪڻي آئي هُئينءَ؟ هن کي زال ابتيون سبتيون ورنديون ڏنيون هن کي جو ڪاوڙ آئي تہ ڪڻي ڪهاڙي زال کي نڪاءُ ڪرايائين تہ مُندي وڃي پري ڪريس، هي وني پڳو، هن کي خيال آيو تہ پيو ڪاڏي وڃان، سڌو سائين ڪريمن وٽ آيو ۽ مهينو ڪن رهي پيو، ان کان پوءِ هڪ ڏينهن سائين ڪريمن پاڻ وٽ گهرائي فرمايس تہ فقير تنهنجا مائٽ توسان نهڻ لاءِ تيار آهن، تون هاڻي ڳوٺ وڃ. هو سائين ڪريمن جي حڪم تحت واپس ڳوٺ آيو، مائٽن هن سان ڳالهيون ڪيون، هن تان ڪيس بہ واپس ورتائون ۽ ڳالهين ۾ بہ نهي ويا.

ڪدڙي گاڏي تيستائين نہ ويندي جيستائين توڪي نہ ڪٽندي

نقل: حاجي محمد سومر شيخ وينل ڳوٺ گاد، تعلقہ سوپوديرو، محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هڪ ڏينهن سائين ڪريمن وٽ دعائون وٺڻ لاءِآيس، مون کي تورڙو جلدي واپس وڃڻو هيو، سوچيم سائين ڪريمن کان جلدي دعائون وٺي واپس ٿيندس، سائين ڪريمن سان مليس تہ سائين ڪريمن فرمايو اسان جي مال وارو مَنُهنُ تورو ڊهي پيو آهي، ان کي ٺاهي وٺو، مان اهو ٺاهي واپس آيس تہ حڪم ڪيائون فقير، مال لاءِ گاهہ بہ ڪري اچو، گاهہ ڪري اچي وينس تہ پئسا ڏئي حڪم ڪيائون شهر مان سفيد پنا وٺي اچو، شهر مان واپس اچي هٿ ٻڌي عرض ڪيم قبلا سائين ڳوٺ لاءِ اجازت ڏيو تہ جيئن آخري ويندڙ لُندو بہ نہ نڪري وڃي. سائين ڪريمن فرمايو فقير اها ڪدڙي گاڏي تيستائين نہ ويندي جيستائين تو کي نہ ڪٽندي. پوءِ سائين ڪريمن دعائون ڏنيون جلدي جلدي ٽانگا اسٽيند تي آيس ٽانگي واري کي چيم تہ لُندي تي پهچاءِ، ٽانگي واري چيو تہ پائو! لندي وارا پسينجر تہ مان ڪنيون پيو اچان، لندو تہ ويو. مون چيو مانس تہ يار تون ڪٽي تہ هل. اسٽيشن تي پهتاسين تہ لُندو اجان بيٺو هيو، مون جيئن ئي پير رکيو تہ لُندي جي سيٽي لڳي ۽ لُندو روانو ٿيو.

سُهري کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ سان زال جو ملڻ

نقل: حافظ ولي محمد سومري صدرجي پٽيون تعلقہ ڪنگري واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هڪ دفعي هڪ همراهہ سائين ڪريمن وٽ آيو ۽ سائين ڪريمن کي چيائين تہ سائين منهنجو سهرو مون کان زال کسي ويو آهي، هاڻي واپس نہ ٿو ڏئي. پاڻ ان

همراهہ ڪان پڇيائون تہ تنهنجي سهري جو نالو ڇاهي؟ پوءِ پاڻ فرمايائونس تہ پنهنجي سهري جي در تي بيهي ان جو نالو ڪٺي جيترو گهٽ وڌ ڳالهائڻو اٿئي ڳالهائيس، توکي پنهنجي زال ملي ويندي هن ائين ئي ڪيو ٻن ڏينهن ڪان پوءِ زال سان گڏجي آيو ۽ سائين ڪريمن جو مريد ٿيو.

خارش واري جو ڇيڻي سان علاج

نقل: منير احمد ڪلهوڙي وينل ڳوٺ صدرجي پٽيون تعلقہ ڪنگري واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ حاڪم علي گهمري (وينل ڳوٺ ٻلهڻ لڳ هادل شاهہ) جي پيءُ کي خارش ٿي پئي، پر اهڙي جو هلڻ گهمڻ کان هلاڪ ٿي ويو، گهڻو ئي ڊاڪٽرن ڏانهن پڳو ڊکيو پر ڪٿان بہ فائدو ڪو نہ ٿيس. مائٽن کي چيائين تہ مون کي سائين ڪريمن ڏي گمبٽ ڪٺي هلو. سائين ڪريمن وٽ آيو تہ سائين ڪريمن حڪم فرمايس تہ تازو ڇيڻو هن جي جسم کي مَليو، هن جي گهر واريءَ هن کي سڄي رات ماهيو ڇيڻو مليندي رهي، صبح جو هن جو جسم ائين هيو ڄڻ ڪيس خارش ٿي ئي ڪو نہ هيس.

زال کي ماريندين تہ جهنم جو ٻارڻ ٿيندين

نقل: فقير ميان محمد ابراهيم لوڙهي واري لڳ سڳيون تعلقہ سوڀو ديرو، محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ سائين ڪريمن وٽ هڪڙي ڏاڍي سهڻي ڇوڪري آئي پاڻ ان کان پڇيائون تہ ابا تو کي ڏکڻ آهي؟ ڇوڪريءَ نہ سمجهيو تہ پاڻ وري پڇيائونس تہ شادي

ٿيل اٿئي، ان تي چوڪريءَ وراڻيو تہ نہ سائين دعا ڪريو تہ ڪو ڏڪڻ ملي. ڪجھہ ڏينهن ڪان پوءِ اها چوڪري سائين ڪريمن وٽ آئي ۽ عرض ڪيائين تہ قبلا سائين مڙس تہ ڪيوآهي پر اهو ليڪي ئي ڪو نہ ٿو، پاڻ فرمايائونس تہ جيستائين تو کي تنهنجو مڙس ونڻ اچي تون حويلي تي رهہ. ٻہ مهينا ٿي ويا هن جو مڙس هن کي ونڻ نہ آيو. هن جي مڙس کي ماڻهن ورغلايو تہ تنهنجي سهڻي زال کي سائين پاڻ وٽ رهايو وينو آهي. هن کي اچي دماغ ۾ غلط سلط ڳالهيون ويهاريائون، هي زال کي مارڻ جو ارادو ڪري سائين ڪريمن وٽ حاضر ٿيو ۽ سائين ڪريمن کي عرض ڪيائين تہ مون کي زال واپس ڪيو، سائين ڪريمن فرمايس تہ مون کي تو مان رت جي بوءِ ٿي اچي تون زال کي مارينڌين ڇا؟ اڙي جي زال کي مارينڌين تہ جهنم جو ٻارڻ ٿيندين. ۽ تنهنجو ماس قيمو ٿيندو. هن سائين ڪريمن سان وعدو ڪيو تہ مان زال کي نہ ماريندس. پاڻ سڄي جماعت کي اٿاري ڇڏيائون پوءِ چوڪريءَ کي گهرائي هن جي حوالي ڪيائون، وري ٻہ بار بار ڪيس چوندا رهيا جهنم جو ٻارڻ نہ ٿجان. مڙس چوڪريءَ کي ساڻ ڪري ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو ۽ جڏهن واھہ تي پهتا تہ زال کي انگوشو ٻڌرائي چيائين تہ هي پائي ابل ۾ ٽپو ڏي، ۽ سڏ ڪر پنهنجي مرشد کي ڏسان تہ اهو تو کي ڪيئن ٿو بچائي. همراھہ زال کي واھہ ۾ ڌڪو ڏئي ڳوٺ روانو ٿيو تہ رستي تي ريل جي پٽڙي ڪراس ڪندي سندس پير پٽڙيءَ ۾ ڦاسي پيو، هن کي ڦاسندو ڏسي هڪ ٻہ واٽهڙن هن کي چيو تہ اسان تنهنجي مدد ڪريون؟ ان تي هن ڪين ورندي ڏني تہ، نہ آءٌ پاڻ کي آجو ڪري وٺندس ڇو تہ آءٌ سولو ڦاٿو آهيان منهنجو پير آساني سان نڪري ويندو، اهي همراھہ ٻہ هليا ويا هن گهڻو ئي زور ڏنا پر پير ويس ڦاسندو ايتري ۾ ريل جي انجڻ اچي پهتي ۽ هن جي مٿان پئي گهمايائين، جيستائين هن جي ماس کي قيمو ڪري نہ ڇڏيائين.

هوڏانهن جيئن ئي چوڪريءَ کي ابل ۾ هن ڏڪو ڏنو هيو تہ ان وقت سائين ڪريمن جو سڄوجسم مبارڪ پگهرجي ويو ۽ پاڻ پنهنجي چادر لاهي هوا ۾ ڦٽي ڪيائون، گهڻي دير کان پوءِ اها چوڪري سائين ڪريمن جي اڇليل چادر پهري روئندي اچي سائين ڪريمن جي دربار ۾ حاضر ٿي جتان ڪيس سائين ڪريم جن جلدئي حويلي ڏانهن موڪلي ڏنو. ريل جي ڊرائيور کان جڏهن بيان ورتو ويو تہ تون ريل مان گاڏا ڪڍي چو انجڻ ڪاهي وئين تہ هن ٻڌايو تہ مون کي ڪا بہ خبر ناهي هڪ شخص ههڙين آرين پارين هيو مون کان گاڏي کهرائي هليو ۽ هن شخص جي مٿان تيستائين پي انجڻ گهمرايائين جيستائين ان جو ماس قيمو نہ ٿي ويو. مان بي وس هيس، ٻئي مون کي ڪا بہ خبر ناهي.

آپريشن سياڻي ٿي ويندي

نقل: فقيرميان محمد ابراهيم لوڙهي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ ڪيس ڏهن ٻارنهن سالن جي عمر ۾ پٿريءَ جي تڪليف ٿي پئي، مائٽ ڪيس خيرپور سول اسپتال ڏانهن ڪٺي آيا، فقير صاحب ٻڌايو تہ هڪ هفتي کان وڌيڪ عرصو گذري ويو پر هن جو آپريشن نہ ٿيو، اسپتال ۾ ڪو ڊاڪٽرن جو پاڻ ۾ مسئلو ٿي پيو هيو جنهن ڪري انهن فقير صاحب کي صلاح ڏني تہ اوهان جو هتي شهر ۾ وڌيڪ خرچ پيو ٿئي في الحال اوهين ڳوٺ واپس وڃو پوءِ اچجو. فقير صاحب کي واپس سائين ڪريمن وٽ ڪٺي آيا ۽ سائين ڪريمن کي عرض ڪيائون تہ قبلا سائين دعا ڪيو تہ فقير صاحب جو آپريشن ٿئي، سائين ڪريمن فرمايو تہ هي اسان جو آهي ۽ هن جو آپريشن سياڻي ٿي ويندو، فقير جا مائٽ ان

ڳالھ تي پاڻ ۾ نہ پئي نهيا تہ ڇا ڪجي، ڇوڪر ڪي واپس ڳوٺ ڪٽي وڃجي يا وري اسپتال هلجي، فقير صاحب ان تي چيو تہ منهنجا مائٽ آپريشن ٿيڻ لاءِ سائين ڪريمن ڪي نہ چون ھاپر منهنجي شفا لاءِ چون ھا تہ آپريشن جي تڪليف ڪان ئي بچي پوان ھا. خير آخر اهو فيصلو ٿيو تہ واپس اسپتال هلجي، اسپتال ۾ جڏهن پهتا تہ اتي ڪين فقير صاحب جي مامي جو دوست فتح محمد سيال مليو جيڪو سول سرجن جو دوست هيو ان جي معرفت فقير صاحب ڪي هڪ بيڊ خالي ڪرائي ڏنو ويو ۽ ان ئي ڏينهن تي فقير صاحب جو سائين ڪريمن جي دعا سان ڪامياب آپريشن ٿيو.

خون جي ڪيس مان پهرين حاضريءَ تي آزاد

نقل: فقير محمد ابرهيم لوڙهي واري محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ اسان جي ذات وارن علي شير جانوري ڪوٽائيءَ جو خون ڪري وڌو، اسان جا همراھ پوليس گرفتار ڪري وئي، ڪيس جي اڃان پهرين حاضري نہ ٿي هئي تہ اسان جي ڳوٺ وارا سڀ گڏجي سائين ڪريمن وٽ ويا تہ قبلا سائين ڪا مهرباني ٿئي، پاڻ فرمايائون تہ اوهان جا همراھ پهرين حاضري تي آزاد ٿين يا ٻي حاضري تي آزاد ٿين.؟ اسان جي همراهن عرض ڪيو تہ قبلا سائين پهرين حاضري تي، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ جنهن ڏينهن اوهان جي حاضري هجي پاڻ سان گڏ دهل شرناين وارا ورتيون وڃجو، واپسي ۾ جج ڪيون واپس اچجو، همراهن عرض ڪيو حاضر قبلا سائين ائين ئي ڪنداسين، عقيدو ڪامل هيو، هي بہ پاڻ سان دهل شرناين وارا ورتيون ويا، اتي ڪورٽ ۾ ماڻهن چيو تہ اڃهو ٿو جج هنن سيني ڪي بہ اندر ڪري، ڇريا ٿيا آهن خون جو ڪيس آ، پهرين

حاضري آ ۽ پاڻ سان وري دهل شرنايين وارا بہ وٺي آيا آهن. خير جڏهن ڪيس جي شنوائي هلي تہ جج ڏهن منٽن ۾ فتويٰ ڏني تہ هي بيگناهہ آهن هنن کي آزاد ڪجي ٿو، ڪورٽ ۾ ئي همراهن دهل تي ڏونڪو ڪٽي هنيو ۽ نچندا ڪڏندا همراهہ ڪي سائين ڪريمن وٽ وٺي آيا پوءِ ڳوٺ آيا.

مولوي نالي مٺي کي دعا ڪرڻ

نقل: محمد ملوڪ چانديي عرف مامي سائين وينل دوڙ شهر ضلع نواب شاهہ واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ ڪيس سائين نالي مٺي موري واريجي پاڙيجي مولوي غلام مصطفيٰ ٻگهيي ٻڌايو تہ مولوي نالي مٺي وارا بيان فرمائيندا هئا تہ مان پنهنجي والد سڳورا مولانا مفتي محمد دائود ٻگهيو جن کي هڪڙو فرزند هوس، منهنجا والد وڏا مفتي، عالم، متقي ۽ صاحبِ شريعت هيا، سندن مشغولين ۾ اهم شغل ديني مدرسا قائم ڪرڻ هيو، پاڻ درسِ نظامي جو ڪورس ۽ حفظ ڪرڻ وارن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ داخلا نہ ڏيندا هئا. هڪ ڀيري پير حاجي محمد بخش شاهہ جيلاني ڳوٺ ميوو پرهياڙ وارا مدفن جنت البقيع اسان جي ڳوٺ آيا. شاهہ صاحب جن اعتڪاف ۾ بہ اسان جي ڳوٺ واري مسجد ۾ ئي ويهندا هئا. اسان جي والد صاحب روئي کين عرض ڪيو تہ قبلا سائين مون کي هڪڙو ئي پٽ آهي. اجان ننڍڙو آهي، نورالايضاح ۽ هدايتہ النحو پڙهي رهيو آهي، حضرت قبلا سائين غلام مرتضيٰ شاهہ گمبٽ وارن کان دعا ڪرائي ڏيو تہ جيئن منهنجي وڃڻ کان پوءِ منهنجا مدرسا سنڀالي ۽ دين جو ڪم ڪري. سائين محمد بخش شاهہ مون کي وٺي گمبٽ سائين ڪريمن وٽ

آيا، سائين غلام مرتضيٰ شاھ بادشاھ جن مونکي هٿ ڏئي فرمايو تہ آءُ ننڍڙا مولوي. مونکي گهڻي عزت ڏنائون ۽ دعا بہ ڏنائون، سائين محمد بخش جن بابي سائينءَ جا سلام بہ عرض رکيا. موڪلائڻ مهل سائين محمد بخش جيلانيءَ عرض ڪيو تہ قبلا سائين گاڏي نہ نڪري وڃي، پاڻ فرمايائون تہ اها گڏهڙي توهان کي ڪٽي پوءِ ويندي ۽ پوءِ ٿيو بہ ائين ئي، دير جي باوجود گاڏي اسان کي ملي وئي ۽ تڪليف نہ ٿي. مٿيون نقل مولوي حافظ شمس الدين خواجہ سڪندري شهر ڪهڙا واري بہ ٻڌايو.

ڪنگهہ واري مريض، مکڻ کائڻ سان چاق

نقل: استاد سجاول دين تنيو رٽائرڊ هيڊ ماستر هاءِ اسڪول تنيا ٻقا شاھ لڳ خانواهڻ تعلقہ ڪنڊيارو، محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ ڪيس محمد هاشم سهتي رٽائرڊ هيڊ ماستر هاءِ اسڪول ڀلاڻي لڳ هالاڻي تعلقو ڪنڊيارو ٻڌايو تہ هواڪثر جمعي جي نماز درگاھہ گمبٽ شريف ۾ پڙهڻ لاءِ سائيڪل تي ايندو هيو، هڪ دفعي هڪ شخص سائين ڪريمن وٽ آيو جنهن کي تمام سخت قسم جي ڪنگهہ هئي، سندس سينو ڪڙڪي رهيو هو، سائين ڪريمن کي عرض ڪيائين تہ قبلا سائين هن سان ڪا مهرباني ٿئي، سائين ڪريمن فرمايس تہ جيترو کائي سگهين، مکڻ کاءُ. استاد هاشم ٻڌايو تہ هو دل ۾ کلڻ لڳو تہ سائين ڪريم جن سياري ۾ ڪنگهہ جي مريض کي مکڻ کائڻ لاءِ ٿا فرمائن. هن ان ڪنگهہ واري مريض کان گهر جي ايڊريس ورتي تہ هو ڪٿان جو رهندڙ آهي. ڪجهہ عرصي کان پوءِ هيءُ ان جي ڳوٺ اهو معلوم ڪرڻ لاءِ پهتو تہ ڪنگهہ ۾ مکڻ کائڻ کان پوءِ همراھہ ڪيترا ڏينهن زندھہ رهيو، پر ان همراھہ ڪيس ٻڌايو تہ مکڻ کائڻ کان پوءِ سندس ڪنگهہ ائين ڇڏي وئي جڻ تي ئي ڪو نہ هيس.

مدي جي بخار واري جو گاسليٽ سان علاج

نقل: قبلا مرشد سائين حفيظ الله شاهه جيلاني دامت برڪاتهم العاليہ جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو ۽ فقير ولي محمد مريءَ کين ٻڌايو تہ مان سائين ڪريمن وٽ وينو هيم تہ هڪ شخص کي کٽ تي کڻي آيا. ۽ سائين ڪريمن کي عرض ڪيائون تہ سائين اسان جي همراهہ کي مُدي وارو بخار ٿي پيو آهي. گهڻا ئي ڊاڪٽر گهمايا آهن. فائدو ڪٿان بہ ڪونہ ٿو ٿئي. سائين ڪريمن مون کي حڪم فرمايو تہ فقير ولي محمد پريان جاري ۾ گاسليٽ جو شيشو پيو آ. اهو کڻي وٺ. مون گاسليٽ جو شيشو جڏهن سائين ڪريمن جي آڏو رکيو تہ پاڻ اهو شيشو مدي جي بخار واري مريض کي پيارڻ جو حڪم ڪيائون۽ پاڻ فرمايائون تہ هاڻي جلدئي چاڪ ٿي ويندو، اسان ڏٺو تہ اهو شخص ٻئي ڏينهن سائين ڪريمن جي پويان نماز پڙهي رهيو هيو.

ٽي بيءَ جو مريض، ٻُڪن جي پيئڻ سان چاق

نقل: قبلا مرشد سائين حفيظ الله شاهه جيلاني دامت برڪاتهم العاليہ جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ سائين ڪريمن وٽ هڪ شخص آيو ۽ سائين ڪريمن کي چيائين تہ مون کي ٽي بي ٿي پئي آهي. ڊاڪٽرن ڏي يجي يجي ٿڪجي پيو آهيان ڪا مهرباني ڪريو جو هن موذي مرض مان جند آجي ٿئي. پاڻ فرمايائونس تہ فقير وج ۽ ٻُڪَنُ گهوٽي وجي پيءُ. ان فقير جو چوڻ تہ مون جڏهن ٻُڪن پيئڻ شروع ڪيو تہ منهنجي بيماري ائين ختم ٿي وئي جڻ ڪيس هئي ئي ڪونہ.

اُٺي چئہ يا علي

نقل: استاد حبيب الله ڪورائي مورو شهر واري محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ هڪ دفعي مان درگاهہ شريف تي وينو هئس تہ هڪ عورت پنهجي مڙس سان گڏجي آئي، هنن سان سندن پٽ بہ ساڻ هئو، ان جي عمر ارڙنهن يا ويهہ سال هئي، سندن پٽ ايترو تہ بيمار هيو جو اصل هلي بہ نہ پئي سگهيو، هڪ هٿ ماءُ تي ۽ ٻيو پيءُ جي ڪلهن تي رکي هلي رهيو هيو. سائين ڪريم جن روضي مبارڪ جي پٽ ڪي ٽيڪ ڏئي تعويذ لکي رهيا هئا، ان عورت سائين ڪريمن جي ويجهو اچي هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ سائين، اسان لاءِ الله بہ تون آهين، رسول بہ تون آهين، اوهان ئي تہ دعا ڪئي جو هن ٻچڙي جي شادي ٿي هئي، هاڻي تہ اهڙو بيمار ٿيو آهي جو هلي بہ نہ ٿو سگهي، دعا ڪيوس تہ چڱو ڀلو ٿئي. سائين ڪريمن قلم جهلي عورت ڏانهن نهارڻ لڳا، ۽ چپ رهيا، مون ڪي چانهہ جي عادت هئي، مان چانهہ پيئڻ لاءِ درگاهہ جي پنئين پاسي قاضين جي هوٽل تي ويس، موٽي آيس تہ سائين ڪريمن ان ڇوڪر کي فرمايو تہ اٿي چئہ يا علي، ان ڇوڪر بہ دير نہ ڪئي ۽ چوڻ لڳو ياعلي، يا علي، سائين ڪريمن فرمايس تہ تنهجي بيماري لهي وئي هاڻي تون هليو وڃ. ان ڪان پوءِ اهو ڇوڪرو پاڻ پنڌ ڪري ماءُ پيءُ سان گڏ سائين ڪريمن ڪان موڪلائي روانو ٿي ويو.

تون وڃ تو کي ڪجهہ نہ ٿيندو

نقل: استاد حبيب الله ڪورائي مورو شهر واري محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ درگاهہ شريف تي عبدالڪريم رند نالي همراهہ رهندو هيو، پهريان بينڪ ۾ ڪلارڪ هيو، ان بينڪ ۾ فراڊ ڪري

پئسا گم ڪيا هئا، ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي جيل ۾ ويو هيو، جيل مان جڏهن ضمانت تي آزاد ٿيو تہ سائين ڪريمن وٽ اچي رهيو، گهٽيون ئي شنوايون ڪاڏائين، آخر فتوٰي جو ڏينهن اچي ويو، سائين ڪريمن کي عرض ڪيائين تہ قبلا سائين اڄ فتوٰي جو ڏينهن آهي، دعا ڪيو تہ آزاد ٿيان، سائين ڪريمن فرمايس تہ تون وڃ توکي ڪجهہ ڪو نہ ٿيندو، تون آزاد ٿي ويندين. جڏهن اتي ويو تہ جج ڪيس ٻڌڻ کان سواءِ ئي هن کي آزاد ڪري ڇڏيو، جيترو وقت جيئرو رهيو درگاهہ جي خدمت ڪندو رهيو.

هاٿي جيئري لک لهي تہ مئي ٻہ لکَ

نقل: قبلا مرشدي سائين حفيظ الله شاهہ جيلاني بادشاهہ دامت برڪاتهم العاليہ جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ مير غلام قادر بنگلزئي ڪوئٽہ وارو جڏهن سائين ڪريمن جومريد ٿيو تہ سائين ڪريمن کي هڪ ڏينهن عرض ڪيائين تہ قبلا سائين هن وقت تہ اوهين حال حيات آهيو، اسان کي ڪا بہ مشڪل پيش اچي ٿي اوهان کان دعا گهرايون ٿا تہ ٻيڙا پار ٿيو وڃن، اوهان جڏهن برقعو مٽائيندئو تہ پوءِ اسان جو ڇا ٿيندو؟ پاڻ فرمايائونس سردار صاحب هاٿي جيئري لک لهي تہ مئي ٻہ لک لهندوآ. تون سڏي تہ ڏسجان. ميرغلام قادر سائين حفيظ الله شاهہ جن کي ٻڌايو تہ سائين غلام مرتضٰي شاهہ جي وفات کان هڪ بہ سال پوءِ ڪنهن دوست جي ڪم سانگي لاهور وڃڻ ٿيو، اتي هوٽل ۾ مان پنهنجي دوست سان رهيل هيس. هڪ شام جو منهنجو دوست ڪنهن ڪم سان هوٽل جي ڪمري مان نڪري ويو مان اڪيلو هيس تہ هڪ شخص ڪمري ۾ آيو ۽ چيائين تہ اوهان کي اوهان جو دوست سڏي پيو. مان هن سان روانو

ٿيس، هوٽل ڪان ٻاهر رڪشه بيٺو هيو ان ۾ اچي ويناسين، رڪشه شهر ۾ اڌ ڪلاڪ هلڻ ڪان پوءِ هڪ جاءِ جي سامهون اچي بيٺو، هو همراهه لهي ويو ۽ پوءِ مون کي به جاءِ ۾ وٺي هليو. هن مون کي هڪ ڪمري ۾ اچي ويهاريو۽ منهنجي دوست لاءِ چئي ويو ته اوهان ويهو هو اچي پيو. مون کي ڪجهه عجيب لڳڻ لڳو، ڪجهه وقت ڪان پوءِ ٻه شخص اندر آيا، ٻنهي جي هٿن ۾ هٿيار هئا، هنن اچڻ سان مون کي چيو ته جيڪي پيسا تو وٽ آهن اهي ڪڍ. مون کيسي مان سڀ ڪجهه ڪڍي کين ڏنو، ته انهن مان هڪ ماٺهوءَ چيو ته هاڻي ماريوس، مون ان وقت مرشد غلام مرتضٰي شاهه سائينءَ کي سڏ ڪيا ته مرشد تو وعدو ڪيو هيو ته تون سڏي ته ڏسجانءِ، مان اجان دل ۾ سڏيو ئي مس ته ڇا ڏسان، سائين ڪريم جن منهنجي سامهون بيٺا آهن، مون کي هٿ جي اشاري سان چپ رهڻ جو اشارو ڪيائون، پوءِ مون کي ٻانهن ڪان وٺي ان جاءِ مان ٻاهر ڪڍي آيا، ۽ هڪ ٽيڪسيءَ ۾ ويهاري ٽيڪسيءَ واري کي ائڊريس سمجهايائون ته مون کي ڪٿي لاهڻو آهي. مان خير خيريت سان اچي هوٽل تي پهتس، منهنجو دماغ ڪم ئي نه پيو ڪري ته هي سڀ ڇا ٿي ويو، روم ۾ اچي مان بيهوش ٿي ويس. ڪجهه دير ڪان پوءِ هوش آيو ته مون وارو دوست ۽ هو ٻئي شخص جيڪي مون کي مارن پيا، منهنجي پيرن تي ڪري پيا ۽ ايلاز ڪرڻ لڳا ته اسان کي معاف ڪر ۽ اسان کي ان بزرگ ڏانهن به وٺي هل جيڪو تو کي هتي وٺي آيو.

مريدياڻيءَ کي خواب ذريعي شفا ملڻ

نقل: محمد بچل پيرزادي ڳوٺ صدرجي پٽيون واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ مرحوم فقير غلام قادر قريشي پريالوءِ شريف وارو سائين ڪريمن جو مريد هيو، فقير صاحب کي وفات ڪئي ڏهن سالن کان وڌيڪ عرصو ٿي چڪو آهي، هن جي نُنهُن بيمار ٿي پئي، سندس ننهُن جو هر طرح جوعلاج ڪرايو ويو، پر ڪٿان بہ فائدو نہ پئي ٿيو، هن کي ڪراچي ۾ آغا خان اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو جتي ڊاڪٽرن هن جو آپريشن تجويز ڪيو، مائي صاحبہ جي حالت انتهائي خراب هئي جو هوءِ اٿڻ ويهڻ کان بہ عاجز هئي، آپريشن واري رات ان مائيءَ خواب ڏٺو تہ هوءِ سائين غلام مرتضيٰ شاهہ بادشاهہ جن جي حويلي ۾ ٻهاري ڏئي رهي آهي، هن جي سامهون سائين ڪريم جن ۽ سندس سهرو وينا آهن، هن جو سهرو فقير غلام قادر قريشي، سائين ڪريمن کي هٿ ادب جا ٻڌي عرض ٿو ڪري تہ قبلا سائين هيءَ منهنجي ننهن آهي، هن لاءِ دعا ڪريو تہ هن کي شفا ملي، پاڻ مائيءَ ڏانهن منهن ڪري ڪجهہ پڙهي شوڪاريائون ۽ فرمايائون تہ هيءَ هاڻي چاق آهي. ان کان پوءِ هن مائيءَ کي خواب مان جاڳ ٿي وئي تہ سڄو ڪمرو خوشبو سان مهڪي رهيو هيو ۽ هن اٿي پاڻ باٿ روم استعمال ڪيو ۽ نماز پڙهي. صبح جو نرس جڏهن هن جي ڪمري ۾ آئي تہ ان پڻ هنن کان پڇيو تہ ڪمري ۾ هي خوشبو ڇا جي آهي؟ ڊاڪٽر هن کي جڏهن آپريشن ٿيئٽر ۾ وٺي ويا تہ پندرنهن منٽن کان پوءِ واپس روم ۾ڇڏي ويا. ٿوري عرصي ۾ اها نيڪ ٿي وئي. اها عورت اڄ بہ حال حيات آهي.

جڏڙي مريد کي شادي ڪرائڻ

نقل: حاجي شفيع محمد چاچڙ وينل ڳوٺ شاهپور تعلقه پنوعاقل محمد علي سهتي کي ٻڌايوته لونگ فقيرنالي چنگهن ڪان معذرو جڏڙو درويش درگاهه شريف جي دروازي تي وينو هوندو هيو جنهن کي درگاهه تي آيل مريد جڏڙو سمجهي ڪجهه نه ڪجهه ڏئي ويندا هئا. ننگر ڪيس اندران حويلي تان ملندو هيو. هڪ ڏينهن سائين ڪريم جن مسجد شريف ۾ وينا هئا ته هي به اچي پاسو ڏئي وينوءِ سائين ڪريمن کي عرض ڪيائين ته سائين مو نکي شادي ڪرايوسائين ڪريمن کلي فرمايس ته فقير، هائو. تون گهوٽ ٿيندين. هڪ بيوهه درگاهه شريف تي ۽ حويلي ۾ ڪم ڪار ڪندي هئي ان کي مرشدن ڪريمن فرمايو ته مائي هي لونگ فقير تنهنجو گهوٽ ٿيندو مائيءَ خوشي سان قبول ڪيو. ان جو نڪاح ٿيو ۽ ٻئي گڏ گذارڻ لڳا.

مريد کي آٿت ڏيڻ ته آفيسر ڪجهه نه ڪندو

نقل: قبلا مرشدسائين حفيظ الله شاهه جيلاني دامت برڪاتهم العاليه جن محمد علي سهتي کي ٻڌايوته خان محمد دايو پٽيون صدرجي واري ڪين ٻڌايو ته اسان جو هڪ آفيسر سخت مزاج اچي ويوجنهن جي ڪري اسان کي موڪل وغيره ڪونه ڏيندو هيو. ۽ سختي پڻ ڪندو هيو. سائين ڪريمن ڏانهن زيارت جي لاءِ وڃڻ ٿيوته سائين ڪريمن هڪ ڏينهن وڌيڪ رهائي ڇڏيو. دل ۾ ڪٿڪو لڳو پيو هيو ته آفيسر به سخت آهي. الائي ته ڇا ٿيندو. سائين ڪريمن ويني دعائون پئي لکيون. پاڻ قلم هيٺ رکي مون ڏانهن ڏسي فرمايائون ته خان محمد جيڪو آفيسر اسان جي مريد تي هٿ کڻندو اسان ان جي ٻانهن ڪڍي وجهنداسين.

اڪيون سائين جي عشق ۾ ٻاڙهيون هونديون آهن

نقل: استاد حبيب الله ڪورائي مورو شهر واري محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ درگاهہ شريف تي ويس، درگاهہ شريف تي غلام رسول نالي هڪ شخص درگاهہ جو ڦريو ڏيندو هئو، ان جون اڪيون ٻاڙهيون لال هونديون هيون، مون ان ڪان پڇيو تہ تون نشو ڪندو آهين ڇا جو تنهنجون اڪيون ٻاڙهيون هونديون آهن، چيائين تہ نہ اهڙي ڳالهہ ناهي، آءٌ وڏو ڏاڙيل هئس، مقابلو ٿي پيو جنهن ۾ مون کي چيلهہ ۾ گولي لڳي پئي، گهڻو ئي علاج ڪرايو پر فائدو ڪونہ ٿيو، پوءِ سائين ڪريمن وٽ ڪٽي آيا، سائين ڪريمن فرمايو تہ ڊاڪٽر ڏي ڪٽي وڃونس، پر مون جواب ڏنو تہ نہ مان نہ ويندس، پوءِ سائين ڪريمن فرمايو تہ پتر يا نڪريءَ سان ٺاڪور ڪريوس، مون روئي عرض ڪيو تہ منهنجي تڪليف دور ڪرڻ فرمايو، پوءِ منهنجي چيلهہ تي هٿ گهمايائون تہ ڪاڏي وئي تڪليف، ڪاڏي ويو سُور،مان اٿي ويهي رهيس، ان ڏينهن ڪان وٺي درگاهہ تي رهيل آهيان ۽ درگاهہ جو ڦريو ڏيندو آهيان، ۽ اڪيون سائين ڪريمن جي عشق ۾ ٻاڙهيون هونديون آهن.

بغير ٽڪيٽ جي سفر ڪرائڻ

نقل: محمد رمضان مگٽهار، صادق آباد جو رهواسي وار مبارڪ روهڙي شريف ۾ آيو، اتي استاد محمد چٽل قريشي ڪان معلوم ڪيائين تہ هتي ڪو الله جو ولي آهي جنهن جي زيارت ڪجي، استاد چٽل چيس تہ گمبٽ شريف ۾ سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جن وقت جا غوث آهن اوهان انهن جي زيارت ڪريو، هي همراهہ

روهڙي ڪان روانو ٿي گمبٽ پهتو، سائين ڪريمن جي زيارت ڪيائين، ٻئي ڏينهن تي سائين ڪريمن کي عرض ڪيائين تہ قبلا سائين مون کي ڪوئٽہ وڃڻو آهي، ڪا مهرباني ڪريو. سائين ڪريمن فرمايس تہ فقير ريل ۾ ويهي رهہ، دستگير جي گاڏي آهي تو ڪان ٽڪيٽ ڪو بہ نہ پڇندو. هي سائين ڪريمن ڪان موڪلائي ٽرين ۾ ويهي رهيو، ٽڪيٽ ڪليڪٽر هن جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي وارن ٻنهي همراهن ڪان ٽڪيٽ پڇي پر هن ڪان نہ گهري نہ ئي هن ڏانهن ڏنائين، ائين پئي لڳو ڄڻ هي همراهہ ٽڪيٽ ڪليڪٽر کي نظر ئي نہ پئي آيو، هي همراهہ جڏهن ڪوئٽہ اسٽيشن تي پهتو تہ هڪ سپاهي هن ڏانهن آيو ۽ چيائينس تہ فقير تو وٽ ٽڪيٽ ڪونهي نہ، اڃ تو کي اسٽيشن ڪان ٻاهر ڇڏي اچان. هي همراهہ چار پنج ڏينهن ڪوئٽہ ۾ رهيو پر جنهن همراهہ سان هن کي ملڻو هيو اهو هن سان نہ ملي سگهيو آخر هي جڏهن واپس اچڻ لڳو تہ روڊ تي هن کي پويان نالو وٺي ڪنهن سڏ ڪيو، هن ڏٺو هي تہ اهو ئي همراهہ آهي جنهن کي هن ڳولهيو پئي. هن کي فٽ پاٿ تي ويهاري هن سان ڪچهري ڪيائين ۽ هن کي ان همراهہ قرض بہ واپس ڪيو جنهن لاءِ هي ڪوئٽہ آيو هيو. هي جڏهن ڪوئٽہ اسٽيشن تي آيو سوچيائين تہ ٽڪيٽ وٺان يا نہ وٺان، چيائين هاڻي پئسا گنج آهن هاڻي ٽڪيٽ وٺان ٿو. همراهہ ٽڪيٽ وٺي ريل ۾ سمهي رهيو تہ ڪو شاهينگ هن جو سامان، پئسا، ٽڪيٽ سڀ ڪجهہ ڪٽي ويو، همراهہ کي جاڳ ٿي تہ ڪاريءَ وارا ڪڪ. ڏاڍو پريشان ٿيو، پوءِ ٻي ڪا واهہ نظر نہ آيس، سائين ڪريمن کي سڏڻ لڳو. سائين جي نظر سان وري بہ اچي روهڙي پهتو، پوءِ اتان گمبٽ شريف آيو تہ سائين ڪريمن ڏسي فرمايس تہ فقير ويندي تہ اسان تي ڀاڙيئي باقي واپسي ۾ پنهنجي پئسن تي ڀاڙيئي تہ نتيجو بہ ڏنئي. همراهہ ڏاڍو شرمندو ٿيو.

استاد مولابخش جي ياءُ جو اغوا ٿيڻ

نقل: فقير محمد ابراهيم لوڙهي واري محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ ڌاڙيل پنهون ڪوريءَ استاد مولا بخش جي ياءُ غلام شبير کي گهر مان اغوا ڪيو، ڳوٺ جا ماڻهو، پوليس ڌاڙيلن جي پويان لڳل هيا، ڌاڙيل استاد جي ياءُ کي ڪٽيندا، سٽيندا گهڻو اڳتي ڪڻي ويا، استاد جي ياءُ سائين ڪريمن کي دل ۾ سڏيو، تہ مرشد سائين واهر ڪر، مرشد سائين واهر ڪر، هن جو ايترو چوڻ تہ ڌاڙيلن ۾ چوٻول ٿيو تہ هن جي واهر ٿي آ، هن مان هٿ ڪڍو، پوليس ۽ ڳوٺ وارا اچي پهتا آهن. ڌاڙيلن استاد جي ياءُ مان هٿ ڪڍيا ۽ جان بچائي وٺي ڀڳا. استاد جو ياءُ بيهوش لڳو پيو هيو، هن کي کڻي جڏهن گهر آيا ۽ استاد جي ياءُ کي جڏهن هوش آيو تہ چيائين مون سان گمبٽ وارن مهرباني ڪئي آهي.

استاد مولا بخش جو پنهنجي سرِ اغوا ٿيڻ

نقل: فقير محمد ابراهيم لوڙهي واري محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ ڌاڙيل پنهون ڪوريءَ پلاند لاءِ استاد مولا بخش ڏانهن نياپو ڪرايو تہ اسان تو کي هاڻي ڏينهن ڏني جو اغوا ڪنداسين، فقير صاحب ٻڌايو تہ صبح جا 10 يا 11 ڪن ٿيا هوندا جو نڪاءَ ٻڌڻ ۾ آيا، ڪجھ دير ڪان پوءِ خبر پئي تہ استاد مولا بخش کي ڪنيون ٿا وڃن، ڳوٺ جا ماڻهو ڌاڙيلن جي ڪڍ لڳي پيا، فقير صاحب ٻڌايو تہ اسان بہ دل سان دعا گهري تہ الله ۽ مرشد ڪريم استاد سان ڪا مهرباني ڪن، ايتري ۾فقير صاحب وٽ هڪ مجذوب ماستر ظهور احمد آيو فقير صاحب ان کي بہ چيو، استاد لاءِ دعا گهرو تہ

هو واپس اچي، ان مجذوب، فقير صاحب کي چيو تہ استاد اڄ شام سادي چئين وڳي تائين واپس ايندو. استاد مولا بخش کي جڏهن ڏاڙيل واهڙ ڳوٺ تائين ڪٺي ويا تہ استاد کي لڦون پئجي ويون، هلڻ کان عاجز ٿي ويو هيو، هن مرشد کي پئي سڏيو تہ مرشد واهر ڪجان.، الله ۽ مرشد جي ڪرٽي اهڙي ٿي جو ڏاڙيلن استاد مان هٿ ڪڍيا، استاد جي پويان واهر بہ پهچي پئي ۽ استاد 4. 30 بجي اچي خير سان ڳوٺ پهتو.

ڍنڍ ۾ واڳونءَ کان بچائڻ

نقل: فقير محمد ابراهيم لوڙهي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ ناريجي قوم جو هڪ همراهہ جيڪو سائين ڪريمن جو مريد هيو، ڪنهن ڳوٺ ۾ رهندو هيو، انهن جي ڳوٺ جي پرسان وڏي ڍنڍ هئي ۽ ان ۾ واڳون بہ رهندا هئا، ڍنڍ جي ٻئي پاسي موريا قوم جا ڪجهہ گهر هيا، انهن وٽ ڪا شادي هئي جنهن ۾ راڳ ويراڳ جو پروگرام هيو، ناريجي فقير رات جو ڍنڍ ٽپڻ جو سانباهو ڪيو، جڏهن وچ ڍنڍ ۾ پهتو تہ هن کي محسوس ٿيو تہ ڪا بلا هن ڏانهن ڪَرڪنيون ٿي اچي. همراهہ گهڻو ئي ترڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪنارو گهڻو پري هيس، همراهہ سهڪي پيو، ٻي ڪا وات سمجهہ ۾ نہ آيس، موت کي پنهنجي ويجهو پي ڏٺائين سو اچي مرشد ڪامل کي سڏيائين، ڪجهہ ديرڪان پوءِ همراهہ بيهوش ٿي ويو، جڏهن هوش آيس تہ ڍنڍ جي ٻئي پار پيو هيو، هن کي اهو سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ واڳون ڪاڏي ويو ۽ مان هتي ڪيئن پهچي ويس.

استاد مريد حسين ميراڻيءَڪي ڌاڙيلن کان آزاد ڪرائڻ

نقل: ڳوٺ پٽيون صدرجي تعلقہ ڪنگريءَ جي خادم حسين ميراڻيءَ محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ سندن والد صاحب استاد مريد حسين ميراڻيءَ کي سائين ڪريمن هڪ دفعي چيو تہ فقير جڏهن تنهنجي مٿان ڪا مصيبت اچي تہ هي آيت ڪريم پڙهي اسان کي سڏ ڪري ڏسجان. خادم حسين ميراڻي ٻڌايو تہ اها آيت ڪريم بہ سندس بابا هن کي ٻڌائي پر هن کان وسري وئي آهي. اها انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي جڏهن سنڌ ۾ ڌاڙيلن جو راڄ هوندو هو، سنڌ جي هر ننڍي وڏي شهر ۾ فوج جون چوڪيون هونديون هيون. استاد مريد حسين کي هڪ رات انين وڳي ڌاڙيل پنهنجي گهر مان اغوا ڪري ويا، فوج جي چوڪي سڏ پنڌ تي هئي، گولين جي آواز سڄي علائقي ۾ دهشت ڦهلائي ڇڏي، استاد مريد حسين کي ڌاڙيل اٽڪل ڇهہ يا ست ڪلوميٽر پنڌ وٺي ويا، استاد جي پيرن جي کل لهي چڪي هئي، استاد هلڻ کان عاجز هيو. استاد ڌاڙيلن کي چيو تہ مون کي ماري ڇڏيو پر مان هاڻي هڪ قدم بہ اڳتي نہ هلي سگهندس، ڌاڙيلن مان هڪ چيو تہ هٽوس گولي، اهو ٻڌي استاد مريد حسين اکيون ڪٽي بند ڪيون ۽ اها آيت جيڪا هن کي مرشد ڪريم ٻڌائي هئي پڙهي ۽ سائين ڪريمن کي دل ئي دل ۾ سڏڻ لڳو، هڪ يا ٻن منٽن جي اندر چئني طرفن کان سرچ لائٽن جي روشني ٿي وئي ۽ ڌاڙيلن ۾ ڀاڄ پئجي وئي، استاد کي اتي ئي ڇڏي وٺي ڀڳا، استاد کي آرمي وارن اچي اٿاريو ۽ پوءِ ڪيس پنهنجي گاڏيءَ تي گهر ڪٺي آيا.

مرشد ڪي سڏ ڪرڻ ۽ ريل جو اسٽيشن ڏانهن واپس اچڻ

نقل: قبلا مرشدي سائين حفيظ الله شاهہ جيلاني بادشاهہ دامت برڪاتهم العاليہ جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ غلام حيدر بنگلزئي اسپلنجي ڪوئٽہ واري ڪين ٻڌايو تہ هو سائين غلام مرتضيٰ شاهہ بادشاهہ جي زيارت واسطي زال کي ساڻ ڪري ڪوئٽہ کان گمبٽ شريف ڏانهن بذريعہ ريل جي روانو ٿيو. جڏهن ريل روهڙي اسٽيشن تي پهتي تہ اتان هنن کي ٻي ريل ۾ ويهڻو هيو، هن پنهنجي زال کي چيو تہ ڪلاڪ کن لڳي ويندو پليٽ فارم تي ويهڻ کان بهتر آهي تہ تون هن ئي ريل ۾ ويٺي رهہ، جيستائين ٻي ريل پليٽ فارم تي اچي. هي زال کي ان ئي ريل ۾ ويهاري هيٺ لٿو تہ ٿورو گهمي ڦري ونجي ۽ ڪجهہ ڪائڻ پيئڻ لاءِ بہ ونجي، هي ٿورو پري ويو تہ ڇا ڏسي تہ جنهن ريل ۾ سندس زال ويٺل هئي اها هلڻ لڳي، هي گهڻو ڀڄو پر ريل هن کان نڪري وئي. هن کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا ڪري، هن سوچيو تہ ڳوٺ وارا ماڻهو ڇا چوندا تہ ويو هو مرشد جي زيارت لاءِ ۽ زال وڃائي واپس آيو آهي. هن مرشد کي دل ۾ سڏيو ۽ ڪيس جيڪا لڄ هٿ ۾ هئي اها زور سان زمين تي هنئين ۽ چيائين مرشد لڄ رک. هن جيئن ئي ائين چيو تہ ريل بيهي رهي ۽ واپس اسٽيشن ڏانهن اچڻ لڳي، پليٽ فارم تي صرف ايترو وقت بيٺي جو هن جي زال ان مان لٿي ۽ پوءِ ريل وري هلڻ شروع ڪيو، هي پنهنجي زال کي وٺي سائين ڪريمن وٽ گمبٽ شريف آيو.

ماستر، توکي پئسن جي ضرورت هئي، هي پئسا کڻ

نقل: سيد شاهد حسين شاهه جيلاني دوڙ شهر واري مامي ملوڪ چانديو کي ۽ ان محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته ماستر ربڏنو گلال وينل شيخ محلا گمبٽ واري سان منهنجي سني دعا سلام هئي ۽ اڪثر مون وٽ دوڙ شهر ۾ ايندو هيو ماستر صاحب ٻڌايو ته مان سائين غلام مرتضيٰ شاهه بادشاهه جي شهزادن قبلا سائين محمد شاهه ۽ قبلا سائين محمد موريل شاهه کي پڙهائيندو هيس هڪ ڏينهن مون کي ڪجهه پئسن جي سخت ضرورت پئي مون دل ۾ سوچيو ته سائين غلام مرتضيٰ شاهه جن جي دربار ۾ حاضر ٿي عرض رکان اهو خيال ڪري مان سائين ڪريمن جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، پر ماڻهن جي گهڻائيءَ جي ڪري سائين ڪريمن کي عرض ڪري نه سگهيس ايتري ۾ هڪ پناڻ سائين ڪريمن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ سائين ڪريمن کي عرض ڪيائين ته قبله، مان پنهنجي ملڪ وڃي رهيو آهيان ۽ هڪ ڳوٿري پئسن جي سائين ڪريمن جي نذر ڪري چيائين ته هي قبول ڪيو ۽ دعا ڪيو. سائين ڪريمن ان جي حق ۾ دعا گهري ۽ اها پئسن واري ڳوٿري منهنجي حوالي ڪري فرمايو ته ماستر توکي پئسن جي ضرورت آهي، هي پئسا تون کڻ. مون پئسا ڳڻيا ته اوترا ئي هيا جيتري مون کي ضرورت هئي.

توهان اڄ کان اسان جا خليفا آهيو

حافظ محمد افضل تنيي وينل ڳوٺ تنيا ضلع لاڙڪاڻي محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته سندس نانو حاجي عطا محمد تنيو وقت جي ڪنهن غوث جو مريد ٿيڻ لاءِ انجي تلاش ۾ سائين قائم شاهه بخاريءَ لاڙڪاڻي واري جي مزار تي وينو ته اتي پير عبد الغفار عرف پير منا سائين جن آيا پر دل جي تشفي نه ٿيس پوءِ دستگير جي گاديءَ تي راڻي پور آيو ته اتي سائين سخي صالح شاهه بادشاهه جن وٽ آيو ته سخي صالح شاهه جن فرمايس ته اوهان گمبٽ سائين غلام مرتضيٰ شاهه ڏي وڃو. سائين ڪريمن وٽ جڏهن حاضري پري قدم بوسي ڪيائين ته سائين ڪريمن فرمايس ته ميان تسلي ڪري آئين نه؟ پوءَ سائين ڪريمن جومريد ٿيو ته سائين ڪريمن فرمايس پنهنجي پڳ لاهيو، پوءِ اها هن کان وٺي پنهنجي گوڏي تي رکي هنکي پارايائون ۽ پوءِ فرمايائون ته فقير توهان اڄ کان اسان جا خليفا آهيو.

قبلا سائين، مان آزاد ڪڏهن ٿيندس

نقل: خليفي قادر بخش وسطڙي وينل ڳوٺ وسطڙا لڳ احمد پور تعلقه ڪنگري واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته محمد ايوب کهڙو حيدرآباد جيل ۾ قيد هيو ته سائين محمد شاهه بادشاهه جن ان ڏانهن ويا ته اتي سائين محمد شاهه بادشاهه کي محمد ايوب کهڙي عرض ڪيو ته قبلا مان آزاد ڪڏهن ٿيندس ته سائين محمد شاهه جن فرمايس ته ڏهن پندرنهن ڏينهن جي اندرتوهان آزاد ٿي ويندئو، جڏهن واپس درگاهه تي آيا ته سائين غلام مرتضيٰ شاهه

بادشاهه جن سائين محمد شاهه جن کي ڏسي فرمايو ته محمد شاهه ڇو اوهان محمد ايوب کهڙي کي ڇيو ته ڏهن ڏينهن ۾ آزاد ٿيندين جيڪڏهن اوهان ايوب کهڙي کي ڇئو ها ته تون سياڻي آزاد ٿيندين ته هو ٻئي ڏينهن تي ئي آزاد ٿي وڃي ها.

چورن سان ٻه ساٽي ته پاڳين سان ٻه

نقل: پيرعيسيٰ جي مولوي حافظ غلام اڪبر اڄڻ محمد علي سهتي کي ۽ انکي سندس بابي محمد سليمان اڄڻ ٻڌايو ته هڪ دفعي سائين ڪريمن وٺ بروهي ذات جا ڪجهه ماڻهو دانهن ڪٺي آيا ته حسين بخش ناريجو جيڪو توهان جو مريد آهي سو اسان جي ڏاچي چوري ڪري ويو آهي اسان کي واپس وٺي ڏيو. سائين ڪريمن علي محمد سروهيءَ کي حسين بخش ناريجي ڏانهن موڪليو ته ڪيس وٺي اچ. اهو ڪيس وٺي آيو سائين ڪريمن فرمايس ته حسين بخش! هي بروهي توتي دانهي وينا آهن انهن کي ڏاچي واپس موٽائي ڏي. هن جواب ڏنو ته، سائين مون سندن ڏاچي ڪونه چورائي آهي ان تي سائين ڪريمن فرمايس ته پلا ڳولهي ڏئين. هن وري جواب ڏنو ته نه مون چوري ڪئي آهي نه وري ڳولهي ڏيندس. سائين ڪريمن هر هر ڪيس فر مائيندا رهيا ته حسين بخش سياڻو ٿي بروهن کي ڏاچي واپس ڏي پر حسين بخش ناڪار جو قسم ڪنيو هو سو ها هر گز نه ڪيائين. آخرڪار سائين ڪريمن ڪلي فرمايس حسين بخش جيڪا ڏاچي درياءَ تي ٻيڙيءَ ۾ نه پئي چڙهئي ۽ پوءِ سڏ ڪيئي ته مرشد سائين واهر ڪرءِ پوءِ اها ڏاچي ٽپ ڏئي ٻيڙيءَ تي چڙهي پئي سا ڪنهن جي هئي؟ حسين بخش سائين ڪريمن جي پيرن تي ڪري پيو ۽ چيائين ته سائين

هاڻي لڄ رک ڏاچي واپس ڪندس. پوءِ پاڻ فرمايائونس تہ ڏاچي ڪڏهن ڏيندين؟ چيائين انهن ڏينهن اندر ڏيندس. پاڻ فرمايائونس تہ اڄ رات ئي واپس ڪر چيائين ڪنهن ڪي ڏيان؟ فرمايائونس تہ جنهن ڪلي تان ڇوڙي هيئي ان تي ٻڌي وڃ. عرض ڪيائين تہ بروهي پڪڙيندا. فرمايائونس تہ اگرتوڪي پڪڙيائون تہ وٺي بہ تہ اسان وٽ ايندئي نہ! ان تي وينل هڪ ماڻهوءَ عرض ڪيو تہ سائين اوهان چورن سان بہ ساٿي آهيو نہ؟ سائين ڪريمن مرڪي ڏنو ۽ جواب نہ ڏنائون.

مريد کي خواب ۾ پاڻ سان گڏ ماني کارائڻ

نقل: حڪيم محمد مراد شيخ لاڙڪاڻي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ گمبٽ درگاهہ شريف تي عرس جي دعوت تي مدرسہ جيلاني لاڙڪاڻي جو استاد الهڏنو بجاراڻي سڀ طالب العلم وٺي آيو تہ سوچيو سون تہ ماني ڪٿي پوندي جنهن ڪري ڪجهہ ماڻهو ماني نہ کائين تہ بهتر آ. اسان ماني نہ کاڌي رات جو ننڊ ۾ مون ڏٺو تہ سائين ڪريمن جي دسترخوان تي طرحين طرحين طعام رکيل هئا ۽ اسان کي فرمايائون تہ اچو اسان سان گڏجي کائو.

مواليءَ کي نشي لاءِ پئسا ڏيڻ

نقل: جعفر آباد بلوچستان جو محمد علي کوسي ٻڌايو تہ هڪ پيري سائين ڪريمن جي ڪچهري ۾ وينو هيس هڪڙو موالي

قسم جو شخص سائين ڪريمن وٽ آيو ۽ هڪ رپئي جو سوال ڪيائين، سائين ڪريمن پڇيس تہ ڇا ڪندين؟ عرض ڪيائين تہ ينگ پيئندس. سائين ڪريمن هڪ رپيو ڪيس ڏنو تہ ڪچهري ۾ ويٺل هڪ ماڻهوءَ اعتراض ڪندي عرض ڪيو تہ سائين اوهان هن ماڻهوءَ کي نشي جي لاءِ پيسا ڏئي ڇڏيا! پاڻ فرمايائون تہ الله سائين هن کي روزانو ينگ لاءِ پيسا ڏيندو رهي ٿو، تنهن تي ڪنهن کي بہ اعتراض ڪونهي ۽باقي جي مون اڄ ان کي ڏنا آهن تہ سيني کي اعتراض شروع ٿي ويو آهي.

موالي‌ءَ کي پنج روپيا ڏيڻ تي مولوي‌ءَ جو اعتراض

نقل: مدرسہ انوارِ مجتبيٰ خيرپور ميرس جي باني الحاج الله آندل شيخ محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هڪ دفعي موالي‌ءَ اچي سينَ هنئي، پاڻ ان کي پنج روپيہ ڏنائون اتي هڪ مولوي صاحب ويٺو هيو، ان اعتراض ڪيو تہ اهو نشي لاءِ وٺي ويو. توهان ان کي نہ ڏيو ها. پاڻ فرمايائونس تہ مولوي صاحب مون ان کي الله تعاليٰ جي نانءَ تي ڏنا جو هن الله پاڪ جو اسم وڏو. اوهان حديث پاڪ نہ پڙهي آهي تہ الله جي نالي تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ڏيو ۽ ان کي خالي نہ موٽايو ۽ قرآن پاڪ ۾ بہ ساڳيوحڪم آهي ۽ ٿي سگهي ٿو هو اڄ نشي کان باز اچي وڃي. اوهان کي ڪهڙي خبر تہ هن کي هر روز ڪير پيو ڏئي جيڪڏهن اڄ مان ڏنامانس تہ ڇا ٿي پيو.

مگڻهار کي گهور عطا ڪرڻ

نقل: مدرسہ انوارِ مجتبيٰ خيرپور ميرس جي باني الحاج الله آندل شيخ محمد علي سهتي کي ٻڌايو مدرسہ انوارِ مجتبيٰ جو استاد حافظ غلام مصطفي سھڙو پنھنجي استاد احمد بخش ڪُنبيءَ واري کان ۽ اهو آخوند حبيب الله کان نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي هڪ مگڻهار سائين ڪريمن جي خدمت ۾ حاضر ٿي شرناءِ وڄائي تہ پاڻ بہ هٿ جهمر وانگر ڪٽي ٿورڙي جُهمر هنيائون پوءِ ان کي ڪجهہ پئسا بہ ڏنائون پوءِ تہ حاضرين مجلس بہ ان مگڻهار کي گهور ڏني ۽ ان کي گنج ٿي ويو ڪنهن ماڻهوءَ اعتراض ڪيو تہ اوهان مگڻهار کي پيسا ٿا ڏيو. اهو ناجائزآهي پاڻ فرمايائون ڪجهہ ڏينهن کان هن مگڻهار جا ٻچا بک تي وينا هئا ڪين ڪائڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هئو ان ڪري هن غريب جي مدد ڪئي سون هن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. مگڻهار ڪجهہ اڳتي هليوويو تہ پاڻ ان کي گهرائي پڇيائون تہ اسان جي آڏو دهل ۽ شرناءِ ڇو وڄايئي؟ ان عرض ڪيو تہ قبلا سائين، منهنجا ٻچا بک تي هئا ٻي واهہ نہ ڏٺم ان ڪري اوهان جهڙي سچي مرشد جي در تي اميد سمجهي آيس ڇو تہ اوهان کي عين جون اڪيون آهن ۽ اوهان ظاهر باطن ڄاڻو ٿا پوءِ اهو اعتراض وارو ماڻهو خاموش ٿي ويو.

مريد جي قاتل مينهن کي گپ مان ٻاهر ڪڍڻ

نقل: ناصر علي گهمري وينل ڳوٺ ڪيتي مير محمد گهمرو واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ سندس ماسڙ اُڏل گهمري جي مينهن رات جو جهنگ ۾ گپ ۾ڦاسي پئي رات جو ٽائيم هيو، مينهن

ڪي چڏي بہ نہ پئي سگهيو سو گهٽائي وَس ڪيائين پر مينهن هن ڪان نہ نڪتي، اچي مرشدن ڪريمن ڪي سڏيائين تہ مرشد ڪريم تون ڪا واهر ڪر. هن جو مرشد ڪريم ڪي سڏڻ سان جهٽ ڪن ۾ مينهن پاڻ ئي ٻاهر نڪري آئي مهيني ڏيڍ ڪان پوءِ جڏهن سائين ڪريمن وٽ حاضر ٿيو ۽سائين ڪريمن جي قدم بوسي ڪرڻ لڳو تہ سائين ڪريم جن اُڌل گهمري جي ڪَن ڪان پڪڙي فرمايو تہ اُڌل مينهن لاءِ رات جو ايڏا سڏ ڪبا آهن.

اُٺن جو چورائجڻ ۽ لَڪُڻ جو زمين تي هٽڻ

نقل: شيرمهر ٻارنهن ربيع الاول جي موقعي تي سائين موريل شاهہ بادشاهہ جي بنگلي تي محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ بنگل مهر وينل نزد فقير مل گمبٽ وارو سائين ڪريمن جا اُٺ هڪليندو هيو. هڪڙي رات چوڏاهو ڪان اٺَ پريون گمبٽ درگاهہ شريف تي آيو تہ سائين ڪريمن فرمايس بنگل چوڏاهو واپس وڃو ۽ اتان ڪڙٻ جا اٺ پري اچو. همراهہ اجان هاٽي واپس ٿيو هيو، نہ ساهہ پاڻ پٽيو هيائين نہ وري انن ڪجهہ ڪاڌو هيو، پر سائين ڪريمن جي اَمُر آڏو ڪجهہ ڪُڇي ڪين سگهيو، سو اٺ ڪاهي چوڏاهو طرف روانو ٿيو.رات جو ٽائيم هيو، ڇا ڪيائين جو انن ڪي واهہ جي ڪپر سان ڪجهہ ٽاريون هيون اهي ڪائڻ لاءِ ڇڏيائين ۽ پاڻ بہ ڪجهہ دير آرام ڪرڻ لاءِ ويهي رهيو. ڪجهہ دير ڪان پوءِ ڏٺائين تہ چور اٺ ڪاهيو پيا وڃن. جهٽ ڪن چپ رهيو تہ جيئن چور واهہ وارو ڪپر ڇڏي نڪري هلن تہ متان اٺ واهہ ۾ نہ لوڙهي ڇڏين. چور جڏهن ٿورو اڳتي نڪتا تہ هن ڪي هٿ ۾ جيڪو لڪڻ هيو ان ڪي زور سان زمين تي هٽي چيائين، پهچ مرشد، پهچ مرشد، پهچ.

لڪڻ جو اهڙو تہ زبردست آواز ٿيو جو چور دهلجي ويا ۽ ان سان گڏ چئو طرف آواز اچڻ لڳا تہ. پُهتو بنگل پُهتو. چور وائڙا ٿي ويا ۽ اُٿ ڇڏي وڻي ڀڳا. اُسر ويلي اٺ ڪاهي جڏهن درگاهه شريف تي آيو تہ سائين ڪريمن ويني وضو پئي ڪيو. بنگل کي پري کان ڏسي فرمايائون تہ بنگل اهڙا زور سان لڪڻ هڻبا آهن.اهو چئي پنهنجو چولو کڻي جو مٿي ڪيائون تہ لڪڻ جا نشان سندن جسم تي نهيا پيا هئا. اهو ڏسي بنگل مهر سندن قدمن تي ڪري پيو.

هي پير غلام مرتضيٰ شاهہ جو مريد آ، هيٺ لاهيوس

نقل: حڪيم محمد مراد شيخ لاڙڪاڻي واري محمدعلي سهتي کي ٻڌايو تہ هڪ رات مان حيدرآباد جي هڪ دوست وٽ مهمان ٿيس گرمين جي مند هئي دوست مونکي گهر جي ڇت تي کٽ وجهي ڏني ۽ سمهي پيس ڪجهہ دير کان پوءِ ڏٺم تہ منهنجي کٽ مٿي کڄي هوا ۾ اڏامڻ لڳي، مان سخت پريشان ٿي ويس ان گهڙيءَ آوازآيو تہ هي پير غلام مرتضيٰ شاهہ جو مريد آهي هيٺ لاهيوس.

الله جا ٻانها جتي قدم رکندا آهن اها زمين آباد ٿي ويندي آهي

نقل: مدرسہ انوارِ مجتبيٰ خيرپور ميرس جي باني الحاج الله آندل شيخ محمدعلي سهتي کي ٻڌايو تہ مديني منوره ۾ مون سائين ڪريمن کي پنهنجي ڳوٺ صدرجي پٽيون ۾ دعوت لاءِ عرض ڪيو پاڻ دعوت قبول فرمايائون. جڏهن ڳوٺ آيا تہ مون کين دعا جي لاءِ عرض ڪيو، پاڻ فرمايائون، فقير، الله آندل! جتي رڍون ۽ ٻڪريون زمين تي ويهڪ ڪنديون آهن ۽ اتي ڦولهڙيون

لاهن تہ الله تعاليٰ ان زمين کي آباد ڪندو آهي ان زمين جو فصل پلو ٿيندو آهي ۽ زمين جو مالڪ لٽي ٿڪجي پوندو آهي، ائين ئي الله تعاليٰ جا پيارا ٻانها جتي قدم رکندا آهن اتي برڪت ٿيندي آهي ۽ ماڻهو تہ ڇا پر جهنگ جا جانور بہ رنگجي ويندا آهن.

سائينءَ جن جي مريد کي ٻئي بزرگ جو سڃاڻڻ

نقل: قبلا مرشدسائين حفيظ الله شاهہ جيلاني دامت برڪاتهم العاليہ جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ ڊاڪٽر غلام قادر بنگلزئي اسپلنجي ڪوئٽہ واري کين ٻڌايو تہ پير آغا زين الدين جيلاني بغدادي درگاهہ بيبي زيارت ڪوئٽہ جو گادي نشين، مستونگ ۾ ڪنهن مريد وٽ دعوت تي آيا. تہ اسان بہ زيارت لاءِ وياسين سڀ مريد ۽ عقيدتمند قطار ناهي بيهي رهيا تہ سائينءَ جي زيارت ڪري سگهجي. سائين جن لائين سان هلندا بہ پئي آيا ۽ مريدن سان ملندا پئي آيا جڏهن مون وٽ پهتا تہ مون کي چيائون تہ اوهين ٻاهر نڪرو. اوهين سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جيلاني گمبٽ واري جا مريد آهيو. اهو بہ اسان جو آهي.

سائين ڪريمن جو ٻئي بزرگ جي مريد کي سڃاڻڻ

نقل: قبلا مرشدسائين حفيظ الله شاهہ جيلاني دامت برڪاتهم العاليہ جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ حاجي عبدالرحمٰن بنگلزئي ڪوئٽہ واري کين ٻڌايو تہ مان سائين ڪريمن جي خدمت ۾ زيارت لاءِ حاضر ٿيس. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ دل ۾ خيال آيو تہ سائين ڪريمن جو مريد ٿيان، پاڻ مون ڏانهن ڏسي فرمايائون تہ فقير اوهين مريد آهيو آغا زين الدين بغدادي جا. اهو بہ اسان جو آهي.

پنهنجي مريد کي ٻئي بزرگ جو مريد ٿيڻ کان بچائڻ

نقل: قبلا مرشد سائين حفيظ الله شاھ جيلاني دامت برڪاتهم العاليہ جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ عثمان فقير ابڙي کهڙن واري کين ٻڌايو تہ هن جو هڪ مائٽ سائين عبدالغفار نقشبندي صاحب المعروف غفاري صاحب جن جو مريد هيو ۽ جمعي جي نماز سائين غفاريءَ جن وٽ پڙهڻ ويندو هيو. هڪ ڏينهن سندس مائٽ عثمان فقير کي چيو تہ ڪڏهن اسان جي مرشد ڏي بہ تہ هلي ڏس ۽ جمعي تي اوڏانهن نماز پڙهڻ لاءِ عثمان فقير کي رحمت پور وٺي ويو. نمازبعد حسبِ دستور ذڪر اذڪار کان پوءِ جڏهن مريد ٿيڻ لاءِ سڏ ٿيو تہ هن جي مائٽ هن کي مريد ڪرائڻ لاءِ اڳتي ڪيو.جڏهن واري سان غفاري صاحب هن جي دل تي آڱر رکي تہ غفاري صاحب جن کان دانهن نڪري وئي ۽ پڇيائون تہ هن کي هتي ڪير وٺي آيو آهي؟ هن جي مائٽ چيو تہ سائين هن کي مان وٺي آيو آهيان. پوءِ سائين ڪريمن عثمان فقير کي پنهنجي پر ۾ ويهاريو ۽ هن جي مائٽ کي چيائون تہ بابا هتي جيڪي ماڻهو وٺي اچو تہ پهريان ان جي پڇا ڳاڇا ڪريو تہ ڪير آ ڪٿان جو مريد آهي. جڏهن عثمان فقير ڪجھ ڏينهن کان پوءِ سائين ڪريمن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ سائين ڪريمن ڪلي فرمايس اي عثمان فقير ڪريو خبر؟ ڪيئن غفاري صاحب ڏي مريد ٿيڻ ويا هئا؟ پوءِ سائين ڪريمن پاڻ حرف بہ حرف قصو ڪري جماعت کي ٻڌايو. عثمان فقير چيو تہ مان ان وقت ڏاڍو لڄي ٿيس.

باران نماز پڙهائڻ ۽ برسات جو وسڻ

نقل: ڪافي سال گذري ويا ملڪ ۾ برسات نہ پئي وسي ڏڪار ۽ بيمارين اچي مُنهن ڪڍيو. مريد گڏجي سائين ڪريمن وٽ آيا عرض ڪيائون تہ قبلا سائين ! نماز باران پڙهايو تہ برسات پوي. پاڻ نماز پڙهائڻ لاءِ راضي ٿيا نماز جو اعلان ڪرايو ويو، شيخ محلہ گمبٽ جي اتر ۾ ميدان تي ماڻهو گڏ ڪري پاڻ نماز پڙهايائون. اجان دعا مس گهريائون تہ برسات شروع ٿي وئي. سائين ڪريمن جي هيءَ ڪرامت ڪيترن ئي مريدن مونکي ٻڌائي.

قاسيءَ جي سزا مان معافي

نقل: پيرعيسيٰ جي مولوي حافظ غلام اڪبر اڄڻ محمدعلي سهتي ڪي ۽ انڪي سندس بابي محمد سليمان اڄڻ ٻڌايو تہ ڪوٽڏيجيءَ جي هڪ خاصخيليءِ ڪي خون جي ڏوهہ ۾ قاسي جي سزا آئي. سندس ماءُ پير عيسيٰ جي سائين عارب شاهہ وٽ آئي ۽ ڪيس روئي عرض ڪيائين تہ منهنجي پٽ ڪي بچاءِ. سائين عارب شاهہ چيس تہ مائي اهو ڪم مونڪان ڏاڍو آهي هل تہ سائين غلام مرتضيٰ شاهہ ڏانهن ٿا هلون. عارب شاهہ مائيءَ ڪي ساڻ ڪري سائين ڪريمن وٽ وٺي آيو تہ مائي، سائين ڪريم جي پيرن تي ڪري پئي ۽ روئي رهي هئي. سائين ڪريمن عارب شاهہ ڪان پڇيو تہ ڇا ماجرا آهي؟ عارب شاهہ سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. سائين ڪريمن پڇيس تہ حقي آهي يا ناحقي؟ مائيءَ عرض ڪيو تہ قبلا، اها مونکي خبر ناهي، باقي قبلا سائين، مونکي پٽ بچائي ڏيو. سائين ڪريمن دعا لاءِ هٿ مٿي ڪنيا دعا ڊگهي ٿي وئي گرمي جي مند هئي ڪچهري ۾

وينل ماڻهو پريشان ٿي ويا. آخرڪار هٿ مبارڪ پنهنجي ڇهري تي گهمائي فرمايائون تہ هتان واري سرڪار اسان ڪي ڪم ڪان مجبوري ڏيکاري تہ پوءِ مٿئينءَ سرڪارڪان سزا معاف ڪرائيسون. ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن تي ئي اهو شخص آزاد ٿي ويو.

رب سائين توکي هن جو ڪٽيو ڪارائيندو

نقل: استاد رستم علي مهر وينل لڳ وڏا ٻوزدار، محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ منهنجو پٽ ممتاز (جيڪو هينئر شاهہ لطيف يونيورسٽي ۾ پروفيسر آهي) ننڍڙو هو تہ سخت بيمار ٿي پيو بچڻ جي اميد ڪو نہ هئي زال ڪي ساڻ ڪري ممتاز ڪي ڪٽي سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جن وٽ آيس. ممتاز ڪي سندن اڳيان سمهاري روئي عرض ڪيم تہ رب جو پيارو بندو آهين دعا گهر تہ حياتي مليس. پاڻ هٿ مٿي ڪري دعا گهريائون ۽ ٻہ ڪبوتر ڏئي فرمايائون تہ هي کهي ڪارائيس، رب سائين توکي هن جو ڪٽيو ڪارائيندو ۽ عزت ٻہ ماڻيندو. سائين ڪريمن جي دعا سان اهو ئي ممتاز لندن مان پڙهي آيو شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ پروفيسر آهي. پوٽي ٻہ ليڪچرار آهي ۽ پوٽو ٻہ لندن ۾ پڙهي رهيو آهي.

روحاني سزا مليل شخص کي معافي وٺي ڏيڻ

نقل: استاد عزيزالله ميمڻ گمبٽ واري محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ هڪ ڀيري سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جن فجر جي نماز پڙهي مسجد مان ٻاهر نڪري رهيا هئا تہ سندن خليفو ڊوڙندو آيو ۽ عرض ڪيو تہ هڪ ماڻهوءَ درگاهہ واري ڪوهہ جو نار ڊاهي رهيو

آهي، وڏي جدوجهد ڪان پوءِ ان ڪي سائين ڪريمن وٽ گهرايو ويو، اهو شخص محمد پنجل ڏکڻ هو سائين ڪريمن پڇيس تہ جواب ڏنائين مان نار ڏاهي رهيو آهيان. سائين ڪريمن ڪجهہ پڙهي هن جي مٿان دم ڪيو تہ هو بيهوش ٿي ويو. بعد ۾ خبر پئي تہ هن ڪي سيد حافظ شاهہ جن جي مزار مان سزا ملي هئي جو چريو ٿي پيو هيو. سائين ڪريمن جي دعا سان اها سزا معاف ٿي ويس.

پشتو ٻوليءَ ۾ سائين ڪريمن جي دعا ۽ چنگهہ ٺيڪ ڪرڻ

نقل: استاد عزيز الله ميمڻ گمبٽ واري محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ هڪ دفعي صبح جو سائين ڪريمن فجر جي نماز ڪان فارغ ٿي پنهنجي والد حضرت پير سيد خميس علي شاهہ جن جي مزار مبارڪ وٽ وينا هئا تہ وٽن هڪ پٺاڻ آيو جيڪو ڏورانهين علائقي ڪان آيل ٿي لڳو سائين ڪريمن ڪي عرض ڪيائين تہ مونکي دعا ڏيو. پاڻ ڪيس مراقبہ واري جاءِ ڏي وٺي ويا جتي هڪ پوڙهي عورت ويٺي هئي جنهن عرض ڪيو تہ منهنجي هڪ ڄنگهہ معذور آهي دعا ڪريو تہ صحيح ٿئي، سائين ڪريمن ٻنهي لاءِ دعا ڪئي. پٺاڻ لاءِ پشتو ٻوليءَ ۾ دعا گهريائون. پٺاڻ منجهند جوئي هليو ويو ۽ مائيءَ جي ٻئي ڏينهن تي ڄنگهہ بہ ٺيڪ ٿي وئي.

ٽي بيءَ جي بيماريءَ مان دعا سان شفا ملڻ

نقل: استاد عزيزالله ميمڻ گمبٽ واري محمدعلي سهتي ڪي ٻڌايو تہ هي واقعو مونسان پيش آيو 1964 ۾ موجوده ريشم گلي گمبٽ ۾ شاهہ فيصل مسجد جي دروازي جي پرسان ٻن سيدن جون

مزارون آهن. انهن جي مٿان هڪ ٻير جو وڻ هوندو هو. مان ٻيرَ پٽڻ لاءِ ننڍڙو پُٽ ساڻ ڪري ٻير تي چڙهي ويس ۽ ٻير لاهي آيس. مان موري ۾ هيڊ ماستر هيس. صبح جو ڊيوٽي تي ويس. اتان سڪر ويس واپس موٽڻ وقت منهنجي نڪ ۽ وات مان رت وهڻ شروع ٿي ويو. خبر پئي تہ مونکي ٽي بي ٿي پئي آهي ۽ ٻئي ڦڦڙ ورتل آهن. ڊاڪٽر ڇهہ مهينا ڪٽ تان هيٺ لهڻ کان منع ڪئي. مان سرڪاري ملازم هيس سو ايتري موڪل ملڻ بہ مشڪل هئي. مان سائين ڪريمن ڏي آيس ۽ روئي عرض ڪيم پاڻ دعا گهريائون مون پاڻ کي بهتر محسوس ڪيو. خيرپور ويس ڊاڪٽرن کان چڪاس ڪرايم ڊاڪٽر چيو تہ تون بلڪل صحت مند آهين ۽ ٽي بي جون دوائون کائڻ بند ڪر.

سائين ڪريمن جو چور کي مور بڻائڻ

نقل: درازا شريف جي ڳوٺ جوڻيجي ٻڌايو تہ مان جوانيءَ ۾ ناميارو چور هوندو هيس. وڏي ڦُرَسان ڪهاڙي منهنجي هٿ ۾ هوندي هئي. سڄو ترُ مون مان تنگ هوندو هو ماڻهو منهنجي مرڻ جون دعائون گهرندا هيا جيڪي مان پنهنجي ڪنن سان بہ ٻڌندو هيس. هڪ ڏينهن مان سخت بيمار ٿي پيس ڪمزوري وڌي وئي کٽ تان اٿڻ بہ مشڪل ٿي پيو. اها حالت ڏسي فيض محمد جوڻيجو مون کي کٽ تي سائين ڪريمن وٽ کڻائي آيو. مونکي کٽ تي ڏسي مرڪي پڇيائون تہ ڇا ٿيو اٿس؟ فيض محمد عرض ڪيو تہ بيمار ٿي پيو آهي. فرمايائون تہ ڪم ڪهڙا اٿس، سا تہ توهان کي بہ خبر آهي؟ فيض محمد عرض ڪيو تہ انهن اعمالن جي ڪري ئي تہ رب ڏمريو اٿس. اوهان رب جي دربار ۾ دعا گهرو تہ بخشش

تئيس. پاڻ وري مرڪي فرمايائون تہ ڏاند وانگر کَسي ڪري ڏيانوَ؟ يا ڪا رڳ چڙيانس؟ فيض محمدعرض ڪيو تہ جيئن اوهان ڪي بهتر لڳي تيئن ڪريوس پر صحت مند ٿئي. سائين ڪريمن منهنجي مٿان اچي فرمايو تہ نالو ڇا اٿئي؟ جهيٽي آواز ۾ چيم، گامڻ پوءِ سائين ڪريمن دعا پڙهي منهنجي مٿان شُوڪاري تہ مون ۾ اتڻ جي سگهہ پيدا ٿي پئي. اٿي وينس تہ فرمايائون، وڃي مسجد ۾ پٽريون پڙهہ. ان ڏينهن ڪان مان چاق ٿي ويس ۽ منهنجو سڀ ارڏايون بہ ختم ٿي ويون. مان جڏهن بہ درگاهہ تي اچي سندن پيرن تي هٿ رکندو هوس تہ پڇندا هئا تہ نالو ڇا اٿئي؟ عرض ڪندو هوس تہ گامڻ، پاڻ فرمائيندا هئا تہ خوش هوندين.

ڪوڙهہ جي بيمار جو شفاياب ٿيڻ

نقل: محمد يعقوب وينل ڳوٺ مَڏ تعلقو سوپوديرو جي نور محمد سهتي وينل ڳوٺ ديهات لڳ خانواهڻ واري کي ٻڌايوءِ ان محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ سائين ڪريمن جي هڪ مريد کي ڪاري ڪوڙهہ جي بيماري ٿي پئي، گهڻو ئي ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن ڏانهن پيگو پر ڪٿان بہ فائدو ڪونہ پئي ٿيس. بيماري ڏينهون ڏينهن وڌي پئي زور وٺندي.ايتري قدر جو سندس منهن بہ ڪارو ٿيندو پئي ويو.ڪراچي تائين پيگو ڊڪيو پر ڪٿان بہ فائدو ڪونہ ٿيس. آخر سائين ڪريمن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ سائين ڪريمن کي روئي عرض ڪيائين، سائين ڪريمن فرمايس تہ فقير اڄ رات سومهڻي جي نماز منهنجي پويان پڙهجان، پر نماز جي صف ۾ اهڙي طرح بيهجان جو جڏهن مان سلام ورايان تہ تون مون کي ساڄي طرف وينل نظر اچين. سومهڻي جي نماز سائين ڪريم جن

اڪثر دير سان پڙهندا هئا. فقير بہ سائين ڪريمن جي انتظار ۾ وينو رهيو تہ جيئن سائين ڪريمن جي پويان نماز پڙهي سگهان. جڏهن فرض نماز جي تڪبير شروع ٿي تہ هي سائين ڪريمن جي ساڄي طرف ڪان ٿي بيٺو. سائين ڪريمن سلام ورائي هن مريد ڏانهن ڏسي فرمايائون تہ فقير توکي مبارڪ هجي. تنهنجي مٿان جيڪا مصيبت هئي اها معاف ڪرائيسين. تون صبح جڏهن ننڊ مان اٿندين تہ پهرين ڪان چڱو ڀلو هوندين. همراه ستو تہ سهي پر ننڊ ئي نہ پئي آيس. آخر اذان جي وقت اٿي ڳولهڻ لڳو تہ ڪٿي ڪو آئينو ملي تہ جيئن پنهنجو منهن ڏسي سگهان. ڪوئي آئينو نظر نہ آيس تہ سائين محمد شاه بادشاه جي بنگلي ڏانهن ڀڳو تہ متان اتي ڪو آئينو نظر اچي وڃي تہ جيئن پنهنجو منهن ڏسي سگهان. اتي آيو تہ هڪڙو ڪٻٽ ٻاهر پڊر ۾ پيو هيو ان ۾ آئينولڳل هيو. جڏهن همراه پنهنجو منهن ڏٺو تہ يقين نہ پئي آيس تہ آئيني ۾ مان آهيان يا ڪو ٻيو آهي. منهن پهريان ڪان اڇوءُ سهڻو ٿي پيو هيس. صبح جي نماز سائين جي پويان پڙهي ڳوٺ روانو ٿي ويو.

پٽ جي شادي لاءِ ماءُ ڪان دعا گهرائڻ

نقل: نور محمد سهتي وينل ڳوٺ ديهات لڳ خانواهڻ محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ هن جي شادي نہ پئي ٿي. هن جي ماءُ هن ڪي سائين ڪريمن وٽ وني آئي. سائين ڪريم جن مسجد ۾ وينا هئا ۽ دعائون پي لکيائون. سائين ڪريمن امڙ ڪان اچڻ جوسبب پڇيو تہ امڙ هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ سائين هي منهنجو پٽ آهي هن لاءِ دعا گهرو تہ هن جي شادي ٿئي. سائين ڪريمن امڙ ڪي

فرمايو تہ تون دعا گهر. تون امڙ آهينس. امڙ عرض ڪيو تہ سائين اوهان الله جا پيارا آهيو. الله جا وليءَ آهيو. مان گنهگار. آهيان. سائين ڪريمن فرمايس تہ مائي.اولاد لاءِ سڀ کان بهتردعا ان جا ماءُ ۽ پيءُ ئي ڪري سگهن ٿا. تون هن جي امڙ آهين تون دعا گهر، آمين اسان ٿا ڪريون. ان ڪان پوءِ امڙ دعا گهري ان سان گڏ سائين ڪريمن بہ دعا گهري. امڙ وري سائين ڪريمن کي عرض ڪيو تہ سائين اوهان بہ دعا گهرو. پوءِ سائين ڪريمن بہ دعا گهري. نور محمد سهتي ٻڌايو تہ هن جي شادي ان ئي مهيني ۾ ٿي وئي. ۽ کيس لاڳيتا ٽي پٽ ڄاوا. جيڪي هن وقت پنهنجي اولاد وارا ۽ سٺين نوڪرين سان آهن.

دعا سان ٽي پٽ ڄڻڻ

نقل: حاجي مير محمد شيخ ميهڙ وارو جيڪو هاڻي قاسم آباد حيدرآباد ۾ رهندو آهي ان ٻڌايو تہ مون کي پٽ جو اولاد ڪونہ هيو ڪنهن ڏس ڏنو تہ گمبٽ شريف وڃ، جڏهن گمبٽ ۾ درگاهہ شريف تي پهتس، وضو ڪيم، مسجد ۾ داخل ٿيس تہ سائين ڪريمن فرمايو درود شريف پڙهو مون سوچيو تہ سائين ڪريمن حال پڇيو نہ احوال نہ ننگر لاءِ پڇيائون. صلوٰتہ پوري ڪرائي مون کي سڏ ڪيائون. ننگر ڪارايائون پوءِ دعا گهريائون. سائين ڪريمن جي دعا سان مون کي ٽي پٽ ڄاوا.

جڏهن هڪ ماني ڏهہ روپين ۾ وڪامندي تڏهن بہ تون بک نہ مرندين

نقل: استاد سجاول دين ٽُنيو رٽائرڊ هيڊ ماستر هاءِ اسڪول ٽُنيا بقا شاهہ لڳ خانواهڻ تعلقہ ڪنڊيارو، محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ ڪيس غلام قادر پرٽ وينل پورٽي تعلقہ ڪنڊيارو ٻڌايو تہ هو ياسين شريف گهڻي پڙهندو هيو، هڪ ڏينهن سائين ڪريمن کي درگاهہ شريف تي دعا لاءِ عرض ڪيائين، سائين ڪريمن فرمايس تہ استاد جڏهن هڪڙي ماني ڏهہ روپين ۾ وڪامندي تڏهن بہ تون بک کو نہ مرندين، استاد غلام قادر پرٽ جي پوسٽنگ نواب شاهہ شهر ۾ هوندي هئي، ڪجهہ وقت کان پوءِ هن کي ڪنهن استاد ٻڌايو تہ نواب شاهہ جي چڪرا بازار واري گلزار مسجد ۾ حضور غوث الاعظم سيدنا غوث پاڪ جي درگاهہ جا سجاده نشين آيل آهن، هي بہ دعا جي واسطي اتي پهتو پر پناڻن جي ايتري رش ۽ پيهہ هئي جو پير پائڻ جي جاءِ نہ هئي، هن سوچيو تہ جڏهن سائين جن نماز پڙهي ٻاهر نڪرندا ۽ جُتي مبارڪ پائيندا تہ ان وقت مان ڪين دعا لاءِ عرض ڪندس. جڏهن سائين جن نماز پوري ڪري مسجد کان ٻاهر نڪتا تہ استاد جُتيءَ واري جاءِ وٽي بيهي رهيو، سائين جن جيئن ئي جُتي پائڻ لاءِ ڪجهہ دير رُڪيا تہ هن ڪين هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ قبلہ، ہمارے لیے بھی دعا کریں، سائين جن هن کي ڏسي فرمايو تہ. تمھارے لیے یہی دعا کافی ہے جب روٹی دس روپے میں بکے گی تب بھی تم بھوکے نہیں مروگے۔

مريد کي ڏهہ هزار ڏئي ڇڏڻ

نقل: ڳامڻ جوٽيجي ٻڌايو تہ ملان امام بخش سائين ڪريمن ڪان ڏهہ هزار اُڌارا گهريا. پاڻ فرمايائون تہ ڇا ڪندين؟ چيائين تہ ضروري ڪم ۾آهن فرمايائون تہ واپس ڏيندين؟ عرض ڪيائين تہ ها ڏيندس. امام بخش کي پيسا ملي ويا پر هن واپس ڪو نہ ڏنا سائين محمد شاهہ بادشاهہ کي خبر پئي سو امام بخش کي چيائين تہ ڏهہ هزار واپس ڏي نہ تہ جيل ۾ وجهرائيندوسانءِ. امام بخش ڊپ وچان وڃي سائين ڪريمن کي دانهن ڏني، پاڻ ان ئي وقت سائين محمد شاهہ کي گهرائي امام بخش جي سامهون ڪين فرمايوتہ هن جونالو ڇا آهي؟ سائين محمد شاهہ جن عرض ڪيو تہ امام بخش. سائين ڪريمن مرڪي فرمايس تہ جنهن کي امام ئي بخشي ٿو تہ پوءِ اسان ڪير ٿيندا آهيون هن ڪان ونڻ وارا. ٻچا! اسان کي رب ڏئي رهيو آهي ۽ اسان پنهنجي ٻچن کي ڏئي رهيا آهيون. هنن جي ضرورت پوري ڪرڻ اسان جو فرض آهي.

درگاهہ تي دال جو پاتوڙو پيڻ

نقل: ڳامڻ جوٽيجي ٻڌايو تہ هڪ ڏينهن درگاهہ تي وينا هيا سون ننگر جو وقت ٿيو تہ تي تي جٽا تولين ۾ ويهي ننگر ڪائڻ لڳا. هڪ همراهہ جي اڳيان دال جو پاتوڙو ۽ ماني رکيائون همراهہ دال ڏسي نہ ڪئي، هم نہ تم، پاتوڙو فرش تي پيجي ڇڏيائين. آواز ٻڌي سائين ڪريم هن جي مٿان اچي بينا، هن عرض ڪيو تہ سائين! دستگير جي در تي بہ دال اسان جي پچر نٿي ڇڏي!؟ پاڻ

مرڪي ڪيسي مان پيسا ڪڍي خليفي کي ڏئي فرمايائون تہ هي پيسا وٽ هي همراهہ جيترا بہ ڏينهن درگاهہ تي رهي، هن کي هوٽل تان گوشت جي ڀاڄي وٺي کارائيندا ڪريو.

اجايل ڇج کي پاڻي پيارڻ جو حڪم

نقل: حافظ رب ڏني صدرجي پٽيون واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ ڪيس پنهنجي والد حسين بخش ٻڌايو تہ هڪ دفعي سائين ڪريمن دعائون پئي لکيون تہ پاڻ اوچتو هٿ روڪي فرمايائون تہ حسين بخش ۽ سهراب ڀنگر، اوهان جلدئي ننگر ڪري پاڻي جا ٻہ مٽ کڻي فلاڻي رستي تي بيهو، اتان ڇج گذرندي، جيڪا گهڻي اجياري آهي، ان کي پاڻي پياري موٽي اچو. هي جڏهن اتي پاڻيءَ جا مَٽ کڻي پهتا تہ ڇج بہ پهتي جنهن کي هنن پاڻي پياريو.

ڪلهوڙو فقير پيرن جي دال نہ کائيندو

نقل: فقير ميان محمد ابراهيم لوڙهي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ محمد جمن ڪلهوڙو خانواهڻ وارو سائين ڪريمن جو مريد نہ هيو هن کي ڪنهن دوست چيو تہ هل تہ سائين ڪريمن جي حاضري ڀرائي اچون، هن چيس تہ پيرن جي درگاهہ تي رڳو دال ئي دال ملندي آ، مان دال ڪو نہ کائڻ هلندس، سندس دوست هن کي زوريءَ وٺي آيو، جڏهن سائين ڪريمن وٽ پهتا تہ سائين ڪريمن هنن جي ننگر لاءِ خليفي کي فرمايو تہ بابا ڪلهوڙو فقير پيرن جي دال نہ کائيندو آ ان لاءِ گوشت جو ٻوڙ آڻجو، محمد جمن کي اهڙو تہ

سائين ڪريمن جي محفل متاثر ڪيو جو سائين ڪريمن جو مريد ٿيو، ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ سندس چوري ٿي وئي، سڌو سائين ڪريمن وٽ پهتو سائين ڪريمن ڪي سربستو احوال ڏنائين. سائين ڪريمن فرمايس ته فقير پين پنو ڪڻ، پاڻ نالا لکرائيندا ويس ته اهي تنهجا چور آهن وچ انهن ڏي، چوري وني اچين. همراهه سڌو پهرين چور وٽ ويو ۽ ان کي لسٽ پڙهي ٻڌايائين ته توسا هي ٻيا به گڏ هيا، وارو ڪر چوري واپس ڪر، همراهه پڇيس ته چوري ته ڏيانءِ ٿو پر اهو ٻڌاءِ ته تو ڪي اهي سربستا نالا ڪنهن ٻڌايا؟ هن جواب ڏنس ته سائين ڪريم مرشد هادي غلام مرتضيٰ شاهه گمبٽ واري. چورن هٿ ٻڌي چوري واپس ڪئي.

لک روپيا ۽ موٽرڪار ٺُڪرائي ڇڏڻ

نقل: حڪيم محمد مراد لاڙڪاڻي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته سائين ڪريم هڪ ڏينهن درگاهه شريف واري مسجد ۾ وينا هئا. اتي ڄام ڪانيو خان (اڳوڻي وزير اعليٰ ڄام صادق علي جو پيءُ) جو ڪمدار حاضر ٿيو ۽سائين ڪريمن کي عرض ڪيائين ته سائين مون کي ڄام صاحب موڪليو آهي ۽ اوهان لاءِ نياپو ڏنواتائين ته اوهان منهنجي دعوت تي اچو ته نذراني ۾ هڪ لک روپيا به ڏيندس ۽ تحفي ۾ موٽرڪار به ڏيندس. پاڻ جواب ۾ فرمايائون ته وڃي ڄام صاحب کي چئه ته جيڪو الله وارن ڏي ايندو آهي ته قدم قدم تي مٿس رحمت نازل ٿيندي آهي ۽ جيڪو الله وارن کي پاڻ ڏانهن گهرائيندو آهي، اهو رحمت کان محروم رهندو آهي. هاڻي هر ڪنهن جي مرضي آهي. جيڪا ڳالهه قبول ڪري.

جهڙو الله مڪي ۾ آهي تهڙو گمبٽ ۾

نقل: سائين قبلا مرشد سخي محمد عبدالله شاهه دامت برڪاتهم العاليه جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته ڏاڏا سائين جن حج تي ويا ته اتي به سندن سخا جو اهو ئي حال هوندو هو جو ڪو به سوالي سائين ڪريمن وٽان خالي نه ويندو هيو، هڪ دفعي پاڻ مڪي پاڪ ۾ جنهن جڳهه تي ترسيل هئا اتي پنهنجي رفيقن سان ويٺا هئا، هڪ شخص آيو سائين ڪريمن جي قدم بوسي ڪري سائين ڪريمن کي عرض ڪيائين ته قبلا سائين مان سيد آهيان. اوهان جي تر جو آهيان، منهنجا پيسا ختم ٿي ويا آهن، مهرباني ڪري مون کي ٻه هزار اُڏارا ڏيو، سائين ڪريمن محفل ۾ ويٺل سائين محمد شاهه بادشاهه ڏانهن ڏسي فرمايو ته محمد شاهه، هن سيد جو ڪم ڪريو، هي اميد وٺي اسان وٽ آيو آهي، سائين محمد شاهه عرض ڪيو ته قبلا سائين، هي سعودي عرب آ، گمبٽ ناهي اسان پاڻ سفر ۾ آهيون، سفر جو ڪجهه اندازو ڪونه هوندو آهي، اسان وٽون هتي اوڌريون ڏيندا ته پوءِ اسان جو ڇا ٿيندو، سائين ڪريمن محفل جي رنگ کي ڏسي چپ ٿي ويا، سوالي سيد به ڪٿي مٽ ڪئي، ڏهن منٽن کان پوءِ گمبٽ جو ڪوئي واپاري سائين ڪريمن وٽ آيو ۽ سائين ڪريمن جي آڏو ڏهه هزار روپيا رکي عرض ڪيائين ته قبلا سائين هي منهنجا پيسا اوهان پاڪستان ڪٿي هلو، اوهان کان گمبٽ ۾ منهنجا پٽ وٺندا. مون کي اجان ڪجهه ڏينهن هتي ترسڻو آهي، پاڻ مرڪي اهي پيسا کنيائون، ان مان ٻه هزار اتي ئي ان سوالي سيد کي ڏئي سائين محمد شاهه کي فرمايائون ته محمد شاهه، جهڙو الله گمبٽ ۾ آ، تهڙو هتي آ، نه هِتي ڇڏيو اٿائين نه هُتي ڇڏيندو.

درگاهہ ۾ صوفي راڳ جي محفل

نقل : سائين قبلامرشد محمد موريل شاهہ بادشاهہ جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هڪ دفعي سائين ڪريمن درگاهہ حضرت هنباهہ شريف جي گادي نشين حضرت سائين فيض درياهہ بادشاهہ ڏانهن نياپو ڪرايو تہ گمبٽ درگاهہ شريف تي اچو. فيض درياهہ بادشآهہ جن سائين ڪريمن ڏانهن چورائي موڪليو تہ قبلا سائين اڪيلا اچون يا جماعت ۽ سازن سُرندن سميت اچون؟سائين ڪريمن چورائي موڪلين تہ جماعت ۽ سازن سميت اچو. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ جڏهن سائين فيض درياهہ وارا درگاهہ گمبٽ شريف تي آيا تہ سائين ڪريم جن درگاهہ ۾ وينا هئا، فيض درياهہ جن سائين ڪريمن سان مليا ۽ جماعت ۽ سازن لاءِ پڇيائون تہ اهي بہ درگاهہ ۾ اچن، پاڻ فرمايائون تہ ڀلي اچن، ۽ گهڻي دير ڪان پوءِ سائين فيض درياهہ جن عرض ڪيو تہ قبلا سائين اجازت هجي تہ ڪجهہ راڳ ويراڳ ڪجي، پاڻ اجازت ڏنائون، ۽ سائين فيض درياهہ جي فقيرن سائين ڪريمن جي موجودگيءَ ۾ ئي درگاهہ تي راڳ جي محفل ڪئي.

هڪ شخص جي حروفِ مقطعات پڙهڻ دوران سائين ڪريمن جي ڪيفيت

نقل: نور محمد سهتي وينل ڳوٺ ديهات لڳ خانواهڻ واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هو سائين ڪريمن جي دربار ۾ وينو هيو تہ هڪ شخص سائين ڪريمن وٽ آيو، پاڻ ان جو سني نموني آدرڀاءُ ڪيائون، ان ڪان پوءِ محفل ۾ خاموشي ڇانئجي وئي، ۽ ان شخص حروفِ مقطعات مان الم(الف، لام، ميم) پڙهيو، سائين

ڪريم جن جون اکيون بند ٿي ويون ۽ پاڻ پنهنجي ڪنڌ مبارڪ کي هيٺ مٿي ڪرڻ لڳا ۽ سندن زبان مبارڪ مان بيشڪ، بيشڪ، جا لفظ نڪتا، ۽ اهڙي طرح ٻين حروفِ مقطعات پڙهڻ وقت بہ سائين ڪريم جن جون اکيون مبارڪ بند ٿي رهيون، نور محمد سهتي ٻڌايو تہ ان وقت سڄي محفل تي عجيب قسم جي ڪيفيت ڇانئجي وئي، ۽ ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ ڄڻ اهي لفظ آسمان مان لهي رهيا هجن، ٻڌڻ وارن تي هڪ عجيب روحاني ڪيفيت طاري ٿي وئي. ان کان پوءِ سائين ڪريمن وٽان اهو شخص موڪلائي هليو ويو.

شعر پڙهڻ سان سواليءَ جو مطلب پورو ٿيڻ

نقل: جعفر آباد بلوچستان جي محمد علي کوسي محمدعلي سهتي کي ٻڌايو تہ پنهنجي مائٽ مير عبدالغفار کوسي کان سائين ڪريمن جي اعليٰ ڪرامتن جي تعريف ٻڌي منهنجي دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ گمبٽ وڃي سائين ڪريمن جي زيارت ڪريان، مان گمبٽ درگاهہ شريف تي پهتس اهو 1965 جو زمانو هو. سائين ڪريم جن حويلي ڏانهن ويل ها. مان انتظار ۾ وينو رهيس اوچتو منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ مونسان مائٽن جي سخت دشمني آهي سڀ کان پهرين سائين کان دعا ڪرائيندس تہ اها دشمني ختم ٿئي اجان ان سوچ ۾ هئس تہ منهنجي نظر سامهون پٽ تي لکيل هڪ شعر تي پئي.

رنج و سختی گر نہ بیند، مرد کامل کئے شود.

ترجمو(ڏک ۽ سختيون جي نہ ڏسندو تہ ڪامل مرد ڪيئن ٿيندو)

ان شعر پڙهڻ سان مان سمجهي ويس تہ هي شعر ئي منهنجي ڪامل عقيدي جو جواب آهي.

جيڪي ڪپڙا موڪليا اٿوَ سي ئي مليا آهن

نقل: حڪيم محمد مراد شيخ لاڙڪاڻي واري محمدعلي سهتي کي ٻڌايو تہ هڪ دفعي سائين محمد شاهہ بادشاهہ جن ڪچهري دوران ٻڌايو تہ اسان هڪ پنجابيءَ کي سائين ڪريمن جي نيت شلوار ۽ قميص ڏني پر پنجابيءَ چيو تہ مون پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن بہ شلوار نہ پاتي آهي سو مونکي پوتڙو وني ڏيو. سائين محمد شاهہ بادشاهہ جن ڪيس پوتڙو وني ڏنو. سائين محمد شاهہ بادشاهہ جن رات جو خواب ۾ ڏٺو تہ سائين ڪريم جن درگاهہ واري مسجد جي دَرَ تي بيٺا هئا پر ڪين قميص ۽ پوتڙو پاتل هو. سائين محمد شاهہ بادشاهہ جن عرض ڪيو تہ بابا سائين! اوهان ساري زندگي ۾ ڪڏهن بہ پوتڙو نہ پاتو آهي سواءِ ڪيئن پاتو اٿوَ؟ پاڻ فرمايائون تہ جيڪي موڪليا اٿوَ سي ئي مليا آهن.

پنهنجي دربار تي پهچڻ جو حڪم

نقل: حڪيم محمد مراد شيخ لاڙڪاڻي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ1965 ۾ سائين ڪريم جن حج لاءِ روانا ٿيا تہ هڪ رات حيدرآباد ۾ ڄاموٽ جي بنگلي ۾ ترسيا. اتي سائين ڪريمن ڪان سوال ڪيوويو تہ نماز تهجد ۾ ڇا پڙهجي؟ جواب ۾ فرمايائون تہ هر رڪعت ۾ ٽي دفعا ربنا آتنا پوري دعا ۽ ٽِي دفعا قُل هُو اللّٰهُ

پـڙهڻ گهرجـي. ٻئـي ڏيـنهن تـي حضـرت سـخي عبـدالوهاب شـاهہ جيلاني جي زيارت ڪـيائون ۽ جڏهن حـج کـان موٽيا، انهـيءَ دوران حضرت قلندر شهباز جي روضي تي بہ آيا زيارت ڪـري قبـي انـدر ئـي اٽڪـل پنجٽيهہ منٽ مراقبـو ڪـيائون تـہ هـر طـرف خـاموش ڇانئجي وئـي ايتـري تائين جو درگاهہ جا ڪبـوتر بہ چپ ڪيوويـٺا رهيا. ان کان پوءِ درگاهہ جي ڪنجي بردار سندن دعوت ڪـئي مـاني کائڻ وقت فرمايائون تہ شاهہ نجف ۾ مـولا علـي جـي روضـي اقـدس جـي زيـارت ڪـرڻ وقـت حڪـم ٿيـو تـہ پنهنجـي درگاهـہ تـي پهچـو. ڪـربلا جي زيـارت وقـت بـہ مٿيـون حڪـم مليـوءِ بغـداد شـريف ۾ پنهنجي ڏاڏي بادشاهہ پير دستگير جن جي درگاهہ جي زيارت وقت بہ ساڳيو حڪم ٿيو.

ٽي ڏينهن لاڙڪاڻي ۾ ترسڻ

نقل: حڪيم محمد مراد شيخ لاڙڪاڻي واري محمد علـي سـهتي کي ٻڌايو تہ1965حج جي سفر کـان پـوءِ سـائين ڪـريم جـن لاڙڪـاڻي پهتا تہ اوچتو برسات پئي جنهنڪري سڄو شـهر بنـد ٿـي ويـو. عقيـد تمنـد لاڙڪـاڻي ريلـوي اسـٽيشـن تـي اسـتقبال لاءِ اچـي گڏ ٿيـا هئـا. ڪاٺ جي ٺاهيل معافعہ ۾سائين ڪـريمن ڪـي ويهـاري شـهرين ڪـي زيارت ڪرائي ويئي. لاڙڪاڻي ۾ مدرسہ جيلاني جو بنياد رکيـائون جـنهن ۾ حضـرت قبلـہ مفتـي مولانـا محمـد قاسـم مشـوري جـن بـہ موجـود هئـا. ٽـي ڏيـنهن لاڙڪـاڻي ۾ رهـي مريـدن کـي فـيض عطـا ڪيائون.

ڪڏ جي مٿان گاڏيءَ جو اڏامڻ

نقل: حڪيم محمد مراد شيخ لاڙڪاڻي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ لاڙڪاڻي کان گمبٽ ايندي رستي ۾ وڏي ڪڏ اچي وئي، ڊرائيور سنڀالي نہ سگهيو پر گاڏي ڪڏ مٿان اڏامندي روڊ تي چڙهي وئي.

پرائي ڊور ۾ ڪو رسو نہ وجهندوآ

نقل: قبلا مرشدسائين حفيظ الله شاهہ جيلاني دامت برڪاتهم العاليہ جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ فقير محمد حسن دايو اسسٽنٽ مختيارڪار لاڙڪاڻي واري ڪين ٻڌايو تہ 1968 ۾ سائين ڪريمن ڏانهن وڃڻ ٿيو.سائين ڪريمن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض رکيو تہ قبلا سائين مريد ٿيندا سين!پاڻ مريد ڪرڻ فرمايائون. مون عرض ڪيو تہ قبلاسائين، اسان پانڌيڙا سچل سرمست جا بہ آهيون. اڄ ڪان پوءِ اوڏانهن وڃون يا نہ؟ جيڪڏهن اوهان منع ڪندئو تہ اوڏانهن نہ ويندا سين. پاڻ فرمايائون تہ فقير چڱو ٿيو جو اوهان اهو سوال پڇيو، پوءِ فرمايائون تہ الله وارو حياتيءَ ۾ هجي يا مماتيءَ ۾، ان جي زيارت ڪرڻ ثواب آهي.ان ڏانهن وڃڻ باعث عظمت و برڪت آهي. باقي داياڻيءَ جا پٽ، ياد رک تہ پرائي ڊور ۾ ڪو بہ رسو ناهي وجهندو.

سائين رکيل شاهہ جو چوڻ تہ اسان دستگير جي درَ جا پَٽَ فقير آهيون

نقل: قبلا مرشدسائين حفيظ الله شاهہ جيلاني دامت برکاتهم العاليہ جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ سائين خميس علي شاهہ بادشاهہ جڏهن گادي نشين هئا تہ سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جن مسافريءَ تي بلوچستان طرف ياڳ ناڙي ۾ کنهن مريد وٽ دعوت تي رهيل هئا سائين رکيل شاهہ بادشاهہ کي خبر پئي تہ راٽي پور گمبٽ مان کو شهزادو آيل آهي. پاڻ زيارت واسطي سائين کريمن سان ملڻ آيا، کچهريءَ دوران سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جن سائين رکيل شاهہ بادشاهہ جن کان پڇيو تہ اوهان جو شجرو کيئن آهي کجهہ ٻڌايو تہ سهي، سائين رکيل شاهہ بادشاهہ جن فرمايو تہ سائين مون کي ٻي خبرتہ کونهي باقي ايترو معلوم آ تہ اسان دستگير جي در جا پَٽَ فقير آهيون.

مسافريءَ تي نہ نکرڻ جو سبب

نقل: قبلا مرشدسائين حفيظ الله شاهہ جيلاني دامت برکاتهم العاليہ جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ کين کوئٽہ جي هک بروهيءَ ٻڌايو تہ سائين کريم جن محمود فقير لانڊين واري جي دعوت تي بلوچستان آيل هئا.محمود فقير لاءِ مشهور هئو تہ هو ننگر جام کارائيندو هيو. ان وقت انن ۽گهوڙن جو سفر هيو سائين کريمن ننگر کيو کچهري تي سائين غلام مرتضيٰ شاهہ رحمتہ الله عليہ جن جي خليفن مان ٻن ڄڻن پاڻ ۾ صلاح کئي تہ اڄ محمود فقير جي مهماني ٽا آزمايون. ٻنهي ڄڻن چيو تہ ڏسون اڄ محمود فقير اسان

ڪي ڀُڳل سَيون ڪيئن ٿو ڪارائي؟جڏهن موڪلائڻ جو وقت آيو تہ پري ڪان ڏٺائون تہ هڪ شخص اُٿ تي تيز پيو اچي ۽ بيهڻ لاءِ اشارا بہ ڪندو پيو اچي. جڏهن ويجهو آيو تہ هڪ ديڳڙو لاٿائين جنهن ۾ ڀُڳل سيون هيون. اُٺ واري شخص عرض ڪيو تہ سائين منهنجي هڪ باس هئي جيڪا پوري ٿيڻ تي مون دل ۾ چيو هيو تہ مان ڀُڳل سين جو ديڳڙو محمود فقير جي مهمانن کي کارائيندم. فقير ڏاڍا ڊڪا ٿيا. جڏهن سائين ڪريمن کي ٻي دعوت تي رات جو زور ڏئي رهيا هئا تہ فقيرن، سائين ڪريمن کي اهو ذڪر ڪري ٻڌايو، تہ سائين ڪريمن فرمايو تہ فقيرئو! ڪڏهن بہ ڪنهن الله واري کي نہ آزمائيندا ڪريو.چاهي اهو حياتيءَ ۾ هجي يا مماتيءَ ۾ هجيءِ اڄ محمود فقير مان اسان هڪ ڳالهہ سکي سين تہ الله جڏهن هن جهنگ ۾ محمود فقير کي سڀ ڪجهہ ڏئي ٿو تہ پوءِ اسان دستگير جا ٻچڙا ٿي وتون ٿا جهر جهنگ ۾ رُلندا. اڄ کان پوءِ اسان بہ نڪرڻ بند ڪيو سين. اسان کي بہ الله گمبٽ ۾ سڀ ڪجهہ ڏيندو ۽ ان کان پوءِ پاڻ مسافري ڪرڻ بند ڪيائون.

اڄ رات پاڻ چوريءَ تي هلنداسين

نقل: فقير محمد ابراهيم لوڙهي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ رسول بخش حاجاڻو آئل انجڻ جو مستري هوندو هيو، ان ٻڌايو تہ هو روزن جي مهيني ۾ سائين ڪريمن ڏانهن ويو، پهرين رات هن تراويح پڙهيون تہ ٻيهي ٻيهي جنگهن جو پاٽي ئي سڪي ويس، ٻي رات قبلا سائين موريل شاهہ بادشاهہ جن سان هليوويو، واپس آيو تہ سائين ڪريمن پڇيس تہ اوهان رات تراويح ڇو نہ پڙهيون؟ هن مڙئي ڪٽي ڪوڙ ڳالهايو، سائين ڪريمن هن کي

ويجهو گهرائي ڪَنَ ۾ فرمايو تہ اڄ رات پاڻ چوريءَ تي هلنداسين، گهڻي دير کان پوءِ هن کي ساڻ ڪري گمبٽ جي ٻاهران کو پِيرُ هيو(شايد سائين حافظ شاهہ) اتي ٻہ مٽيون پريائون، وري ٻي درگاهہ تي هڪ مٽ پيو هيو اهو پريائون، چٽڪارٻہ ڪيائون پوءِ پنڌ ڦاٽڪ کان ڪراس ڪيائون تہ اتي پوليس وارا بيٺا هئا پر جڏهن سائين ڪريم جن اتان لنگهيا تہ انهن کي ڪجهہ نظر ئي نہ آيو. درگاهہ تي پهتا تہ سائين ڪريمن فرمايس تہ حاجاڻا زور ڏي. هن سائين ڪريمن کي زور پئي ڏنا تہ روزن لاءِ اٿارڻ شروع ٿي ويا. پوءِ سائين ڪريم جن حويلي ڏانهن هليا ويا.

پٽائي صاحب سان روحاني ڪچهري

نقل: سائين مرشد سخي حافظ محمد عبدالله شاهہ بادشاهہ دامت برڪاتهم العاليہ جن هڪ دفعي پنهنجي محفل ۾ محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ ڏاڏا سائين (سائين غلام مرتضيٰ شاهہ) جن جڏهن ٻيهر حج تي پئي ويا تہ حضرت شاهہ عبداللطيف پٽائي جي درگاهہ تي آيا، اتان جي ڪُنجي بردار پنهل فقير سائين ڪريمن جو آڌرڀاءُ ڪيو، جڏهن سائين ڪريم جن اندر قبي ۾ داخل ٿيا تہ پنهل فقير هٿ ٻڌي عرض ڪيو قبلا سائين مون کي پٽ جو اولاد ڪونهي اڄ ڪا مهرباني ٿئي، ڪجهہ دير کانپوءِ پاڻ حڪم ڪيائون تہ سڀ ٻاهر نڪرو، اندر صرف پاڻ هيا ۽ ٻاهران در بہ ڏياري ڇڏيائون، اندران ڳالهائڻ جو آواز ۽ ڪنهن وقت ٽهڪن جا هلڪا آواز بہ اچي رهيا هئا. ڪجهہ دير کان پوءِ سائين ڪريم جن ٻاهر آيا ۽ پٽائي صاحب جي ڪُنجي بردار پنهل فقير کي پٽ جي مبارڪ ڏنائون، سائين ڪريم جن جڏهن گاڏيءَ ۾ ويٺا تہ سائين محمد شاهہ بادشاهہ جن سائين ڪريمن کان

پڇيو تہ بابا سائين اوهان ڪنهن سان ڪچهري ڪري رهيا هئا؟ پاڻ فرمايائون تہ پٺائي صاحب، شاهہ حبيب ۽ مدن فقير هئا.

بزرگن جي سائين ڪريمن وٽ حاضري

نقل: قبلا مرشد سائين حفيظ الله شاهہ جيلاني دامت برڪاتهم العاليہ جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هڪ دفعي سائين ڪريمن وٽ حضرت سائين محمد شاهہ بخاري واسو ڪلهوڙن وارو، حضرت سائين تاج محمد آريجن وارو، حضرت سائين مفتي محمد قاسم مشوري لاڙڪاڻي وارو ۽ حضرت سائين خواجہ غلام صديق شهداد ڪوٽي وارن جا گادي نشين درگاهہ گمبٽ شريف آيا تہ حاجي قربان سهتي کي انهن جي خدمت تي مامور ڪرڻ فرمايائون ۽ سندن خدمت جي خاص هدايت ڪرڻ فرمايائون.

مست فقير جو درگاهہ تي اچڻ

نقل: سائين قبلا مرشد سيد محمد موريل شاهہ بادشاهہ دامت برڪاتهم العاليہ جن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هڪ دفعي سائين وڏا حويلي تي هئا تہ هڪ لانگوٽو ٻڌل مست فقير مسجد ۾ آيو ان سان گڏ ڪتو بہ هيو، سائين ڪريمن جو پڇيائين ۽ پوءِ محراب ۾ ويهي رهيو، اتي وينل ڪنهن مريد کي چيائين تہ سائين ڪريمن کي نياپو ڪيو تہ اسان سائين ڪريمن جو ننگر ڪنداسين. سائين ڪريمن پنهنجي خاص ٿانون ۾ ۽ پنهنجي حصي مان ننگر ان مست فقير ڏانهن ڏياري موڪليائون، مست فقير ننگر ڪري روانو ٿي ويو.

ذوالفقار علي ڀٽُو جي درگاهہ شريف تي حاضري

نقل: ڳوٺ وسريو واهڻ جو وڏيرو ڀيڙو جوڻيجو ٻڌائي ٿو تہ هڪ ڏينهن اسان حاجي غلام رسول مڪي ۽ ملان امام بخش سان گڏ سائين ڪريمن وٽ آيا سون اتي ذوالفقار علي ڀٽو بہ سائين ڪريمن وٽ آيو. سائين اسان کي ڏسي ڀٽي صاحب کي فرمايو تہ ڀٽا صاحب هنن ماڻهن کي جاگير جي زمين جوڪاتو نهرائي ڏي ڀٽي صاحب عرض ڪيوتہ قبلا سائين!دعا ڪريو وزيراعظم ٿيان تہ ڪاتا نهرائي ڏيندس. سائين ڪريمن مرڪي فرمايو تہ چڱو نيڪ آهي، ٿُون پاڪستان جووزيراعظم بہ ٿيندين پر اسان هجون يا نہ، هنن سان پنهنجو وعدو پاڙجانءِ. سائين غلام مرتضيٰ شاهہ 1968 ۾ برقعو مٽائي ويا ۽ جڏهن ڀٽو صاحب 1971 ۾ وزيراعظم ٿيو، اسان سڀ ذاتيون گڏجي لاڙڪاڻي ۾ ڀٽي صاحب سان ملياسين ۽ عرض ڪيوسين تہ ڀٽو صاحب ڳالهہ ٻڌڻ شرط تپي باهہ ٿي ويو ۽ چيائين، زمين سرڪار جي آهي چا جا اوهان جا ڪاتا ٿيندا؟ نڪرو منهنجي بنگلي مان. اهو ٻڌي حاجي غلام رسول مڪي ۽ ملان امان بخش ڪيس سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جن سان ڪيل وعدو جڏهن ياد ڏياريو تہ ڀٽو صاحب ٺڏو ٿي ويو ۽ خيرپورجي ڊپٽي ڪمشنر کي گهرائي ڪاتا ناهي ڏيڻ جي سختي سان هدايت ڪيائين بئي ڏينهن تي ڊي سي صاحب سيني ماڻهن کي جن ۾ جوڻيجا، واتڻي، راڄپر، خاصخيلي جتوئي، دريش، سومرا، ڦل، ٽيبا، فاروقي وندبيرن ۽ ڇڇڙن کي جاگير جي چار هزار ايڪڙ زمين ڪاتو ڪري ڏني.

سائين ڪريمن جو پٽي صاحب کي درگاھہ شريف تي متو ڪرائڻ

نقل: الھوڏائي لاکي ٻڌايو تہ مان سائين جي ڪچهري ۾ ويٺو ھوس. اتي ذوالفقار علي ڀٽو راڻي پور ۾ گمبٽ جي پيرن سان گڏجي سائين ڪريمن وٽ آيو سائين ڪريمن کي پيرن تي ھٿ رکي عرض ڪيائين تہ دعا ڪريو تہ پاڪستان جو وزير اعظم ٿيان. سائين فرمايس تہ پٽا صاحب، متو اگهاڙو اٿئي دعا قبول ڪونہ ٿيندئي خليفي کي فرمايائون تہ مسجد مان ٽوپي کڻي اچي پٽي صاحب کي ڏي، پٽي صاحب ٽوپي پاتي ۽ سائين ڪريمن دعا گهري فرمايس تہ پٽا صاحب! انشاءالله تون پاڪستان جو وزير اعظم ٿيندين. سائين ڪريم جن 1968 ۾ برقعو متائي ويا ۽ سندن دعا سان ڀٽو پاڪستان جو وزير اعظم بڻيو.

مولوي جو ڏاڙھي مبارڪ تي اعتراض پوءِ پيرن تي ھٿ رکي معافي وٺڻ

نقل: استاد رستم علي مھر وينل لڳ وڏا بوزدار، محمد علي سھتي کي ٻڌايو تہ پنجاب جو ھڪ عالم سڳورو سائين ڪريمن وٽ آيو ۽ سائين ڪريمن کي چيائين تہ قبلا سائين اوھان ڏارهي مبارڪ تمام ڊگهي رکي آھي. شريعت ان جي اجازت نٿي ڏئي. سائين ڪريمن مرڪي فرمايو تہ ھائو توھان سچ ٿا چئو. عالم سڳورو اھا رات درگاھہ تي رھيو ۽ رات جو خواب ۾ ڏٺائين تہ سائين ڪريم پنھنجي ڏاڙھي مبارڪ سان نبي پاڪ ﷺجي روضي اقدس ۾ ٻھاري ڏئي رھيا آھن. فجر جي نماز لاءِ سائين ڪريم جڏھن مسجد

۾ آيا تہ عالم سڳوري سندن پيرن تي هٿ رکي عرض ڪيو تہ سائين اوهان، اسان کان ڏاڍا آهيو. اسان کي معافي ڏيو.

ماڻهوءَ جي پيٽ مان جيئري پلي جو نڪرڻ

نقل: استاد حبيب الله ڪورائي مورو شهر واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ دادن ڪانڌڙي جي دوست کي سائين ڪريمن حڪم ڏنو تہ تون ٿويا وٺ، ڪجهہ ڏينهن هن ٿويا گڏ ڪيا پر پوءِ ٿويا وڪڻي ڇڏيائين ۽ انهن مان جيڪي ڪجهہ پئسا مليس انهن مان هڪ پلو گهر لاءِ بہ ونئي ويو رات جو پلو ڪائي زال سان بہ مليو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ زال سان گڏجي سائين ڪريمن وٽ آيو تہ سائين ڪريمن فرمايس ابا چڱو ٿيو جو ٿويا وڪڻي پلو ورتئي ۽ پلو ڪائي زال سان حَقَ شرعي بہ ڪيئي، پر هن سائين ڪريمن جي آڏو نہ مڃيو ۽ انڪار ڪرڻ لڳو تہ ائين ناهي. سائين ڪريمن کي چيائين تہ مون ائين نہ ڪيو آهي، سائين ڪريمن هن کي ٻيهر بہ فرمايو تہ بہ هن انڪار ڪيو، سائين ڪريمن هن کي ٽيون دفعو بہ فرمايو تہ بہ انڪار ڪيائين ۽ پوءِ فرمايائونس تہ تو کي شاهد ٿا ڏيون، سائين ڪريمن جو ايترو چوڻ تہ همراهہ جو پيٽ ڦاٽي پيوءِ همراهہ جي پيٽ مان جيئرو پلو نڪري آيو، پوءِ اتي ئي اهو همراهہ مري ويو.

ڇوڪريءَ طرفان شاديءَ کان انڪار تي سزا

نقل: فقير ميان محمد ابراهيم لوڙهي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هڪڙي ڇوڪريءَ کي سائين ڪريمن جي خدمت ۾

وٺي آيا تہ سائين اوهان هن کي هدايت ڪريو ته شادي ڪري، سائين ڪريمن ان ڇوڪريءَ کي فرمايو تہ ٻڇا تون شادي ڇو نہ ٿي ڪرين؟ ڇوڪريءَ وراڻيو تہ قبلا سائين مون برادريءَ جي سيني چڱن مَنن کي شاديءَ کان جواب ڏئي ڇڏيو آهي هاڻي مان شادي ڪو نہ ڪندس، سائين ڪريمن هن کي ٻہ دفعا ڪن فرمايو پر ڇوڪريءَ ساڳو جواب ڏنو ان تي سائين ڪريمن فرمايس تہ ڇوڪري، تنهجو ماس ٻلا ڪا. ئيندا، ٻئي ڏينهن تي سندس پيءُ گهر ۾ چيو تہ تون اسان جي مرشد کي انڪار ڪيو آهي تنهنجو علاج موت آهي ۽ پوءِ ڪهاڙيءَ سان منڍي لاهي ڦٽي ڪيائينس تہ اوچتو ٻلا ظاهر ٿيا جيڪي هن جو ماس ڪائڻ لڳا. جيستائن هن جو لاش دفن نہ ٿيو هن جي لاش کي ٻلا پٽيندا رهيا.

ٻلا نہ ڪاڏس ڇا؟

نقل: فقير ميان محمد ابراهيم لوڙهي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ سائين ڪريمن کي ڪوٺڙيءَ جي پاسي جا ڪجهہ مريد دعوت ڏئي وٺي ويا تہ اسان جي ڇوڪري شاديءَ لاءِ راضپو نہ ٿي ڏيکاري، اوهين ان جو هلي نڪاح پڙهايو، سائين ڪريم جن جڏهن اوڏانهن ويا تہ ڇوڪريءَ شادي ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري بيهي رهي، جڏهن مالڪن گهڻو زور پريس تہ لوڙهو ٽپي ڀڄي وئي، سائين ڪريمن کي ڊوڙي اچي ٻڌايائون تہ قبلا سائين ڇوڪري ڀڄي وئي، پاڻ فرمايائون تہ ٻلا نہ ڪاڏس ڇا؟ سائين ڪريمن جو ائين فرمائڻ ۽ ان وقت ڇوڪريءَ کي نانگ ڪاڏو ۽ ڪري پئي، سائين ڪريمن جي خدمت ۾ ڪٽي آيس. پاڻ فرمايائون تہ ڪٽي وجوس هينئر ڪجهہ نہ ٿيندو.

مرشد سان ڪوڙ ڳالهائڻ جي سزا

نقل :محمد بچل پيرزادي ڳوٺ صدرجي پٽيون تعلقہ ڪنگري واري محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ هن ڪي سندس مامي روشن علي پيرزادي ٻڌايو تہ سائين ڪريمن جي مينهن، آڌياري طورڪنهن مريد وٽ بيٺل هئي، ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ ان مينهن ڪي پاڏو ڄائو، مريد جي دل ۾ بي ايماني پيدا ٿي تہ سائين ڪريمن سان ڪوڙ هڻندس تہ پاڏو ڄائو هيو پر مري ويو. مهيني ڏيڍ ڪان پوءِ جڏهن هو درگاهہ شريف تي آيو تہ سائين ڪريمن هن ڪان مينهن جو احوال ورتو هن سائين ڪريمن سان ڪوڙ ڳالهايو تہ قبلا سائين پاڏو ڄائو هيو پر مري ويو. هي مريد اجان سائين ڪريمن وٽ وينو ئي هيو تہ ان پاڏي رسو ڇنائي، هن جي گهر ۾جيڪي بہ عورتون هيون انهن جي مٿان چڙهڻ لڳو، سڄي گهر کي اچي تنگ ڪيائين، گهرَ جي ڪُنُن تي بہ چڙهيو پئي آيو، مطلب تہ عورتن کي ڏاڍو بيزار ڪيائين شام جو جڏهن همراهہ گهر آيو تہ گهر وارن هن کي سڄي ماجرا ڪري ٻڌائي تہ پاڏي عورتن سان کهڙو حشر ڪيو آهي. هي سمجهي ويو تہ اها مون کي سائين ڪريمن سان ڪوڙ ڳالهائڻ جي سزا آهي. سڄي رات پاڏي بہ گهٽ نہ ڪئي همراهہ سج ابرڻ ڪان پهرين پاڏي کي ڪاهي سڌو سائين ڪريمن وٽ پهتو، سائين ڪريمن جي پيرن تي ڪري معافي ورتائين.

سائين ڪريمن جي مهربانيءَ سان باهه جو رخ مٽائڻ

نقل :حافظ محمد افضل تنيي وينل ڳوٺ تنيا لڳ باقراڻي ضلع لاڙڪاڻي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته سائين ڪريمن جي مريد ٿيڻ کان اٺ يا ڏهه سال بعد اسان جي گهرن کي اوچتو باهه لڳي پئي، اسان جي ناني پَير مٽان پَير چاڙهي اتر ڏانهن منهن ڪري مرشد ڪريمن کي سڏيو، ته باهه جو رخ هڪدم تبديل ٿي ويو ۽ اسان جا گهر سڙڻ کان بچي ويا. مون بابا سائين کان پڇيو ته باهه ڪيئن ختم ٿي وئي؟ نانا چيو ته سائين غلام مرتضيٰ شاهه جن آيا هئا، انهن جي مهرباني سان باهه ختم ٿي وئي.

سائين ڪريم جي مهربانيءَ سان پوليس کي ڪجهه نه مليو

نقل: حافظ محمد افضل تنيي وينل ڳوٺ تنيا لڳ باقراڻي ضلع لاڙڪاڻي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته ڳوٺ جي وڏيرن اسان جي پاڙي مان چوري ڪرائي ۽ چوريءَ وارو سامان اسان جي گهرن ۾ ڦٽي ڪرايائون. پوليس کي ٻڌايو ويو ته چوري اسان جي گهرن ۾ پئي آهي، اسُر ويل جو پوليس اسان جي گهرن تي ڪڙو چاڙهيو، هڪ هڪ ڪمري جي تلاشي ورتي وئي، پر پوليس کي ڪجهه به نه ملي سگهيو. نانا جن ٻڌايو ته سائين ڪريمن مهرباني ڪئي ۽ اسان جي لڄ رکيائون، بعد ۾ اهو سامان واپس ڪري ڇڏيوسون.

وڏيرا، اڄ پٽڪو نه ٻڌو اٿئي؟

نقل: حافظ محمد افضل تنيي ويٺل ڳوٺ تنيا لڳ باقراڻي ضلع لاڙڪاڻي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته 1958 واري مارشل لا ۾ چانورن جي واپار جي منع هئي بيگ محمد تنيو جيڪو سندس نانو هيو، هن جا چانور پڪڙجي پيا ۽ ضبط ڪيا ويا، هن کي دل جو دورو پيو، ايترو ته ڪمزور ٿي ويو جو جسم جا وار به ڇڻڻ لڳس، رات جو ٻيڙيءَ تي چڙهي درياءُ پار ڪري گمبٽ شريف آيو، درگاهه شريف پهتو ته ان وقت سائين ڪريم جن حويليءَ ڏانهن وڃي رهيا هيا، هن کي ڏسي سائين ڪريمن فرمايو ته وڏيرا اڄ پٽڪو نه ٻڌو اٿئي؟ نانا عرض ڪيو ته قبلا سائين، نه وڏيرڪي رهي آهي، نه وڏيرو رهيو آهيان، پوءِ سڄو قصو ڪري سائين ڪريمن کي ٻڌايائين ته قبلا سائين حال مسڪيني تي ويا آهن، قرض ايترو ٿي ويو آهي جو سڄي زمين وڪڻندس تڏهن به قرض ڪين لهي سگهندو. سائين ڪريمن مون کي آٿت ڏنو ۽ فرمايائون ته فقير سڀ ٺيڪ ٿي ويندو اوهان گهٻرايو نه. صبح جو نيرن تي مکڻ سان ننگر ڪارايائون، دعائون به ڏنائون ۽ فرمايائون، قرضي اچن ته انهن کي چئو، حاضر اوهان کي قرض ملي ويندو، گهر موٽي آيم، طاقت اهڙو زور پريو جو ان رات ٻنهي زالن سان مليس۽ پوءِ سڄي حياتي مون کي ڪمزوري محسوس نه ٿي. صبح جو اوطاق تي ويٺو هيس ته فوجي آيا، مون کان پڇيائون ته بيگ محمد ٻگهيو اوهان آهيو، مون چيو ته نه، مان ته بيگ محمد تنيو آهيان، هو هليا ويا ۽ وري نه آيا. قرضي جيڪو اچي پيو ته ان کي ورندي اها ئي سائين ڪريمن واري پيو ڏيان. ته حاضر بابا ڪجهه ڏينهن ترسو. هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ اوطاق تي هڪ واڻيو آيو ۽ چيائين ته توهان مون سان ڪاروبار ڪريو، مون هن چيو ته پائي، مون وٽ ته ڪجهه به ڪونهي، هن چيو

تہ توهان هلي رکو ويهو، اوهان جو حصو اوهان کي ملندو، سال ڪان پوءِ جڏهن حساب ڪيائين تہ منهنجو قرض بہ لهي ويو ۽ اجان ڪجهہ پئسا بچي بہ پيا.

تون ڳوٺ وڃ، تنهنجي شادي ٿي ويندي

نقل: حافظ محمد افضل تنيوويڻل ڳوٺ تنيا لڳ باقراڻي ضلع لاڙڪاڻي واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هن جو رضائي مامو جنهن کي ڳوٺ ۾ سڀ مامو حاجن چوندا هيا، ڏسڻ وائسڻ جو صفا ڪوجهڙو هيو، شادي شده بہ هيو ۽ اولاد بہ هيس، اهو منهنجي مامي وٽ آيو تہ ڏيءَ جو سڱ ڏي، منهنجي مامي هن کي بي عزتو ڪري ڪڍي ڇڏيو، هي اتان سڌو سائين ڪريمن وٽ آيو تہ قبلا سائين، منهنجي شادي ڪرايو، سائين ڪريمن فرمايس تہ فقير، تون ڳوٺ وڃ، تنهنجي شادي ٿي ويندي،، هي جڏهن ڳوٺ واپس آيو تہ منهنجو مامو ان وقت باغ ۾ وينو هيو هن کي ايندو ڏسي هن کي سڏيائين ۽ چيائينس تہ ميان، سڱ گهري وري الائي ڪيڏانهن گم ٿي وئين، شام جو اچ تہ توکي منائي ورهائي سڱ ڏيون، سائين ڪريمن جي دعا سان نہ صرف ان کي سڱ ڏنائين پر ان کي زمين بہ لکي ڏنائين.

پريان فقير وينو آهي، ان کي ڏيو تہ پَڪُڙَ ناهي

نقل: حافظ عبدالطيف جوٽيجو ويڻل ڳوٺ مرزا جوٽيجو، تعلقہ ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻو واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ خاصخيلي ذات جو هڪ همراهہ پَڪُڙَ (مال کي ٻڌڻ لاءِ نَنڍڙو رسو)

تمام بهترين ٿاهيندو هيو، هڪ دفعي هو سائين ڪريمن جي زيارت واسطي درگاهہ گمبٽ شريف آيو، سائين ڪريمن جي قدم بوسي ڪري، ٿورڙو پَرڀرو وڃي ويهي رهيو ڪجهہ وقت ڪان پوءِ حويليءَ تان ٻانِهي ڪُتيل واڻ ڪٽي سائين ڪريمن جي آڏو اچي بيني ۽ عرض ڪيائين تہ قبلا سائين، مال جي لاءِ پَڪُڙَ ڪو نہ آهن اهي ڪنهن مريد ڪان نهرائي ڏيو. سائين ڪريمن دعائون پئي لکيون، اتان ئي هٿ سان اشارو ڪري فرمايائون تہ پريان فقير وينو آهي ان کي ڏيو تہ پکڙ ٺاهي ڏيندو، ٻانهيءَ هيڏانهن هوڏانهن نهاريو پر هن کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي، هن سائين ڪريمن کي ٻيهر عرض ڪيو تہ قبلا سائين ڪنهن کي ڏيان؟ هت تہ ڪوڙ سارا ماڻهو وينا آهن، پاڻ فرمايائون تہ پٽڪي وارو خاصخيلي فقير وينو اٿئي ان کي وڃي ڏي. خاصخيلي فقير حيران ٿي ويو تہ، نہ مون پنهنجو نالو سائين ڪريمن کي ٻڌايو، نہ سائين ڪريمن کي اها خبر تہ مان ڪو پکڙ بہ ٺاهيندو آهيان، ڏاڍو حيران ٿيو پوءِ سائين ڪريمن جومريد ٿيو.

مريد جو گهر ڪان نڪرڻ ۽ سائين ڪريمن جوءِ ان لاءِ پسند جو ننگر تيار ڪرائڻ

نقل: حافظ عبدالطيف جوڻيجو وينل ڳوٺ مرزا جوڻيجو، تعلقہ ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻو واري، محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ ڪيس حافظ علي گل سومرو وينل نوشهرو فيروز ٻڌايو تہ هن کي ڪرياني جودڪان هوندو هيو جتي هڪ ڪراڙو اچي ويهندوهيو جنهن جي ذات ۾ سندس نالو هن ڪان وسري ويو هيو، ان ڪيس ٻڌايو تہ هو سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جيلاني جن جو مريد هيو،

ڪجھ ورد وظائف بہ پڙھندو هيو، هڪ ڏينهن صبح جي نماز پڙهي سائين ڪريمن جي زيارت واسطي اتان نڪتو ۽ دل ۾ اهو پڪو پهہ ڪيائين تہ گهر مان ۽ واٽ تان ڪجهہ ناهي ڪائڻو، سائين ڪريمن جي دربار تي هي پنج طعام ڪائڻا آهن، هي نوشهرو مان لاڙڪاڻو پوءِ شڪارپور، اتان سکر، اتان وري راڻي پور آيو، جڏهن گمبٽ شريف پهتو تہ ذري گهٽ ٽيپهريءَ جو ٽائيم پئي ٿيو، همراهہ کي بک بہ ڏاڍي لڳي هئي، وضو ڪري درگاهہ شريف تي آيو، خبر پيس تہ سائين ڪريم جن حويلي تي آهن، هن سوچيو تيستائين نماز پڙهي وٺان، اجان نماز پوري مس ڪيائين تہ هڪ خليفو ماني کڻي آيو ۽ وڏي آواز سان پڇا ڪيائين تہ اوهان مان پارَ ڏانهن ڪير آيو آهي؟ جنهن کي بک بہ گهڻي لڳي آهي، محفل مان ڪنهن بہ ڪين ڪڇيو، هن بہ کڻي ماٺ ڪئي، خليفو بہ ٽي دفعا پڇي واپس روانو ٿي ويو، ٿورڙي جهٽ ڪان پوءِ وري واپس آيو ۽ قسم وجهي چيائين تہ بابا، سائين ڪريم جن ناراض پيا ٿين، خدارا، اوهان مان جيڪو بہ فقير پارَ ڪان آيل آهي اهو پنهنجو ننگر وٺي، هن خيلفي کي چيو تہ ننگر هتي رک، خليفي جڏهن ننگر هن جي سامهون رکيو تہ ننگر ۾ اهي پنج طعام جيڪي هن دل ۾ طلبيا هيا اهي تہ موجود ها، پر بہ طعام وڌيڪ بہ هيا، ننگر ڏسي هن روئڻ شروع ڪيو تہ افسوس هن هي ڇا ڪيو، جو پنهنجي ڪامل مرشد کي ننگر ۾ آزمايو، روئي ئي رهيو هيو تہ سائين ڪريم جن اچي هن جي مٿا ن بينا ۽ فرمايائون تہ فقير اوهان گهر ڪان اجان نڪتا ئي نہ هئا جو اسان اوهان لاءِ ننگر تيار ڪرائڻ شروع ڪري ڇڏيو هيو.

فقير، هي پئسا اسان کي واپس نہ ڪجو

نقل: حافظ عبداللطيف جوڻيجو ويـنـل ڳوٺ مـرزا جوڻيجـو، تعلقہ ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻو واري، محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ ڪريم بخش جوڻيجو وينل ڳوٺ درازا، لـڳ راڻـي پـور واري سرڪاري زمين ڪٽت تي ڪنئي، ايوب جو دور هيو، فاروقي هن سان نہ پئي نهيا، هن جي سيني گهر ڀاتين کي فوج ڪٽي وئي، هي روئيندو پٽيندو. سائين ڪريمن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، سائين ڪريمن هن ڪان پڇيو تہ تنهنجي گهر ڀاتين کي آزاد ڪرائڻ لاءِ گهڻا پئسا لڳندا؟ هن وراڻيو تہ قبلا سائين، ڪا خبر ناهي، سائين ڪريم هن کي پاڻ سان ساڻ ڪري حويلي جي دروازي تي وٺي آيا ۽ پاڻ اندر ويا، ڪجهہ دير ڪان پوءِ سائين ڪريم جن واپس آيا تہ سندن جهول مبارڪ پئسن سان ڀريل هئي، اها جهول پئسن جي ڪريم بخش کي ڏئي فرمايائون تہ فقير، هي پئسا اسان کي واپس نہ ڪجو، ڪريم بخش فقير ٻڌايو تہ هن انهن پئسن مان پنهنجا گهر ڀاتي ڇڏرايا، جڏهن اها خبر سائين محمد شاهہ بادشاهہ جن کي پئي تہ هن کي گهرائي چيائون تہ پئسا واپس ڪر، هن اچي اها دانهن سائين ڪريمن کي ڏني، سائين ڪريمن سائين محمد شاهہ بادشاهہ جن کي گهرائي فرمايو تہ بابا، اهي پئسا اسان هن کي پنهنجي حصي مان ڏنا آهن نہ ڪي درگاهہ واري خزاني مان ان ڪري اوهان هن فقير ڪان پئسا نہ گهرو.

فقير مير محمد لوڙهائي جن کي حضور پاڪ ﷺ جي مجلس ۾ موڪلڻ

نقل: حافظ عبدالطيف جوڻيجو ويـنل ڳوٺ مرزا جوڻيجو، تعلقہ ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻو واري، محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ ميان مير محمد لوڙهائي فقير جن جي پائٽيي سائين شهاب الدين کيس ٻڌايو تہ حضرت دلمراد فقير لوڙهائيءَ جن هڪ دفعي سائين مير محمد کي گمبٽ شريف سائين ڪريم غلام مرتضيٰ شاهہ ڏانهن ڪنهن روحاني مسئلي ۾ رهنمائي متعلق موڪليو، مير محمد لوڙهائي فقير جنهن وقت گمبٽ پهتا تہ سائين ڪريمن پنهنجي ڪنهن خليفي کي حڪم ڪيو تہ فقير مير محمد جن اچڻ پيا انهن جو گهوڙو وٺي ڪُڙهہ ۾ ٻڌي اچو، ۽ کين هيڏانهن وٺي اچو. اهو سانجهيءَ جو وقت هيو سائين ڪريمن نماز پڙهائڻ ۽ ذڪر ڪرائڻ ڪان بعد فقير مير محمد لوڙهائي جن کي فرمايو تہ اوهان آرام سان ويهو، مان حويليءَ تان ٿي اچان پيو، اوهان جو ننگر بہ موڪلجي ٿو، اوهان ننگر ڪري وٺو تہ پوءِ سومهڻيءَ جي نماز گڏجي پڙهون ٿا. فقير مير محمد جن مسجد ۾ ئي وينا رهيا، ويهي ويهي فقير کي رات جا ٻارنهن ٿي ويا، فقير مير محمد جن جو اهو معمول هوندو هيو تہ هر رات سومهڻيءَ جي نمازڪان پوءِ هڪ سئو نفل پڙهي پوءِ سمهندا هيا. فقير صاحب دل ۾ سوچيو شايد سائين ڪريمن ڪان دل تان ڳالهہ وسري وئي آهي، جو هن وقت تائين پاڻ ٻاهر نہ آيا آهن ۽ نہ ئي ننگر موڪليو اٿائون. اهو سوچي فقير مير محمد جن سمهي پيا، اجان سندن اک ئي مس لڳي تہ چا ڏسن پاڻ حضور پاڪ ﷺ جن جي مجلس ۾ حاضر آهن، سائين ڪريم غلام مرتضيٰ شاهہ جن بہ حضور پاڪ ﷺ جن جي مجلس موجود آهن، سائين ڪريمن هٿ ادب جا ٻڌي حضور پاڪ

ﷺ جن کي عرض ڪيو تہ قبلا سائين، فقير دلمراد لوڙهي وارن جن جو هي مسئلو آهي ان لاءِ ڪا ڪرم نوازي ٿئي، پاڻ ڪريم ﷺ جن مرڪي فرمايو تہ جيئن اوهان چئو پيا ائين ئي ٿيندو. ايتري ۾ سائين مير محمد فقير جي اک کلي وئي، ڇا ڏسن تہ سائين ڪريم جن سندن مٿان بيٺا آهن، ڪين هٿ ۾ ننگر بہ آهي، سائين ڪريمن، مير محمد فقير کي فرمايو تہ فقير صاحب، اٿو ننگر ڪريو تہ پوءِ نماز پڙهون باقي اوهان وارو مسئلو تہ حل ٿي ويو.

اوهان کي روزانو پنج روپيا وهاڻي هيٺان ملندا رهندا

نقل: استاد عبدالحميد ميمڻ وينل مورو شهر واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ محمد هاشم رازو موري واري سائين ڪريمن کي روئي عرض ڪيو تہ قبلا سائين روزي تنگ آهي، مستراڻپ ڪرڻ مان ٻچن جو پيٽ ڪو نہ ٿو پلجي سگهي ڪو اهڙو وظيفو عنايت ڪريو جو گهر ويٺي روزي ملندي رهي، سائين ڪريمن هن کي وظيفو ٻڌائي فرمايو تہ هي تون روزانو رات جو پڙهندو ڪر، صبح جو توکي پنج روپيا وهاڻي هيٺان ملندا رهندا، محمد هاشم وظيفو شروع ڪيو تہ هن کي روزانو پنج روپيا ملندا رهندا هيا، ڪجهہ ڏينهن کان گذريا تہ هن جي گهرواريءَ سوچيو تہ هن جومڙس ڪم تي بہ نہ پيو وڃي پر پئسا بہ هن وٽان نہ پيا ختم ٿين، آخر ڳالهہ ڇا آهي؟ هن مڙس کان ان جو راز پڇيو، پهرين تہ همراهہ ٽنائي ويو پر پوءِ اهو راز هن تي ظاهر ڪري وڌائين، ان صبح تي هن کي وهاڻي هيٺان پئسا ڪو نہ مليا ۽ پوءِ ٻئي صبح تي بہ ائين ئي ٿيو، هي سمجهي ويو تہ مون کي راز ظاهر ڪرڻو نہ هيو. سائين ڪريمن وٽ گمبٽ ۾ حاضر ٿيو سائين ڪريمن

پڇيس تہ فقير، ڏي خبر ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟ هن عرض ڪيو تہ قبلا سائين، جنهن ڏينهن تي زال کي اها ڳالهہ ٻڌائي، ان ڪان پوءِ پنج روپيا ملڻ بند ٿي ويا آهن. اهو ٻڌي سائين ڪريمن فرمايس تہ تون زال سان ڳالهہ ڇوڪئي؟ هاڻي تو کي پنج روپيا نہ ملندا. ان تي هن هٿ ٻڌي عرض ڪيو قبلا سائين، ان جو مطلب تہ اوهان واري وظيفي کي مون واري زال ماري وئي نہ. سائين ڪريم جن اهو ٻڌي مُرڪيا ۽ محمد هاشم کي فرمايائون تہ هاڻي زال کي بہ ٻڌاءِ پر پلي سڄي شهر کي بہ ٻڌاءِ، تون جيستائين جيئرو هوندين تو کي هاڻي ڏهہ روپيا ملندا رهندا. محمد هاشم جيستائين جيئرو هيو ان کي روزانو ڏهہ روپيا ملندا رهيا.

اسان جا محبوب ﷺ تہ مديني وارا آهن

نقل: عبدالحميد ميمڻ وينل مورو شهر واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ ڪيس مولوي نالي متي موري شهر واري ڪيترائي پيرا اها ڳالهہ ٻڌائي تہ هڪ پيرسن عورت سائين ڪريمن جي حويلي وٽان گذري تہ ان وقت سائين ڪريم جن اڪيلا مسجد ڏانهن وڃي رهيا هيا. اها پيرسن عورت ڪنهن ٻاهرين شهر جي هئي ۽ سائين ڪريمن کي نہ پئي سڃاڻائين، سائين ڪريمن کي سڏ ڪري پڇيائين تہ ابا، محبوب جو گهر ڪهڙو آهي؟ سائين ڪريمن مائيءَ کي اولهہ ڏانهن اشارو ڪري فرمايو تہ مائي اسان جي محبوب جو گهر تہ هي آهي. مائي صاحبہ جو نهاريو تہ مدينہ عاليہ ۽ گنبذ خضرا جي ڪيس زيارت نصيب ٿي وئي، مائي اهو ڏسي سائين ڪريمن جي پيرن تي ڪري پئي ۽ عرض ڪيائين تہ قبلا سائين، مون ان محبوب ﷺ جو تہ اوهان کان نہ پڇيو. سائين

ڪريمن مرڪي فرمايو تہ مائي، اسان جا محبوب ﷺ تہ مديني وارا آهن، باقي تنهنجي محبوب جي اسان کي خبر ناهي.

اوهان کي هاڻي ڏيءَ ڄمنديءِ بي فڪر رهو

نقل: حافظ مختيار احمد کهڙو وينل لاڙڪاڻو شهر، محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ، محمد عارف نالي هڪ تپيدار جادو واهڻ وارو لڳ اڳڙا، تعلقہ گمبٽ سائين ڪريمن جو مريد هيو، سهڻو سيبتو جوان هيو پر هن کي جيڪا زال ملي اها رنڙ ۽ ٻن پٽن سان هئي ۽ وري رنگ جي بہ صفا ڪوجهي هئي، هن کي ان زال مان بہ ٻہ پٽ ڄاوا، هن جي زال هن کي چيو تہ ڪيس گمبٽ سائين ڪريمن ڏانهن وٺي هل جيئن سائين ڪريمن کان دعا گهرائجي تہ ڌيءَ ڄمي. هي هميشہ اهو سوچي ڳالهہ ٽاري ويندو هيو تہ سائين ڪريم جن چا چوندا، پاڻ کهڙو سهڻو جوان آهي ۽ زال ڪهڙي اٿس؟ آخر جڏهن زال تنگ ڪيس تہ پنهنجي اڳ ڄائي پٽ سان زال کي ٽانگي تي درگاهہ گمبٽ شريف روانو ڪيائين. مائي صاحبہ جيئن ئي درگاهہ شريف تي لهي اجان سائين ڪريمن ڏانهن وڌڻ لڳي تہ پاڻ فرمايائون تہ تپيدار محمد عارف جي گهر واري، اوهان کي هاڻي ڌيءَ ڄمندي اوهان بي فڪر رهو ۽ تپيدار کي اسان جا سلام چئجو.

اوهان تي ڏينهن کبڙ پيئو

نقل: سيد حضور شاهہ وينل ڳوٺ سعد پور لڳ صدرجي پٽيون، تعلقہ ڪنگري ضلع خيرپور واري مرشد قبلا سائين حفيظ الله شاهہ بادشاهہ کي ٻڌايو ۽ انهن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ

حضور شاهه ڪي اولاد نه پئي ٿي، بيبي صاحبه ڪي ساڻ ڪري سائين ڪريمن وٽ آيو ته سائين ڪريمن فرمايو ته اوهين ٿي ڏينهن ڪبڙ پيئو. الله پلائي ڪندو. ڪبڙ پيئڻ ڪان پوءِ ان ئي سال ڪين پٽ ڄائو ۽ ٻئي سال نياڻي به ڄائي.

جڏهن درگاهه تي پهچون ته اسان ڪان ڪڙٻ ٻيا لهرائن

نقل: سيد حضور شاهه وينل ڳوٺ سعد پور لڳ صدرجي پٽيون، تعلقه ڪنگري ضلع خيرپور واري حضرت مرشد قبلا سائين حفيظ الله شاهه بادشاهه دامت برڪاتهم العاليه ڪي ٻڌايو ۽ انهن محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو ته ڪجهه مريدن ڪي سائين ڪريمن ڪڙٻ جي گاهه ڪرڻ لاءِ موڪليو، اهي ڪڙٻ مٽي تي ڪنيون واپس پئي آيا ۽ چوندا پئي آيا جڏهن اسين درگاهه تي پهچون ته اسان ڪان ڪڙٻ به ٻيا ڪي لهرائن ۽ طاهري(ڳُڙ ۾ پڪل چانور) به سائين ڪريم جن اسان ڪي کارائن. جڏهن اهي درگاهه تي پهتا ته انهن ڪان ڪڙٻ به ٻين لهرائي ۽ ننگر ۾ به انهن ڪي طاهري ملي.

گم ٿيل مينهن جو سائين ڪريمن جي دعا سان جهنگ مان ملڻ

نقل: سيد حضور شاهه وينل ڳوٺ سعد پور لڳ صدرجي پٽيون، تعلقه ڪنگري ضلع خيرپور واري مرشد قبلا سائين حفيظ الله شاهه بادشاهه ڪي ٻڌايو ۽ انهن محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو ته

علي حسن ملاح جي مينهن ڦرَ سميت جهنگ ۾ گم ٿي وئي، همراهن ڳولهي ڳولهي وس ڪيا پر مينهن جو ڪو پتو نه پيو، سائين ڪريمن ڏانهن آيا. سائين ڪريمن دعا گهري فرمايو ته مينهن جهنگ ۾ آهي وڃو. همراهه موٽي اچي جيئن ئي جهنگ ۾ لٿا ته ٿوري دير ۾ مينهن ڦرَ سميت ملي وئي.

اوهان پهرين ڪلاس ۾ پاس ٿيندئو

نقل: استاد رجب الدين سومري وينل کهڙا شهر، تعلقه گمبٽ محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته هن جڏهن مئٽرڪ جو امتحان ڏنو ته فقير قادن ملاح سان گڏجي سائين ڪريمن جي پٺيان نماز پڙهيائون فقير قادن، سائين ڪريمن کي دعا لاءِ عرض ڪيو، سائين ڪريمن فرمايورجب الدين، تون پهرين ڪلاس ۾ پاس ٿيندين، قادن ٻئي ڪلاس ۾ پاس ٿيندو، جڏهن رزلٽ آيو ته ائين ئي ٿيو جيئن سائين ڪريمن فرمايو هيو.

شاهه محمد توکي ريل ڪٿي ڪٽي وئي ؟

نقل: حافظ خان محمد بروهي وينل ڪوئٽه کان 70 ڪلوميٽر پري ڳوٺ مونگچر واري حضرت مرشد قبلا سائين حفيظ الله شاهه بادشاهه کي ٻڌايو ۽ انهن محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته شاهه محمد بروهيءَ کي سائين ڪريمن ڪنڊياري ۽ نوشهري واري پاسي ڏانهن مريدن ڏانهن ڪنهن ڪم لاءِ موڪليو، واپسي ۾ هو تيزرو ۾ وينو، تيزرو جو اسٽاپ ئي گمبٽ ۾ نه هيو هن کي تيزرو ريل

خيرپور ۾ وجي لاٿو، هي اتان ڦري گمبٽ درگاهہ شريف تي جيئن ئي پهتو تہ سائين ڪريمن ڪلي فرمايو تہ شاهہ محمد تو ڪي ريل ڪتي ڪٽي وئي. شاهہ محمد عرض ڪيو تہ قبلا سائين، بس خير پور تائين.

وڃو بابا ننگر لاءِ ڏاڙهون وٺي اچو

نقل: حافظ خان محمد بروهي وينل ڪوئٽہ ڪان 70 ڪلوميٽر پري ڳوٺ مونگچر واري حضرت مرشد قبلا سائين حفيظ الله شاهہ بادشاهہ جن ڪي ٻڌايو ۽ انهن محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ سائين هدايت الله شاهہ بادشاهہ جن ننڍڙا هيا تہ سائين ڪريمن وٽ آيا ۽ سائين ڪريمن ڪي چيائون تہ ڏاڏا اسان ڪي ڏاڙهون گهرائي ڏيو. سائين ڪريمن ڪنهن خليفي ڪي حڪم ڪيو تہ شهر مان ڏاڙهون وٺي اچو، خليفو شهر مان پڇا ڪري واپس آيو ۽ عرض ڪيائين تہ قبلا سائين، شهر مان ڏاڙهون ڪو نہ ٿا ملن، سائين هدايت الله شاهہ جن وري بہ سائين ڪريمن ڪي عرض ڪيو تہ ڏاڏا مون ڪي ڏاڙهون ڪپي، سائين ڪريمن خليفي ڪي فرمايو تہ وڃو بابا نينگر لاءِ ڏاڙهون وٺي اچو. خليفو ٻيهر شهر ڏانهن ويو، پر وري بہ خالي هٿين موٽي آيو ۽ سائين ڪريمن ڪي عرض ڪيائين تہ قبلا سائين، ڏاڙهون پوري شهر ۾ ڪونہ پيا ملن پر شايد خير پور ۾ بہ نہ ملن. سائين ڪريمن. سائين هدايت الله شاهہ جن ڪي فرمايو تہ اوهين اڄ گهر وڃو، سڀاڻي تائين اوهان جا ڏاڙهون پهچي ويندا. ان ڏينهن تي ئي بلوچستان ۾ جوهان جو علائقو آهي جتي ڏاڙهون جام ٿيندا آهن، اتان سائين ڪريمن جو هڪ مريد، فيض محمد درگاهہ گمبٽ شريف ڏانهن سائين ڪريمن جي زيارت لاءِ نڪتو ۽

پاڻ سان ڏاڙهون بہ جام ڪنيائين، ٻئي ڏينهن تي سائين ڪريمن جي دربار ۾ حاضر ٿيو ۽ ڏاڙهون خدمت ۾ رکيائين تہ سائين ڪريمن. ان وقت خليفي چيو تہ وجو ۽ هدايت الله شاهہ ڪي سڏي اچو، سائين هدايت الله شاهہ جن آيا ۽ ڏاڙهون ڪنيائون.

جلندر جي بيماريءَ واري ڪي خواب جي ذريعي شفا عطا ڪرڻ

نقل: حافظ خان محمد بروهي وينل ڪوئٽہ ڪان 70 ڪلوميٽر پري ڳوٺ مونگچر واري مرشد قبلا سائين حفيظ الله شاهہ بادشاهہ ڪي ٻڌايو ۽ انهن محمد علي سهتي ڪي ٻڌايو تہ سندس پاءُ شاهہ محمد بروهي سائين غلام مرتضيٰ شاهہ بادشاهہ جن جي برقعي متائڻ ڪان پوءِ سائين محمد شاهہ بادشاهہجن جي بنگلي تي ڊيوٽي ڏيندو هيو، هڪ ڏينهن ڪجهہ ماڻهو هڪ همراهہ ڪي ڪٽ تي ڪٽي آيا، همراهہ ڪي جَلندرُ هيو سندس پيٽ ۾ پاڻي پريل هيو، همراهہ جي حالت انتهائي خراب هئي، جيڪي همراهہ ڪيس ڪٽي آيا هيا اهي هن جا پائر هيا، پر اهي بہ ٻئي ڏينهن تي ڪيس ڇڏي هليا ويا، همراهہ ڪٽ تي پيو هوندو هيو، هڪ رات هن روئي سائين ڪريمن ڪي سڏيو، ان رات ئي هن ڪي خواب ۾ سائين ڪريم جن آيا ۽خواب ۾ سائين ڪريمن هن ڪي پاڪر پاتو، جڏهن هن ڪي جاڳ ٿي تہ ان وقت صبح جي نماز جو وقت ٿيڻ وارو هيو، هن ڪي پيٽ مان اچي پاڻي لٿو، تمام گهڻو پاڻي هن جي پيٽ مان وهي هليو، ان ئي ڏينهن همراهہ گهمڻ ڦرڻ بہ لڳو، ۽ پوءِ نيڪ بہ ٿي ويو، سال ٻن ڪان پوءِ هن جا پائر هن ڏانهن آيا تہ اسان سان واپس هل، پر هن انهن سان هلڻ ڪان انڪار ڪندي چيو اوهين تہ مون ڪي مُئو

سمجهي ڦٽي ڪري ويا هيا، جي اوهين منهنجا پائر هجو ها مون کي ائين نہ ڇڏي وڃو ها، پوءِ جيستائين همراهہ جيئرو هيو، تيستائين درگاهہ شريف جي خدمت ڪندو رهيو.

اٺون ڏينهن اٿس، مرشد جي ڳولها ۾ آهي

نقل: سيد جمال شاهہ وينل ڳوٺ نبي بخش هيسباڻي لڳ سائدي، تعلقو سوڀوديرو ضلع خير پور محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ 1955 ۾ هو ڪامل مرشد جي ڳولها ۾گهران نڪتو هڪ هفتي تائين مختلف درگاهن تي گهمندو رهيو پر ڪٿي بہ دل جي تسلي نہ پئي ٿي. آخر گمبٽ اچي پهتس، درگاهہ شريف ۾ داخل ٿيس تہ مسجد ۾ ڪوڙ سارا ماڻهو پٿرين تي درود شريف پڙهي رهيا هئا، سائين ڪريمن تائين پهچڻ جو رستو نہ هيو، سائين ڪريمن جي جڏهن مونتي نظر پئي تہ پاڻ جماعت کي فرمايائون تہ بابا سيد کي جاءِ ڏيو، اٺون ڏينهن اٿس، مرشد جي ڳولها ۾ آهي، هن کي جڳهہ ڏيو تہ هيڏانهن اچي. پوءِ سائين ڪريمن جو مريد ٿيس ۽ پورا ٻارنهن سال سائين ڪريمن جي خدمت ۾ درگاهہ شريف تي رهيس.

اکين کان نابين شخص کي اکَ جو ڪير وڃڻ سان نور عطا ٿيڻ

نقل: سيد جمال شاهہ وينل ڳوٺ نبي بخش هيسباڻي لڳ سائدي، تعلقو سوڀوديرو ضلع خير پور محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ درگاهہ شريف تي اکين کان نابين هڪ همراهہ سائين ڪريمن کي عرض ڪيو تہ قبلا سائين، مون کي الله جي دربار مان اکين جو

نور وٺي ڏيو، سائين ڪريمن فرمايس تہ بابا، الله سائين پلائي ڪندو ۽ پوءِ پورو مهينو اهو همراهہ سائين ڪريمن کي عرض ڪندو رهيو هڪ رات سائين ڪريمن مون کي حڪم ڪيو تہ اڄ رات اَڪَ جو کير هن نابين کي ٻنهي اکين ۾ وجهہ. مان حڪم جي تعميل ڪندي اڪ جو کير ڪڍي آيس ۽ ان نابين کي سمهاري سندس ٻنهي اکين ۾ اڪ جو کير وڌو. مان رات جو سمهي رهيس، صبح جو اٿيس تہ اهو نابين درگاهہ شريف جا پاڻيءَ وارا مَٽَ ڀري رهيو هيو. سائين ڪريمن جي دعا سان ان نابين کي نور ملي ويو.

هي دستگير جو در آ، هتي سپ ڪوئي ايندو

نقل: حافظ خان محمد بروهي وينل ڪوئٽہ کان 70 ڪلوميٽر پري ڳوٺ مونگچر واري مرشد قبلا سائين حفيظ الله شاهہ بادشاهہ جن کي ٻڌايو ۽ انهن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هن جو پياءُ شاهہ محمد بروهي سائين ڪريمن جي خدمت ۾ رهيل هيو تہ هڪ پينُو فقير سُرندو وڄائيندو حويلي جي دروازي تان خير گهري رهيو هيو، شاهہ محمد کي ڪاوڙ اچي وئي تہ حويلي جي دروازي تي ساز ٿو وڄائي، سو پينُو فقير کي هن ٻہ ٽي چماٽون وهائي ڪڍيون. پينُو فقير سڌو وڃي سائين ڪريم کي دانهن ڏني، شاهہ محمد، سائين ڪريمن جي ڊپ کان ڀڄي ويو، تہ متان مرشد ڪريم جي زبان مبارڪ مان ڪو لفظ نہ نڪري وڃي، شام جو جڏهن درگاهہ تي آيو تہ سائين ڪريمن شاهہ محمد کي گهرائي سمجهايو تہ بابا هي دستگير جي درگاهہ آهي، هتي چور بہ ايندا، لُچا ۽ لفنگا بہ ايندا، وليءَ بہ ايندا، غوث بہ ايندا، هيءُ در ڪنهن جي لاءِ بہ تنگ ناهي، هي دستگير جو در آهي، هتي سپ ڪو ايندو.

توهان ڪان ڪو به ڪرايو نه گهرندو

نقل: حافظ خان محمد بروهي وينل ڪوئٽه ڪان 70 ڪلوميٽر پري ڳوٺ مونگچر واري حضرت مرشد قبلا سائين حفيظ الله شاھ بادشاھ جن کي ٻڌايو ۽ انهن محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته حافظ محمد عثمان زهري ۽ مان درگاھ تي سائين ڪريمن جي خدمت ۾ رهيل هوندا هياسين، هڪ ڏينهن سائين ڪريمن ڪان ڳوٺ وڃڻ لاءِ موڪل گهري ته قبلا سائين، ڳوٺ مان گهمي اچون. سائين ڪريمن اجازت ڏني پر اسان ٻنهي وٽ ڪرائي جا پئسا ئي ڪونه هيا، ان لاءِ سائين ڪريمن کي عرض ڪيو سين ته قبلا سائين ڀاڙو آهي ئي ڪونه، سائين ڪريمن فرمايو ته اوهان هي قراني آيت پڙهي ريل ۾ چڙهي پئو، ڪوئي به اوهان ڪان ڪرايو نه گهرندو، خان محمد ٻڌايو ته هي ٻئي ڄڻا اها آيت پڙهي ريل ۾ وينا پر سائين ڪريمن جي دعا سان گمبٽ ڪان روهڙي، پوءِ جيڪب آباد ۽ ڪوئٽه تائين ڪنهن به اسان ٻنهي ڪان ڪرايو نه گُهريو.

قريشي خليفي جو هٿ سائين محمد شاھ بغدادي جن جي هٿ ۾ ڏيڻ

نقل: حافظ خان محمد بروهي وينل ڪوئٽه ڪان 70 ڪلوميٽر پري ڳوٺ مونگچر واري حضرت مرشد قبلا سائين حفيظ الله شاھ بادشاھ جن کي ٻڌايو ۽ انهن محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته هڪ دفعي سائين ڪريم جن درگاھ شريف ۾ اندر دعا گهري رهيا هئا اسان به سائين ڪريمن سان گڏ هئاسون، سائين ڪريمن اسان سيني کي درگاھ مان ٻاهر نڪرڻ جو حڪم فرمايو، صرف قريشي

خليفي کي فرمايائون تہ تون اتي ئي بيهہ، جڏهن سيئي ٻاهر نڪتا سين، منهنجي دل ۾ خيال ٿيو ڏسان تہ سهي، سائين ڪريم جن ڇا پيا ڪن؟ مون ڏٺو تہ سائين ڪريم جن قريشي خليفي جو هٿ وٺي سائين محمد شاهہ بغدادي جن جي پَڙَ هينان جهلي بيٺا هيا. پوءِ شام جو مون کي قريشي خليفي ٻڌايو تہ سائين ڪريمن منهنجو هٿ سائين محمد شاهہ بغدادي جن هٿ ۾ ڏنو هيو.

سائين ڪريمن جي دعا سان پٽ جي اولاد جو عطا ٿيڻ

نقل: حافظ خان محمد بروهي وينل ڪوئٽہ ڪان 70 ڪلوميٽر پري ڳوٺ مونگچر واري حضرت مرشد قبلا سائين حفيظ الله شاهہ بادشاهہ جن کي ٻڌايو ۽ انهن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ رسول بخش عيسىٰ زئي هن جي ڳوٺ جو هيو جنهن کي پٽ جي اولاد نہ هئي. مان ان کي سائين ڪريمن وٽ وٺي آيس تہ پٽ جي اولاد لاءِ سائين ڪريمن ڪان دعا گهرائي ڏيانس. سائين ڪريمن دعا فرمائي ۽ رسول بخش کي فرمايائون تہ تو کي جيڪو پٽ ڄمي ان جو نالو محمد نواز رکجان. ان سال ئي سائين ڪريمن جي دعا سان رسول بخش کي جاڙا پٽ ڄاوا، انهن مان جنهن جو نالو محمد نواز هيو اهو زندهہ رهيو باقي سندس ٻيو پٽ ڪجهہ ڏنيهن ڪان پوءِ فوت ٿي ويو.

مئٽرڪ جي پيپر ۾ غير حاضر شاگرد کي پاس ڪرائڻ

نقل: طالب حسين سهتو وينل لڳ باءِ پاس شهر گمبٽ محمد علي سهتي کي ٻڌايو ته ڪمال الدين شيخ جيڪو ڪورٽ ۾ ساڻس گڏ ريڊر آهي اُن هِن کي ٻڌايو ته 1963 ۾ هو مئٽرڪ جي امتحان وينو. ان وقت پوري ضلعي ۾ مئٽرڪ جو امتحان ناز هاءِ اسڪول خير پور ۾ورتو ويندو هيو، هيءُ روزانو صبح جو ريل ۾ چڙهي پيپر ڏيڻ لاءِ گمبٽ کان خير پور ويندو هيو، چار پيپر ڏئي چڪو هيو آخري پيپر ڏيڻ لاءِ جڏهن گمبٽ اسٽيشن تي پهتو ته خبر پيس ريل نڪري چڪي آهي، ڏاڍو پريشان ٿيو پر ڪري ڪجهه به نه پئي سگهيو، پيءُ جي ڊپ کان گهر به ڳالهه نه ڪيائين ته ڪو هن جو پيپر رهجي ويو آهي. ڪجهه مهينن کان پوءِ جنهن ڏينهن اخبار ۾رزلٽ اچڻو هيو هي صبح جو سوير سائين ڪريمن وٽ درگاهه شريف تي پهتو، هن جي والد صاحب استاد ربنواز شيخ کي سائين ڪريم جن سني طرح سڃاڻيندا هئا ۽ خود هن کي به پيءُ جي ڪري سڃاڻيندا هئا. سائين ڪريمن هن کان اچڻ جو سبب پڇيو ته هن عرض ڪيو ته قبلا سائين، مان مئٽرڪ جي امتحان ۾ ناپاس پيو ٿيان، بابا کي خبر پوندي ته اهو منهجي پنيءَ تان کل لاهي ڇڏيندو، اڄ اخبار ۾ مئٽرڪ جو رزلٽ به اچڻو آهي. سائين ڪريمن پنهنجي کيسي مان پئسا ڪڍي هن کي ڏنا ۽ فرمايائونس ته تون وڃ، اخبار وٺي ان ۾ پنهنجو نالو ڏس، تون پاس آهين. هي شهر آيو ۽ اخبار جو انتظار ڪرڻ لڳو، اخبار ته آئي پر هن کي يقين نه پئي آيو، انڪري هن اخبار نه ورتي، هن جي ٻين ڪلاس فيلوز اخبار ورتي. هر ڪوئي پنهنجو پنهنجو نالو اخبار ۾ جاچڻ لڳو. هي ماٺ ڪري ويٺو رهيو، آخر هن جي ڪلاس فيلوز مان ڪنهن اچي هن کان پڇيو ته تنهنجي رزلٽ جو ڇا ٿيو؟ ته هن ڪين ورندي

ڏني تہ هن اجان اخبار ڏني ئي ناهي، هن جي دوستن هن کي ٻڌايو تہ تون پاس آهين ۽ تنهنجو نالو بہ آهي. هن جڏهن اخبار ۾ پنهنجو نالو ڏٺو تہ هن کي وري بہ يقين نہ آيو. هي پڪ ڪرڻ لاءِ ٻئي ڏينهن اسڪول ويو ۽ اتي اسڪولي رڪارڊ بہ جاچي آيو تہ ان رڪارڊ ۾ بہ هي پاس هيو. هوڏانهن کهڙا شهر جو ڪوئي سيد چوڪرو جنهن جو سيٽ نمبر هن سان گڏ لڳندو هيو، اهو آخري پيپر ۾فيل ٿي پيو، جڏهن ان سيد معلوم ڪرايو تہ هن کي ٻڌايو ويو تہ تون آخري پيپر ۾ ناپاس آهين. هي حيران ٿي ويو تہ جيڪو شاگرد آخري پيپر ۾ وينو ئي ناهي اهو پاس ۽ مان ناپاس. هن بورڊ آفيس ۾ درخواست داخل ڪئي تہ هن سان انصاف ڪيو وڃي. هنن ٻنهي کي آفيس گهرايو ويو. ڪمال الدين شيخ ۽ اهو سيد چوڪرو بورڊ آفيس پهتا تہ هنن جي آڏو آخري پيپر رکيا ويا، سيد چوڪري جو پيپر اندارن بلڪل خالي هيو ۽ ڪمال شيخ جو پيپر پريل هيو. کهڙن وارو سيد اهو ڏسي حيران ٿي ويو تہ هي سڀ ڇا آهي؟ پر ڪري ڪجهہ نہ پئي سگهيو سو چپ ٿي ويو ۽ ڪمال دين شيخ سائين ڪريمن جي مهربانيءَ سبب ان پيپر ۾ پاس ٿي ويوجنهن ۾ هو وينو ئي نہ هيو.

اللّٰہ ڪندو تون وزير ٿيندين

نقل: استاد رجب الدين سومرو وينل شهر کهڙا محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ گمبٽ جو رٽائرڊ هيڊ ماستر حاجي الهوارايو جوڻيجو، جيڪو سائين ڪريمن جي خدمت ۾سندن ٽپال وغيره جا جواب ۽ خود حڪناما لکڻ جي خدمت سرانجام ڏيندو هيو ۽ سندس والد صاحب سائين ڪريمن جي خدمت ۾ خاص خليفي طور رهندو

هيو، ان ٻڌايو تہ سائين ڪريم جڏهن آخري حج تان 1967 ۾ واپس آيا تہ ڪراچي، گزريءَ جي علائقي ۾ چام صادق علي جي بنگلي تي سندس عرض جي اجابت طور رهيا، سائين ڪريمن جي زيارت لاءِ ايندڙ سيني ماڻهن ۽ سندن رفيقن جي خوردونوش جي خدمت سني نموني ٿيندي رهي. اتان موڪلائڻ وقت گاڏيءَ ۾ پوئين سيٽ تي آءٌ ۽ چام صادق وينا هياسين، سائين ڪريمن ڪنڌ مبارڪ ورائي مونکي مخاطب ٿي فرمايو تہ الهورايا، چام صادق کي ٻڌاءِ تہ اسان تنهنجي خدمت مان خوش ٿيا آهيون، خدا ڪندو تون وزير ٿيندين. دنيا ڏٺو تہ چام صادق نہ صرف وزير بلڪ مرندي گهڙيءَ تائين وزيرِاعليٰ رهيو.

شينهن ٻيلي ۾ هوندو آ، يا پڃري ۾

نقل: استاد رجب الدين سومرو وينل شهر کهڙا واري محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ استاد حاجي الهورائي صاحب جن کي سائين ڪريمن جي آخري حج واري سفر ۾ سندن خدمت ۾ گڏ گذارڻ جو شرف حاصل ٿيو. موصوف ٻڌايو تہ مدينہ العاليہ ۾ رهائش دوران سائين ڪريمن حڪم فرمايو تہ ذوالفقار علي ڀٽي جو جيل وارو خط ڪڍو ۽ جواب ۾ ڪيس لکو تہ ”شينهن يا ٻيلي ۾ هوندو آهي يا پڃري ۾“.

دم جي بيماريءَ واري مريض ڪي ننگر جو اٽو پيهائڻ مان شفا ملڻ

نقل: استاد روشن پيرازادو وينل ڳوٺ صدرجي پٽيون تعلقہ ڪنگري ضلع خيرپور واري محمد بچل پيرزادي کي ۽ اُن محمد علي سهتي کي ٻڌايو تہ هڪ پيرسن عورت پنهنجي پٽ کي ساڻ ڪري سائين ڪريمن جي خدمت ۾ آئي ۽ عرض ڪيائين تہ قبلا سائين، هي منهنجو پٽ آهي، هن کي دم جي بيماري آهي، ڊاڪٽر چون ٿا اها بيماري هن کي سڄي عمر رهندي، سائين توهان ڪائي مهرباني ڪريو جو هن موذي مرض مان منهنجي پٽ جي جان آجي ٿئي. سائين ڪريمن ان عورت کي فرمايو تہ مائي، الله تعاليٰ ڀلائي ڪندو. ڪجهہ دير ڪان پوءِ اها پيرسن عورت پٽ کي اهو چئي حويلي ڏانهن هلي وئي تہ مان تنهجي لاءِ ننگر ڪٽي اچان. جهٽ ئي نہ گذري تہ حويلي تان ٻانهيءَ اچي سائين ڪريمن کي عرض ڪيو تہ سائين حويليءَ جي در تي ننگر جي ڪٽڪ پئي آهي ڪنهن مريد کي حڪم ڪيو، اٽو پيهائي اچي. سائين ڪريمن ان دم جي بيماريءَ واري ڇوڪري کي فرمايو تہ اٿي پٽ، ننگر جو اٽو پيهائي اچ. اهو ڇوڪرو ننگر جو اٽو پيهائڻ ويو تہ ڪجهہ دير ڪان پوءِ سندس ماءُ حويليءَ تان هن جي لاءِ ننگر ڪٽي آئي، هن جي پڇا ڪرڻ تي ڪنهن خليفي هن کي ٻڌايو تہ ان کي سائين ڪريمن ننگر جو اٽو پيهائڻ لاءِ موڪليو آهي. اهو ٻڌي ان پيرسن عورت سائين ڪريمن کي عرض ڪيوقبلاسائين، منهنجي پٽ کي اڳ۾ ئي دم جي بيماري هئي، ويتر اوهان ان کي اٽوپيهائڻ لاءِ موڪلي ڇڏيو. سائين ڪريمن ان پيرسن عورت کي فرمايو تہ، مائي، تون گهٻراءِ نہ، تنهنجي پٽ کي ڪجهہ نہ ٿيندو، مائي ماٺ ڪري ويهي رهي. جڏهن هن جو پٽ اٽو پيهائي واپس آيو تہ هن جي ماءُ هن ڏانهن ڀڳي تہ پٽ ڪان حال احوال ورتان، سندس پٽ هن کي ٻڌايو تہ سندس دم واري بيماري بلڪل ختم ٿي وئي آهي، هاڻي هن کي ڪابہ تڪليف ڪونهي. هو ائين تندرست آهي جڻ هن کي دم جي بيماري هئي ئي ڪو نہ.

خستہ ورماندہ ام، بہر خدا دستم بگیر،
یا محی الدین میراں غوث اعظم دستگیر۔

ترجمو: اءُ مفلس، نادار، عاجز ۽ مسڪين آهيان، خدا جي واسطي منهنجو هٿ پڪڙيندا. اي محي الدين ميران غوث اعظم دستگيرَسائين!.